

9
سنڌ ۾ مارڪسزم-لينننزم جو پرچارڪ
ٻہ ماهي
سماجواد
جنوري فيبروري 2013

سنڌ ۾ مارڪسزم – لينزم جو پرچارڪ

ٻه ماهي

سماجواد

حيدرآباد

(نائين ڪڙي) جنوري / فيبروري 2013ع

ايڊيٽر

شاهه عنايت

ايڊيٽوريل بورڊ

مشتاق علي شان، بادل سنڌي
شفقت قادري، سڏارت ڪولهي
بخشل ٿلهو، ڪامريڊ آزاد ماڇي
فيض ڪيريو

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

انور حسين سومرو

قيمت: =/50

لکپڙهه لاءِ ايڊريس

فليٽ نمبر 310 -311 V.I.P اپارٽمينٽ
مين قاسم آباد حيدرآباد
Cell # 03443333888

فهرست

ادب

چاتل سچاتل اجنبي (ڪهاڻي)

ڪامريڊ آزاد ماڇي

ايڊيٽوريل

ڊبنگ 1 (عمران خان) جي ناڪامي ڪانپوءِ هاڻ ڊبنگ 2 (طاهرالقادري)

هن ملڪ جي پوري غير عوامي تاريخ شاهد آهي ته هتي "سياست جي نوٽنڪي" جون سموريون ڳوٺون "واڳ ڌڻين" جي ئي وس رهنديون آيون آهن. عوامي قوتن جي ور ور ڏئي اسرڻ ۾ مات کائڻ ڪري هتي مرضيءَ جو هڪ ئي قسم "مالڪن جي مرضي" هلندو آهي. ڌڻي چاهين ته ملڪ کي اوپر هلائين يا چاهين ته اولهه؟ سندن مرضي ۽ منشا خلاف هاڻ هلڻ ته نهيو پر سوچڻ جي پڻ سمورن رستن تي رياستي فڪر جا ٿينڪر بيهاريل آهن. ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته هتي سندن "هلت – چلت" جي حمايت ته سندن مِنشا مطابق ئي ٿيندي آهي، پر ان جي مخالفت جي "ماپ – تور" به سائين جن پاڻ ڪندا آهن.يعني فلم جا پورڊيوسر به پاڻ ته نقاد به پاڻ. عام فلمي دنيا ۾ جيڪڏهن فلم جو پهريون پارٽ ڪامياب ويندو آهي ته پوءِ ٻيو پارٽ ايندو آهي پر رياستي فلمي دنيا جي مارڪيٽ ابتوڪم ڪندي آهي تنهنڪري ڊبنگ ون (عمران خان) جي ناڪامي ڪانپوءِ هاڻي عوام لاءِ حاضر آهي ڊبنگ ٽو (طاهرالقادري)

ڪئينيڊا مان کهي آيل قادري صاحب جي ڪرشمن جي هاڪ ته هنڌين ماڳهين ڦهيل آهي. ماڻهن ڏٺو ته مُشرفي دؤر ۾ ڪاوڙ ۾ آيل ڪنهن قلندر جيان زمين ۾ ٽُبي هڻي گم ٿي ويندڙ قادري صاحب اليڪشن جي موسم ۾ ڪيئن ڪنهن زرهه – پوش مهديءَ جيان تجلا ڏيندڙ تلوار سان ڌرتيءَ تي وارد ٿيو آهي. توڻي جو منهاج القرآن تنظيم جون ڪي عوامي پاڙون ڪونه هيون پر فلم جي پهرين شوٽنگ جيڪا 23 ڊسمبر تي لاهور ۾ رکيل هئي سا تمام گهڻي سيڙپڪاري سان ڪامياب وئيءَ هاڻي ٻي شوٽنگ اسلام آباد ۾ طئي ٿيل آهي.سائين جن جو چوڻ آهي ته 14 جنوري تي سندس اعلانيل "چاليهه لک ماڻهن جو لانگ مارچ" ملڪ ۾ انقلاب جي شروعات هوندي. هاڻي جيستائين اهو انقلاب اچي سو اچي. في الحال ته پاڻ هر هنڌ، وڏي واڪي "انقلاب دوستن" کي اعلانيه دعوتون ڏيندو ٿو. "ڪراچيءَ جي ڪوٽوالن" کان ويندي "گجرات جي گُجرن" تائين، ’حق پرست انقلابين‘ جا ڪٽڪن جا ڪٽڪ قادري صاحب جي هٿ تي بعيت ڪندا، سندس "انقلابي فوج" ۾ شامل ٿيندا پي ويا. پر فلم جي انٽرويل کان پهرين پهرين ، حسبِ توقع، 11 تاريخ تي ايم ڪيو ايم جي قلابازي سان فلم ۾ ٽوئسٽ اچي ويو آهي.

اها ڳالهه ته طئي آهي ته قادري صاحب جي "انقلاب جي اجازت نامي" تي "مٿين آقائن" جي ئي صحيح ٿيل آهي، پر لڳي پيو ته آقا به اقتدار ۽ رياست جي بقا جي بنيادن جي سوال تي ورهايل آهن اهو جانچڻ انتهائي اهم آهي. اليڪشن ويجهو اچڻ شرط ئي اليڪشن ملتوي ٿيڻ جون افواهون ۽ پوءِ طاهرالقادري جي روپ ۾ منظم بدانتظامي جي ڪوشش فوج جي مهم جو حصي ڪانسواءِ ٻئي ڪنهنجي جي فائدي ۾ آهي؟ جيڪو پهرين کان مظبوط عدليه ۽ پارليامينٽ جي ڪري، سونٽي جي سڌي راند ڪيڏڻ جي پوزيشن م ڪونهي.

قومي اسيمبلي جو مُدو ايندڙ مارچ مهيني ۾ پورو ٿيڻ وارو آهي ۽ پ پ پنهنجي حڪومتي دؤرم عوام ڪانوڏيڪ عوام دشمن قوتن جي مفاهمت جي نالي ۾ خدمت ڪئي آهي، اهو سوچيندي ته جيڪا راهه اقتدار ڏانهن ويندي آهي ان جو تعين عوام نه پر عوام دشمن قوتون ئي ڪنديون آهن. سو اهڙي صورت ۾ جڏهن صدر زرداري احسن نموني سان زردارن جي نمائندگي ڪندو هجي تڏهن ڪنهن خان ۽ قادري جو ڪرادر محدود ٿي وڃي ٿو. پر جيڪڏهن سندس صدارتي دؤر ۾ ئي نيون چونڊون ٿي وڃن ٿيون ۽ پي پي کي مائينس ڪري ڪو ٻيو اتحاد حڪومت جون واڳون سنڀالي ٿو ته اهو طئي آهي ته ڇهن مهينن کان پوءِ سندس صدارتي مدو پورو ٿي وڃڻ بعد نه صرف ڪيس صدارتي محل مان انتهائي بي آبرو ٿي نڪرڻو پوندو پر گڏوگڏ سوئيس بئنڪ اڪائونٽس

سميت ڪوڙ سارا ٻيا ڦاها به سنڌس ڳلي ۾ پئجي ويندا. تنهنڪري سنڌس صدارتي مُدي پوري ٿيڻ تائين موجوده اسيمبلي جو موجود هجڻ سنڌس اولين خواهش آهي. جنهن ذريعي پاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر صدر چونڊجي پنهنجو اقتدار ۽ پنهنجو سِر بچائي سگهي.ساڳي وقت اليڪشن لاءِ نگران حڪومت جي ضرورت جي آئيني خاتمي ڪانپوءِ اصل واڳ ڏٽين جو نئين پارليامينٽ جي چونڊ ۾ ڪردار ڪنهن قدر گهٽ ٿيو آهي. تنهن ڪري انهي آئيني سڌاري خلاف ۽ نگران حڪومت جي حق ۾ طاهرالقادري جا ڏنل ڌمڪين ڀريا بيان پڻ ڪنهن حد تائين ٻڌائين ٿا ته سرِ آئينه طاهر ڪا عڪس هي، پسِ آئينه ڪوئي اور هي. اهو ئي سبب آهي جو پي پي سان 1500 اختلافن باوجود ن ليگ ، عسڪري قوتن جي سياسي ڪردار خلاف سويلين سيٽ اپ جي حق م ٿي بيهندي آهي.

بهرحال عوامي نقطه نگاهه کان جيڪا ڳالهه اهم آهي سا اِها ته حڪمران قوتن جي داخلي تضادن منجهان عوامي قوتون فائدي وٺڻ واري مرحلي کان اڃان ڪوهين ڏور آهن. تنهنڪري اِنهن قوتن لاءِ آسان آهي ته اسٽيٽس ڪو حامي نيون سياسي قوتون رات ڏينهن ۾ اپاري سگهن. جيسيتائين ائين رهندو تيسيتائين مظلوم طبقن ۽ محڪوم قومن جي آزادي ۽ خوشحالي به خواب ئي رهندي..

ڏيهي سياسي صورتحال

ٽن پارٽين جو انضمام ۽ عوامي ورڪرس پارٽي جو جنم

نثار لغاري

11 نومبر 2012ع تي لاهور ۾ ٽن کاٻي ڌر جي پارٽين عوامي پارٽي ورڪرس پارٽي ۽ ليبر پارٽي وچ ۾ انضمام ٿيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ عوامي ورڪرس پارٽي وجود ۾ اچي وئي آهي. هنن ٽن پارٽين ۾ مختلف رجحان موجود هئا جن جي هن ريت درجي بندي ڪري سگهجي ٿي. لبرل ترقي پسند،



سماجي جمهوريت پسند ۽ مختلف مارڪسي رجحان جن کي گڏائي ڪميونسٽ رجحان چئي سگهجي ٿو. هنن رجحانن يا خيالن جو هڪ پارٽيءَ ۾ گڏجڻ يقينن هڪ ڏکيو مرحلو هو ۽ اڄ به آهي. هنن سيني ڌرين جي هڪ عوام دوست پارٽي تعمير ڪئي وئي. هي رجحان يقينن هڪ نظريي تي ٻڌل پارٽي ناهڻ جي پوزيشن ۾ نه هئا انڪري هڪ عوامي جمهوري طبقاتي ۽ سامراج دشمن لڙائي کي اڳتي وٺي ويندڙ پروگرام تحت پارٽيءَ جو عبوري پروگرام ٺاهيو ويو.

اسان جي هن خطي يا سماج ۾ (4) اهم تضادن کي بنياد بنائي انهن تحت جدوجهد ڪرڻ جو پروگرام جوڙيو ويو. (1) طبقاتي تضاد (2) سامراجي تضاد (3) مذهبي تضاد (4) قومي تضاد – درحقيقت اِهي ئي چار اهم ۽ بنيادي تضاد آهن جن جي چوڌاري اسان جو سماج گهمي رهيو آهي ۽ هيءَ سماج جي اوسرجو عمل وڏي حد تائين رُڪيل آهي جمود جو شڪار آهي.

1991ع ۾ سوويت يونين جي ڊهڻ ۽ عالمي سوشلسٽ ڪيمپ جي خاتمي کان پوءِ سموري عالمي پورهيت ۽ ڪميونسٽ تحريڪ زوال جو شڪال ٿي وئي. جتي ڪميونسٽ پارٽيون نهايت ڪمزور رهيون اُتي اُهي ختم ٿي ويون جتي طاقتور هيون اُتي هنن پنهنجو سياسي پروگرام جمهوريت پسنديءَ يا سماجي جمهوريت پسنديءَ تائين هيٺ ڪري ڇڏيو. هندستان جون ٻئي ڪميونسٽ پارٽيون ان جو مثال آهن پاڪستان يعني اسان جهڙن سماجن ۾ جتي ڪميونسٽ تحريڪ تي اڳ ۾ ئي گهٽيون رياستي سختيون هيون ۽ هتي اُهي خارجي طرح سوويت يونين جي ڌِ تي بيٺل هيون انڪري جڏهن سوويت يونين ڊهي ويو ته چڙ عقيدو به ڊهي پيو انڪري وڏا ڪميونسٽ اڳواڻ هتي پارٽين ۽ نظريي کان توبهه تائب ٿيا. ان جو نتيجو پيانڪ نڪرٽو هيو، هتي مارڪسي تحريڪ جي صورتحال نهايت ڪمزور ٿي وئي بلڪه اُها هڪ دؤر ۾ تمام پٺتي هلي وئي.

ٻن ڏهاڪن کانپوءِ اُها آهستي آهستي پاڻ کي بحال ڪري رهي آهي. مارڪسي گروپ نهايت ننڍي پئماني تي پيدا ٿيا آهن، اسٽڊي سرڪلز جو آغاز ٿيو آهي عالمي ۽ مقامي سطح تي مارڪسزم لينزم جو دفاع ۽ تشريح توڙي ترويج جو ڪم ٿي رهيو آهي پر اسان جي سماج جي دائري ۾ اهو اجا نهايت ابتدائي سطح تي آهي. هن جو نتيجو لازمن خود اهڙي انقلابي سياسي تنظيم جي ٺهڻ کي به طيءِ ڪري

رهيو آهي. تمام ٽورو انقلابي نظرياتي مارڪسي ڪيڊر هڪ انقلابي پارٽي جي تعمير جي قابل نه آهي جيڪا سماج ۾ موجود اهم تضادن جي مدمقابل ٿي بيهي سگهي.

هن وقت اِهو ئي سبب آهي جنهن جي ڪري انهيءَ انقلابي مارڪسي رجحان سماج ۾ بنيادي تضادن جي اهميت کي محسوس ڪندي هڪ عوامي جمهوري انقلابي پارٽي جي تعمير جو ابتدائي ڪم پنهنجي حصي ڪنيو آهي. انقلابين جي نهايت ننڍي گروهه، سماج جي تضادن کي اڳيان رکندي هڪ نهايت جبر واري ڏکي صورتحال ۾ سماج ۾ اڳ موجود مختلف ترقي پسند رجحانن کي گڏائي هڪ پارٽي پروگرام هيٺ گڏ ڪيو آهي. موجوده صورتحال ۾ هي نهايت اهم ۽ بنيادي ڪم هو جيڪو سر انجام ڏنو ويو.

عوامي ورڪرس پارٽي ٺاهڻ جو فوري مقصد اِهو آهي ته سموري ملڪ ۾ ٽڙيل پکڙيل ترقي پسندن ۽ مارڪسي گروپن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪجي ته جيئن سيني رجعتي قوتن جو گڏيل طرح مقابلو ڪري سگهي.

جاگيردار، وڏيرا، سرمايدار ۽ هتي سندن آقا حڪمران فوجي ٽولو هڪ ٻئي سان شديد اختلاف هوندي به گڏ آهي، پنهنجا تضاد گڏيل طرح حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. عدليا، پارليامينٽ ۽ فوج وچ ۾ ادارتي تضاد به درحقيقت انهيءَ جهيڙي جو نتيجو هو ۽ آهي. مذهبي انتها پسندي ۽ دهشتگردي پڻ هت هن جهيڙي جو اهم ترين حصو آهي جنهن ۾ اسين جي. ايچ. ڪيو (GHQ) تي حملا به ٿيندي ڏسون ٿا.

موجوده دؤر عالمي توڙي ملڪي سطح تي هڪ رجعتي دؤر آهي. هي ڪو انقلابن جو دؤر نه آهي. انڪري موجوده حالتن ۾ حقيقي انقلابي مارڪسي قوتن کي حڪمت عملي به اهڙي ترتيب ڏيڻي پوندي جيڪا موجوده دؤر جي موجود معروضي حقيقتن تي آڌاريل هجي.

ڪامريڊ عاصم آخوند پنهنجي هڪ مضمون

”عالمي رجعتي دؤر ۽ ترقي پسندي“ ۾ چوي ٿو ته ”تاريخ جي هن ڏاکي تي مظلوم قومن ۽ طبقن جي انقلابي سياسي تحريڪ واضح شڪل ۾ موجود نه آهي ۽ اجا لڙائي سوشلزم ۽ سرمايداري جي وچ ۾ نئين سر اڀري نه سگهي آهي. دراصل اڄوڪي دنيا جي لڙائي سموري دنيا کي رجعت پسند لهر کان بچائڻ جي لڙائي آهي“. هڪ ٻئي هنڌ هو لکي ٿو ته ”اڄوڪي عالمي سرمائيداري نظام ۾ رجعت پسنديءَ ۽ ترقي پسندي جي وچ۾ سچ جا سپاهي اڃا چمڻ جي عمل ۾ آهن. اڄ جي هن سموري دنيا ۾ انقلابي قوتن جو سڀ کان اولين فرض هاري ۽ پورهيت کي سياسي عمل ۾ شريڪ ڪرائڻ ۽ اُنهن کي سياست جي تعين ڪندڙ سگهه ۾ بدلائڻ آهي. (حوالو ڪتاب ”آزاديءَ جو فڪر صفحو نمبر 70-71).

اسين جيڪڏهن تاريخ ۾ بالشويڪ پارٽي جي تعمير ۽ سندس حقيقي مارڪسي ليننی نظريي طرف پختگيءَ جي عمل جو جائزو وٺون ته اهو پڻ ڪيترن ئي مرحلن تي آڌاريل آهي.

ڪميونسٽ پارٽي بالشويڪ جي تاريخ نالي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته: ”روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽيءَ جي پهرين ڪانگريس مارچ 1898ع ۾ منسڪ شهر ۾ منعقد ٿي. ان ۾ 9 ماڻهو شريڪ ٿيا..... هن ڪانگريس طرفان جيڪو اعلان نامو جاري ٿيو ان ۾ ڪئي خاميون هيون. هن ۾ ان سوال جو ذڪر نه هو ته مزدورن کي سياسي قوت حاصل ڪرڻ گهرجي، نه ته هن ۾ اهو بيان ڪيو ويو ته مزدور طبقو ئي سماج جو اهم طبقو آهي ۽ نه ئي اهو

ته زاريت جي خلاف ۽ سرمايدارن جي مقابلي ۾ ڪهڙا طبقا هُن جي مدد ڪندا. بحرحال هن ڪانگريس جي خاص اهميت انهيءَ ۾ آهي ته روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي ٺاهڻ جو باقاعده فيصلو ڪيو ويو، جنهن جي ڪري انقلابي تحريڪ گهڻي شهرت حاصل ڪئي (حوالو ڪميونسٽ پارٽي بلشويڪ جي تاريخ صفحو نمبر 29) هن ئي صفحي تي هڪ هنڌ لکيل آهي ته: ”نارودنڪن جو مقابلي ڪرڻ لاءِ لينن قانوني مارڪيسن سان وقتي سمجهوتو ڪرڻ مصلحت جي خلاف نه سمجهيو.“

نارودنڪ سماجي سڌار پسند هئا ۽ مارڪسزم جي سخت خلاف هئا. قانوني مارڪسي روس ۾ سرمايداري نظام اندر رهندي سڌارا آڻڻ جا قائل هئا ۽ هو محظ انقلاب جي خلاف هئا. لينن ڪي هڪ مرحلي تي جڏهن مارڪسزم جي لڙائي ڪي اڳتي وڌائڻو هو ته اُتي هو قانوني مارڪيسن سان مصلحت ڪري ٿو. هڪ ٻئي دؤر ۾ جڏهن نارودنڪ رجحان ڪي هو مڪمل شڪست ڏئي چڏين ٿا ته وري قانوني مارڪسسٽن سان لڙائي ڪن ٿا.

اسين روس ۾ به انقلابي پارٽي جي تعمير جي عمل ڪي مختلف مرحلن ۾ اڳتي وڌندي ڏسون ٿا. ڪامريڊ لينن ڪيتريون مصلحتون ڪيون آهن ۽ صبر سان ڪهڙي ريت انقلابي خيالن ڪي اڳتي وڌايو آهي اهو نهايت ڏکيو عمل هو.

اڄ جڏهن سوويت يونين ڊهي چڪو آهي خود آڪٽوبر انقلاب بابت ڪيترائي سوال اُٿاريا پيا وڃن ۽ هڪ پورو رجعتي غير انقلابي دؤر اسان جي اڳيان ڪرڪنيون بيٺو آهي تڏهن اسان هڪ انقلابي مارڪسي لينني تحريڪ ۽ پارٽيءَ جي تعمير ڪي ڪيئن ڏسون اهو نهايت اهم آهي.

اڄ اسان جي خطي جي صورتحال اِها آهي جو فوجي حڪمران ٽولي ۽ سنڌس اتحادي سولين بورجوازي يعني سرمايدار جي سماج تي گرفت مظبوط ٿي آهي، طبقاتي جدوجهد تمام گهڻو ڏڪجي پوئتي هلي وئي آهي بنياد پرستي اسلامي انقلاب جي نالي تي پاڻ ڪي هڪ متبادل طور پيش ڪندي دهشتگردي ڪري رهي آهي. ملالا ڪان وٺي پوليو جا ڦڙا پيارينڊڙ ليڊي هيلٿ ورڪرس ڪي قتل ڪيو پيو وڃي ۽ پوليو جي خلاف هي رياست ۽ حڪمران مولوين ڪان فتويٰ وٺڻ تي مجبور ٿيا آهن“ ٻئي طرف قومپرست عالمي سامراج آمريڪا ڪان قومي آزاديءَ جي اميد ڪري رهيا آهن. اجا ڪي ٻيا هڪ پير جي سربراهيءَ ۾ جمهوري وفاق ۽ 1940ع جي قرارداد بحال ڪرائڻ لاءِ نڪتل آهن. اهڙي صورتحال ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟؟؟

اسان وٽ هڪ طريقو اهو آهي ته ”نج مارڪسي“
پروگرام رکندڙ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ وينا هجون ۽ موجوده تاريخ جي بدترين حالتن ۾ ڪو به حقيقي عوامي متبادل بنجڻ جي ڪوشش نه ڪريون يا عالمي ۽ ڏيهي سياسي صورتحال جي تناظر ۾ اسان وٽ موجود ساڄي ڌر جي واڌ ۽ غلبي واري دؤر ۾ مجموعي طور تي کاٻي ڌر ڪي منظم ۽ مضبوط ڪرڻ جو انقلابي فرض ادا ڪريون ته جيئن سياڻي کاٻي ڌر جي داخلي تضادن جي اوسر جو عمل جاري ۽ تيز ٿي سگهي.

هن وقت ٽن پارٽين جي انضمام ڪانپوءِ هڪ طرف الٽرا- ليفٽ انقلابين جي تنقيد آهي جيڪي هِن انضمام ڪي نظريئي ڪان آزادي قرار ڏئي رهيا آهن ٻيا وري روشن خياليءَ جي نقطئه نظر سان سڪيولرزم جي لڙائي جي نسبت ۾ عوامي ورڪرز پارٽي جي جنم ڪي اهم پيش رفت سمجهي رهيا آهن. هن وقت تائين عوامي ورڪرز پارٽي جي انضمام ۽ هن سموري عمل تي

50 كان وڌيڪ مضمون لکجي چڪا آهن جن مان گهڻا انضمام جي حق ۾ آهن. هن مان بحرحال اهو ثابت ٿئي ٿو هن سموري عمل تي غور ويچار ۽ ردعمل شروع ٿي ويو آهي. هڪڙن مخصوص رجحان رکندڙ مارڪسزم جي نالي تي دڪانداري ڪندڙن کي اهو خطرو پڻ آهي ته سندن دُڪان بند نه ٿي وڃن انڪري هو هن انضمام جي ڪمزور مصلحتي پاسي، جنهن کي لينن به قدم پوئتي چئي ٿو، کي جواز بنائي حملا ڪري رهيا آهن. پر هڪ ٻيو پاسو به آهي جيڪو امڪان، اميد ۽ عمل جو پاسو آهي اُن تي غور ۽ عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو آهي صبر سان، انقلابي ليننی جذبي، فڪر ۽ قرباني سان حقيقي انقلابي رجحان جي تعمير درحقيقت انقلابي پارٽيءَ جي تعمير!!

انقلابي نظريي جي سمجهه کي پنهنجي سماج ۾ عمل هيٺ آڻڻ، اُن کي عملي بنائڻ جو عمل خود هڪ تخليقي ۽ انقلابي ڪم آهي. هي تخليقي پورهيو نه ڪري سگهندڙ ماڻهو پڻ پنهنجي مخصوص دائري ۾ بند ٿيا ويٺا هوندا آهن ۽ عوامي ورڪز پارٽيءَ جهڙي انظمام جي به هڪ هنڌ تعريف ڪن ٿا ته وري ٻي جڳهه تي اُن کي غير انقلابي عمل ڪو ٿين ٿا.

اسان کي جيڪڏهن هن سماج کي موجوده رجعتي سامراج نواز حڪمران طبقن کان آزادي ڏيارڻي آهي ته تخليقي ٿيڻو پوندو. حقيقي انقلابي حالتن کي پيدا ڪرڻ لاءِ اڻٿر مصلحتون به ڪرڻيون پونديون. مارڪسي لينني نظريي جي پرچار جو ڪم تيز ڪرڻو پوندو- وڏيڪ قربانيءَ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو.

سماج ۾ عملي سياست نهايت ڏکيو عمل آهي جنهن ۾ اوهان پنهنجي نظريئي مطابق سياست ڪندا آهيو. عملي سياست ۾ غلطيون ڪرڻ جا امڪان به هوندا آهن. پر جيڪڏهن ڪا ڌر خاموش ٿي ويٺي هجي ته اُن جي غلطين ڪرڻ توڙي سماج ۾ اثر ڇڏڻ جا امڪان نه هجڻ برابر هوندا آهن.

عوامي ورڪرز پارٽي تي اهو حملو ٿي رهيو آهي ته هنن سوشلزم کي ڇڏي ڏنو آهي پر پارٽي پروگرام جو پهريون حصو ئي انهيءَ نقطي کي اجاگر ڪري ٿو يعني سوشلزم ۽ پوءِ هڪ غير طبقاتي سماج اسان جي پارٽي جي آخري منزل آهي. انڪري هتي تنقيد جو جواب فقط ايتروئي آهي. باقي عبوري پروگرام ۾ پڻ اسان پنهنجا جيڪي نقطا رکيا آهن اُهي سماج. کي هڪ غير طبقاتي سماج طرف ئي وٺي ويندا. استحصال جي هر صورت جو خاتمو، اسان جي اولين فرضن ۾ شامل آهي. انڪري اسان ٻي جا تنقيد جي جواب ۾ نٿا پئون. اها ڳالهه درست آهي ته پارٽي پروگرام واضح هجڻ گهرجي ۽ اهو پارٽي جي نظرياتي انقلابي مقصدن کي واضح ڪري. اها ڳالهه پڻ اسان وٽ گهڻي پاڳي واضح آهي هڪ ٻي ڳالهه پڻ آهي ته پارٽي پروگرام هميشه متحرڪ هوندو آهي. ان ۾ مقصدن جي اوليت معروضي حالتن تحت طئي ٿيندي آهي، انڪري ان ۾ مثبت ۽ انقلابي تبديلين جي گنجائش هر وقت موجود رهي ٿي

هڪ انقلابي پارٽي جي تعمير سماج ۾ هڪ طرف انقلابي ڪيڊر کي وڌائڻ تي آڌاريل آهي ته ٻئي طرف سماج ۾ عملي پروگرام تي آڌاريل آهي تنهنڪري هن وقت اسان جو اولين مقصد نظرياتي ڪيڊر جي ججهي انداز ۾ تياري آهي. ٻي اهم ڳالهه اُها ته اهو ڪيڊر عملي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجي. هي ڪجهه معاملا هئا جن جي اسان هتي پچار ڪئي. هي موضوع يقينن ڪيترن ئي پهلوئن کي پنهنجي اندر ۾ سانڍي رکي ٿو. هي هڪ عمومي موقف هو جيڪو اوهان جي اڳيان رکيو ويو آهي. هن انفمام تي اڳتي به بحث جاري رهندو.

سُرخ پرچم کی ضرورت اب بھی ہے!

کامریڈ شفیق احمد شفیق



حُسن کی مالا کے دانے
منتشر
امن کا ہے پیڑ اب تک
بے ثمر
حُریت کی ہے سلاسل
ہمسفر
رہزنوں کے مقتدی ہیں
راہبر
سامراجوں کی شرارت
اب بھی ھے
سرُخ پرچم کی ضرورت
اب بھی ہے
موسمِ گل کی خزاں سے
دوستی
جس کے موسم میں
گھٹتی زندگی
شب کے فُٹ پاتھوں پہ
مرتی روشنی
کونپلوں کی احتجاجاً
خودکشی
کالے سورج کی حرارت
اب بھی ہے
سرُخ پرچم کی ضرورت
اب بھی ہے
آج بھی گلشن پہ گلچیں
کا ہے راج
فاختہ کے خون کا کوّں
پہ تاج
چند کیڑوں کے ذخیروں
میں اناج
دو دِلوں کے درمیان ظالم
سماج
بہری اور اندھی عدالت
اب بھی ہے
سرُخ پرچم کی ضرورت
اب بھی ہے
آج بھی محنت کا
استحصال ہے
دندناتا زر کا یہاں دجال
ہے
آج بھی انسانیت بدحال
ہے
چھینا جھپٹی بھوک ننگ
اور کال ہے
دورِ وحشت کی روایت
اب بھی ہے
سرُخ پرچم کی ضرورت
اب بھی ہے
آج بھی انسان سے ہے
انسان جدا
عدل کی طالب ہے

مخلوق خدا
دین کے پیچھے منافع چھپا ہے
خوف اور لالچ کا ہر سو مافیا
زہر آلودہ ملاوت اب بھی ہے
سرُخ پرچم کی ضرورت اب بھی ہے
آج بھی عیسیٰ یہاں مصلوب ہے
آج بھی منصورِ حق معتوب ہے
جامِ سم سقراط کو مطلوب ہے
اور برونو آگ سے مغلوب ہے
غیر انسانی حکومت اب بھی ہے
سرُخ پرچم کی ضرورت اب بھی ہے
سیم و زر کے بُت گِرانے کے لئے
رجعتی پتلے جلانے کے لئے
درجے طبقاتی مٹانے کے لئے
دیس کو جنت بنانے کے لئے
سرُخ پرچم کی ضرورت کل بھی تھی!
سرُخ پرچم کی ضرورت اب بھی ہے!!
سرُخ پرچم کی ضرورت اب بھی ہے!!!

ماڻهو پاڻ ويڪسين نه ڪرائين، پوءِ به ڏوهه حڪومت جو!

بخشل ٿلهو



اڄ هن آرٽيڪيل جي لکڻ وقت نئين سال جي شروعات ٿئي ستون ڏينهن آهي، صحتمند دنيا نئين سال جا جشن ٿي ملهايا پر اسان جهڙا بيمارسماج عوامي سطح تي جشن بجاءِ مختلف بيمارين ۽ وبائن ۾ پاڻ بچائڻ ۾ پورا آهن. تازو ارڙي جي بيماري سبب ڪي 300 گهر پنهنجي اڱڻ جي سونهن وڃائي چڪا آهن. ٽن ڪان پنجن سالن جي عمر جون زندگيون اڃا انگل ڪرڻ سکن ئي ٿيون ته انهن کي دفنايو ٿو وڃي. سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتو ٿيل ۽ ٿيندڙ نقصان جو ذميوار هاڻي عوام ۽ انجي غفلت يا جهالت کي قرار ڏئي رهيا آهن. حڪومت جو الزام ڪنهن حد تائين بظاهر ته ٺيڪ ڏسڻ ۾ ايندو ته اخبارن ۾ حڪومت بيمارين خلاف اشتهار به ڇاپي پئي. ڊاڪٽرو اسٽاف به حرڪت ۾ آهن پر ماڻهو کي الائي ته ڪهڙي غيبي قوت جو آسرو هوندو آهي جو ويڪسين ڪرائڻ بجاءِ شفا جي سموري ذميداري آسمانن تي رکي ڇڏيندو آهي يا پنهنجي ۽ پنهنجن جي جسمن کي انهي غفلتن سبب ائين پيو ڳاهيندو آهي ڄڻ ڪي اهي پراوا ته پري ڄڻ ته ساهوارا ئي نه هجن. حڪومت ۽ صحت کاتي جي هن بيان کي اٿي ۾ لوڻ برابر ڊاڪٽرن کي ڇڏي ڪري، نجي توڙي سرڪاري شعبي جا سمورا ڊاڪٽر هر هنڌ ورجائي رهيا آهن پر انهيءَ سوچ کي ٿوري گهرائي سان ڏسڻ ڪانپوءِ مامرو يڪسر بدلجي وڃي ٿو. حڪومت جي بيان مان ته لڳي ٿو ته هن عوام جي غفلت يا جهالت جا ڪي معروضي سبب آهن ئي ڪونه. ڄڻ هي غفلت يا جهالت عوام جا ڪي پيدائشي اوگڻ هجن. پر سوال آهي ته ڇا حڪومت پنهنجا سمورا رياستي، فلاحي ۽ انتظامي فرض پورا ڪري چڪي آهي جو هاڻي پڇاڙو عوام کان ڪجي؟ مثال طور جڏهن سرڪار پنهنجي ساليانې 100 رپين جي بجيٽ مان 30 رپيا عالمي قرض لاهي ۽ 30 رپين مان رڳو بم ٺاهي ۽ تعليم ۽ صحت تي صرف رپيو به رپيا خرچ ڪري ان مان به لاڳاپيل اداري جي ڪرپٽ ڪاموراشاهي پالي، جيڪا پنهنجي گذر سفر ۾ اڃا به سوڙهي هجي ۽ ٺيڪيدارن ذريعي گهٽ معيار جون ويڪسينون خريد ڪرڻ تي مجبور ٿي پئي ۽ مٿان اهو ته ٺهڻ ڪانوڻي آخري استعمال ڪندڙ تائين، ڊسٽريبيوشن جي پوري عمل ۾ گهٽ سهولتن سبب ويڪسينن جي گهربل ٿڌاڻ (COLD STORAGE) به نه سنڀاري سگهي. هر هيلٿ سينٽر ۾ ڪٿي حقيقي ته ڪٿي ڪوڙي پر 40 سيڪڙو کان مٿي ويڪسينيشن ڏيکاري نه سگهي ۽ ويڪسين تي مامور ٽيڪنيڪل اسٽاف کي صرف هڪ دفعو ياماها موٽر سائيڪل ڏئي وري زندگي ۾ نه ڪين پيٽرول ۽ نه وري مينٽيننس جي مد ۾هڪ روپيو به ڏئي سگهي تڏهن به سرڪار ۽ صحت کاتو ، هر وبائي بيماري

۽ صحت سان لاڳاپيل هر مامري مان آجو ۽ عوام ويچارو ڦاسيو وڃي.پر ڪو ڪامورو سوچي ٿو ته جئين ته ماڻهو هر شئي لاءِ سرڪار ڏانهن ڏسندي پنهنجي انفرادي صحت جي گهرجن ۽ ذميوارين کان لاتعلق ٿيندو ٿووڃي ته انجي جواب ۾ حڪومت وٽ هڪڙو ئي حل آهي ۽ اهو آهي صحت جي شعبي جي آهستگيءَ سان شروع ڪيل نجڪاري. بلڪل ائين جيئن روزگار جي ذميواري رياست پاڻ تان هٽائي، انهيءَ ڪي انفرادي مامرو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي جيڪڏهن اسان ڪوبيروزگار ڏسندا آهيون ته انهيءَ ڪي ئي نالائق،ڪيسن خالي، سست، جاهل، چوڻ شروع ڪندا آهيون ته بلڪل ساڳي ريت سپاٽي جڏهن ڪو بيمار ٿئي ۽ علاج کان محروم هجي ته انهيءَ جي ذميواري به انهيءَ مٿان هٽڻ ۾ آساني ٿي پئي.

درحقيت جهڙي ريت هڪ انفرادي نفسياتي ڪوٺ پنهجو بچاءُ پاڻ ڪي ڪل سان ڳنڍي ڪندي آهي بلڪل ساڳي ريت انجي ابتڙ هڪ ڪٺل ۽ رجعتي ڪُل پنهجو بچاءُ آخر ۾ وڃي انفراديت ۾ ڪندو آهي .ٻين لفظن ۾ سماجي گندگي پنهجو اظهار جن صورتن ۾ ڪندي آهي انهن صورتن ڪي ئي ان گندگي جو ڪارڻ محسوس ڪرايو ويندو آهي. يعني حڪمرانن جي موقف مطابق ارڙي جي بيماري ۽ انجي ڦهلاءُ جو ڪارڻ به اهي ماڻهو ئي آهن جيڪي اڄ انهيءَ جي نقصان ڪي ڀوڳي رهيا آهن. هي ئي اهي ماڻهو آهن جن ڪي الائجي ڇو نه ويڪسين سمجهه ۾ ٿي اچي ۽ نه ڪين پنهجي جسم ۽ صحت جي ڪا ڳڻتي آهي.

ماڻهو پنهجي پاڻ ڪي مخصوص سماجي لاڳاپن ۾ ڄا ٽيندو آهي. ماڻهو جو پنهنجي صحت ۽ جسم ڏانهن ذميوار ٿيڻ به ڪو انفرادي ۽ نفسياتي نه پر سماجي مامرو آهي. نه صرف ايترو پر نجي صحت جا معيار به سماجي طور طئي ٿيندا آهن ميريٿونيا ۾ عورتن جي جيڪا ٿولهه صحت جو اهڃاڻ آهي يورپ ۾ اها بيماري ٿيو وڃي ۽ ساڳي ريت يورپ ۾ عورتن جا سنها ۽ سلم نارمل جسم ، ميريٿونيا ۾ بيمار جسم تصور ڪيا ويندا آهن. پاڻ ان بحث ڪي اتي ڇڏي پنهنجي سماج ڏانهن موٽون جتي حڪمرانن جو موقف بظاهر ۽ ڏيک ۾ بلڪل صحيح لڳندو ته سماج جي وڏي اڪثريت صحت جي عام اصولن ڪي درگذر ڪندي آهي. گرمي سردي، شهر ٻهراڙي ۾ صبح شام سخت جسماني پورهيو ڪندڙن جي ئي وڏي اڪثريت ڪي اسان گٽڪا يا آفيم کائيندي، چرس يا ٺرو پيئندي ڏسندا آهيون.هونءَ ته هر سرمائيداراڻي سماج ۾ ويڳاڻپ جون انيڪ شڪليون موجود هونديون آهن پر اسانجي سماج جو پورهيت طبقو پنهنجي جسماني ويڳاڻپ جو واضح اظهار آهي. هڪ دفعي جڏهن ڪنهن پڇيو ته ”آخر هي غريب پنهنجو منهن ڇو نه ڌوئيندا آهن، پاڻي ته مفت جو آهي“ ته اسانجي هڪ ڪامريڊ ساٿي شفقت قادريءَ پنهنجي ڪتاب ۾ انهيءَ صاف سٿري مڊل ڪلاسي ڪي هڪ گدلي ۽ ميري هاري وانگي ويڳاڻو سڏيندي، هڪ بهترين جواب ڏيندي لکيو ته ”هي گدلو غريب پاڻ ڪي صاف سٿرو انڪري نه ٿو رکي ڇاڪاڻ ته پنهنجي ئي جسم ۽ شايد پوئتي گهر ۾ موجود ڪيترن ئي گدلن جسمن ڪي (روز) ڪارائڻ لاءِ (روز) ڪيس ڪم ڪرڻو پئي ٿو. هو پنهنجي ئي جسم ذريعي ڪم ڪري انهيءَ

ساڳي جسم کي ڪارائي ٿو. هن جو (پورهيت جو) پنهنجو جسم اهو وزن آهي جنهن کي هو ڪاڏي جي جستجو ۾ روز ڪٽندو آهي. پورهيي جي سگهه سان سرشار جسم دراصل ساڳي وقت مارڪيٽ جي هڪ جنس به آهي جنهن کي روپين جي مالڪ وٽ انهن چند سڪن لاءِ وڪڻيو ويندو آهي جنهن ذريعي انهيءَ جسم کي (وري) ڪجهه ڪارائي سگهجي. هو پنهنجي جسم سان پيار ڪرڻ بجاءِ ان کي نندينڌو آهي. (جڏهن ته) هنجي پورهيي جي سگهه کي خريد ڪندڙ جي دلچسپي هنجي (پورهيت جي) جسم جي ڏيک سان نه پر انجي ان لياقت سان هوندي آهي جنهن سان هو شين کي سرمائي ۾ بدلائيندو آهي. (اهڙي ريت) اهو گدلو غريب پنهجي جسم جو نه پر ان لياقت جو وڪرو ڪندو آهي جيڪا جنسن (COMMODITIES) کي ٺاهيندي آهي.”



چوڻ لاءِ ڪو اڏ اڪريو ڊاڪٽر اجا به چئي سگهي ٿو ته اسانکي هر ڳالهه ۾ زوري ڪو فلسفو ٽنبي، مڙئي حڪومت ۽ رياست کي خوار خراب ڪرڻو آهي. پر ڇا صحت ۽ انجي غفلت جي مامري جو سماج جي ٻين اهم مامرن سان ڪو تعلق آهي به يا نه؟ ڳالهه کي جيڪڏهن سولو ڪري رکجي ته مختلف سياسي معاشي سببن ڪري، هڪ ديس جو 72 سيڪڙو ڪان متي عوام جڏهن غربت جي ليڪ هيٺ رهندو هجي ۽ سراسري جسماني غزائي ضرورتن کي به پورو نه ڪري سگهندو هجي ۽ ڪمزور قوتِ مدافعت سبب هر بيماري جو آسان شڪار هجي، تڏهن به ڏوهه عوام کي ڏيڻ ڪيتري حد تائين جستيفائيڊ آهي؟ هڪ دفعي يورپ اندر ايمسٽرڊم شهر ۾ ڪجهه ڪامريڊن سان گڏ ٽرين ۾ سفر ڪرڻ جو موقعو مليو. ٽرين ۾ ڪو فرسٽ، سيڪنڊ يا ڪو اڪا نامي ڪلاس به ڪونه هيو. مون ڏٺو ته ڪجهه ڪامريڊن ٽڪيٽ نه ورتي ۽ نه وري اتي ڪو ٽي ٽي هو جيڪو سندن ٽڪيٽ چيڪ ڪري ها ته مون پڇيو ته ڇا بغير ٽڪيٽ سفر ڪرڻ غير قانوني ڪونهي ته هڪ ڪامريڊ وراڻي ڏيندي چيو ته نه ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو ايترو غريب آهي جوٽڪيٽ به نه وٺي سگهي ته اهو سرڪارجو ڏوهه آهي نه ڪي ان ۾ماڻهوجو. پر اسانوٽ هر ڏوهه جو آخري ڏوهاري عوام آهي (ايتريقدر جو عوامي سياست جو علم هٽ ۾ ڪٽندڙ سياسي قوتن جا اڳواڻ به عوام کي ئي ڏوهه ڏيندا آهن ته اهي آزادي، اشتراڪيت ۽ جمهوريت جا فائدا نه سمجهندي صرف جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ ملن جي پويان لڳل هوندا آهن.) ياد رهي ته هالينڊ ڪو اشتراڪي ملڪ ڪونهي پر ڪو چئي سگهي ٿو ته اولهه سان ڪهڙو مقابلو پراولهه سان تقابلي جائزي ۾ ڪهڙو حرج آهي.

ارڙي ۾ٽين دنيا جي صحت:

ٽين دنيا جو هي خطو جنهن کي سنڌ سڏجي ٿو اهو ديس آهي جتي خوشخبري جي تعريف ڪنهن ٻري خبري جو نه پچڻ آهي، ڇاڪاڻ ته هن رياست جي

مهرباني سان بک، بدحاليءِ بيماري عوام جو حال ۾ مقدربڻجي چڪو آهي. ارڙي جي بيماري ۾ 300 کان مٿي ٻارڙن جو موت ٻڌائي ٿو ته حڪومت، صحت جو شعبو ۽ هي ٽين دنيا جو سرمائيداراڻو نظام، سماج جي وڏي اڪثريت کي قابلِ علاج بيمارين ۽ قابلِ حل سماجي معاشي مسئلن ۾ ڦاسائي، وچڙائي بي موت ماري رهيو آهي. توهان کي هڪ ننڍڙي ڳالهه ٻڌايان ته هڪ عام ماڻهو جڏهن ڪنهن بيماري سبب اسپتال ڏانهن ويو ته اسپتال ٻاهران ٻه دروازا هيا هڪ تي لکيل هو عام بيماري ٻي تي لکيل هو خاص بيماري، ماڻهو عام بيماري واري دروازي کان داخل ٿيو ته اڳيان وري ٻه دروازا هيا جن مٿان هڪ تي لکيل هو عام ماڻهو ۽ ٻي تي خاص ماڻهو. مريض ويچارو عام ماڻهو هو سو ان دروازي کان داخل ٿيو، ٿورو اڳتي هلي جڏهن هڪ ٽين دروازي کان ٻاهر نڪتو ته پاڻ کي اسپتال جي بلڊنگ کان ئي ٻاهر بيٺل ڏٺائين.توهان هن ڳالهه کي لطيفو سمجهي کلي به سگهو ٿا ۽ ساڳي وقت هن ڳالهه کي اسانجي سماج جي هيلٿ سسٽم جو حقيقي اظهار سمجهي روئي به سگهو ٿا. جهڙي ريت اسانجا جيل خانه ڏوهن جي خاتمي بجاءِ انهن جي واڌ جا ۽ اسانجا تعليمي ادارا تنقيدي سائنسي علم بجاءِ جهل جي تشهير جا ادارا آهن. اهڙي ريت اسانجون اسپتالون به بيمارين جي خاتمي ڪانوڊيڪ انهن جي پکيڙ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون. آءُ پنهنجي 4 سالن جي ڌيءَ کي اسپتال ڊائريا جي علاج لاءِ ڪٺي ويس ۽ اتان ڌيءَ جي لاءِ ارڙي جي بيماري ڪٺي آيس. اهو ٿورو ڪنهن جو ڳايان؟ هي مهرباني آءُ هن سرمايداراڻي نظام ، هن رياست ۽ انجي صحت جي شعبي جي ئي مڃان ٿو.

اولهه، اوپر ۽ ارڙي:

”هن بورجوا تهذيب جي ڳوڙهي مڪاري ۽ داخلي بربريت اسانجي اکين اڳيان لکل رهي ٿي، پنهنجي گهر کان، جتي اها مهذب صورتون حاصل ڪري ٿي ، ان بيٺڪي دنيا تائين، جتي اها اگهاڙي ٿي پئي ٿي“. (مارڪس 1853)

ارڙي اسانجي سماج جي هڪ عام وچڙندڙ بيماري آهي جيڪا هڪ وائرس جي سبب عام ماڻهن کي ٿيندي آهي. هن بيماري جو تمام گهڻواٺر ننڍن ٻارن تي ٿيندو آهي. هي بيماري سڌي رابطي، کنگهه ۽ زڪام سبب ڦهلجندي آهي. ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن مطابق هن ڌرتيءَ تي ارڙي (MEASLES) ننڍن ٻارن جي موت جي ڪارڻ منجهه اڄ به هڪ اهم ڪارڻ آهي. 2010 ۾ 139300 موت انهيءَ بيماري سبب ٿيا يعني 380 موت هر ڏينهن يا 16 موت هر ڪلاڪ ۾.جڏهن ته 2008 ۾ ارڙي سبب 164000 موت واقع ٿيا جنهن ۾ گهڻائي ٻارن جي هئي جن جي عمر 5 سالن کان گهٽ هئي. پر اهوئي ادارو ٻڌائي ٿو ته انهن ٻارڙن جو 95 سيڪڙو انگ انهن ملڪن جو هوندو آهي جيڪي ٽين دنيا جا غريب ۽ صحت جي شعبي ۾ ڪمزور ملڪ هوندا آهن. اولهه ته حضرت عزرائيل کي تڪليف ڏيڻ جا ڪيترائي بهانا ختم ڪري چڪو آهي پر اوپر اڃا به سياسي ۽ انتظامي نااهلين سبب پنهنجي پيارن کان رب جي مرضي سمجهي موڪلائڻ ۾ مصروف آهي. ارڙي سان گڏ جيڪڏهن صحت سان لاڳاپيل ڪجهه ٻين ماهرن جي انگ اکرن تي نظر وجهبي ته خبر پوندي ته ڪهڙي ريت سرمائيداري پنهنجي ناهموار، اڻبرابر اوسر جي داخلي قانون سبب هڪ دنيا ۾ موجود عوام کي ٻهرين ٻين ۽ ٽين دنيا ۾ ورهايو آهي. پهرين دنيا (جنهن ۾

آمريڪا، آسٽريليا ۽ يورپ جا ملڪ اچيو وڃن) ۾ جيڪڏهن نارمل پيدائش ڪانپوءِ 90 سيڪڙو موت 45 سالن ڪانپوءِ ٿيندا آهن ته ٽين دنيا (جنهن ۾ آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جا غريب (ڪيل) ملڪ اچيو وڃن) ۾ نارمل پيدائش ڪانپوءِ 50 کان 60 سيڪڙو موت 5 سالن جي عمر کان پهرين ئي ٿيو وڃن. WHO ۽ UNICEF جي هڪ گڏيل رپورٽ مطابق دنيا جي 193 ملڪن اندر مجموعي طور تي 5 سالن کان گهٽ عمر ۾ مري ويندڙ ٻارن جو اڌ صرف 5 ملڪن جو هوندو آهي، جنهن ۾ انڊيا، چين، پاڪستان، ڊي آر ڪانگو ۽ نائيجيريا شامل آهن. جڏهن ته انهن ئي ادارن مطابق 29000 هزار ٻار صرف ٽين دنيا ۾ بچاءُ لائق بيمارين ۾ روز مري رهيا آهن. جهڙوڪ هڪ منٽ ۾ 20 موت. سوا به ڪروڙ ماڻهو هر سال مليريا جي بيماري جو شڪار ٿيندا آهن ۽ انهن منجهان 8 لک ماڻهو هر سال مريو به وڃن پر انهن مان هڪ ماڻهو به پهرين دنيا جو ڪونهي. خالي آفريڪا ۾ 3000 ٻار روزانو مليريا سبب مرندا آهن. ڪنهن دور ۾ دل جي بيماري اميرن جي بيماري شمار ڪئي ويندي هئي پر هاڻ ان بيماري ۾ مرندڙ 80 سيڪڙو ماڻهن جو تعلق اوپر جي غريب ملڪن سان هوندو آهي. ڪي 17 لک ماڻهو هر سال ٽي بي جهڙي مرض ۾ مريو وڃن ۽ تقريبن 10 لک نوان ماڻهو هر سال ان بيماري جو شڪار ٿين ٿا پر اولهه ان بيماري کان به پاڪ آهي. اهڙي ريت اوپر ۽ ڏکڻ جي ملڪن جي گهٽائي اندر عوام هن 21 صدي ۾ به وچڙندڙ بيمارين سبب مري رهيو آهي تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته موت جا اهي ڪارڻ فطري نه پر سياسي سماجي آهن. ٽين دنيا ۾ موت جو اهم ڪارڻ

جيڪڏهن اڄ به وچڙندڙ بيماريون آهن ته آمريڪا اندر موت جو سڀ کان وڏو ڪارڻ سگريٽ نوشي ۽ ٻيو نمبر ڪارڻ ٿولهه آهي. هي آهي سرمايداريءَ جو ٻٽو روپ. هڪ آهي اڻ اسريل (UNDERDEVELOPED) ڪمزور ۽ بيمار دنيا، ٻي آهي واڌو اسريل (OVERDEVELOPED) متاري، صحتمند دنيا. هي ٻئي دنيائون هڪٻئي سان ڳنڍيل، هڪٻئي جو سبب ۽ نتيجو آهن. تنهنڪري ئي چئجي ٿو ته ٽين دنيا جي وسيلن کي ڪائي هڙپ ڪري ، عام ماڻهن جي گذر سفر جي بنيادن تي گهڻ قومي ڪمپنين جي هڪ هٽي قائم ڪري ، بک بدحالي ۽ بيماري کي ئي اسانجي زندگي ٻڻائي، اولهه جي سرمائيداري اسري پئي. گلوبلائيزيشن جي نانءُ هيٺ پنهنجي مالياتي مفادن کي اڳيان رکندي، هي سامراجي سرمائيداري جهڙي ريت پوري دنيا اندر پيداواري عمل جي ورهاست ڪري رهي آهي بلڪل ساڳي ريت اها مختلف هنڌن تي مختلف بيمارين جي لاءِ به فطري ماحول پيدا ڪندي پئي اچي. صرف آفريڪا اندر سوا به ڪروڙ ماڻهو ايڊز جي مرض ۾ مبتلا آهن ۽ مهانگي دوائن تائين پهچ نه هئڻ ڪري موت جو انتظا ر ڪري رهيا آهن. اهڙي ريت تباهي ۽ بربادي جي انگ اکرن جو هڪ نه ڪٽندڙ جهان آهي، جنهجو اسان حصو آهيون. تنهڪري اسانوٽ هڪ صحتمند سماج جي قيام جو سوال صرف ڪنهن هڪ حڪومت جي تبديليءَ جو سوال ڪونهي پر هي سوال هن سامراج جي پڇ لٽڪائو رياست جي غير جمهوري بيهڪ جي تبديليءَ جو آهي، هي سوال بيمارين خلاف سائنسي تحقيق ۽ گهربل دوائن جي کوٽ جو نه پر هي سوال سڀ کان وڏي بيماري

هن سرمائيداراڻي نظام جو آهي، جنهن ڏانهن هي جئي هو مري، هي ڪٿي هو هارائي واري سياست جي نظر ئي ڪانه ٿي وڃي. جيئن *Ken Silverstein* *1999* ۾ لکيو ته ”ٽين دنيا جي ٽراپيڪل (ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ ايندڙ) ملڪن جا ڪوڙ سارا ماڻهو (61 لک) 1998 ۾ بچاءُ لائق، علاج لائق بيمارين جهڙوڪ ٽي بي، مليريا ۽ ساهه جي تڪليف ۾ مري ويا، اهي غريب ماڻهو ان ڪري ڪونه مئا ته انهن بيمارين خلاف دوائون موجود ڪونه هيون يا انهن دوائن ۾ ڪو اثر ڪونه هيو پر اهي صرف ان ڪري مري ويا جو اهي زنده رهڻ جي قيمت ادا ڪري نه سگهيا.“

لچ لٽيل سماج

سڌارت ڪولهي



ڊسمبر مهيني جي شروعات ۾ ڳوٺ غلام نبي شاهه ضلعي عمر ڪوٽ ۾ ڇهن سالن جي نينگري وجنتي ميگهواڙ (ڪماري) کي جنسي لڄالٽ جو نشانو بڻايو ويو. رياستي ادارا روايتي غير سنجيدگي ڏيکاري وڏيڪ لڄالٽ ڪرڻ ۾ مصروف نظر اچن پيا. ان واقعي سنڌ اندر ترقي پسند ماڻهن کي، اهڙن ذهن کي جنجهوڙيندڙ واقعن جي بنيادي سببن بابت سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي.

سماج پنهنجي بحران، پنهنجي "غير انساني"

جوهر کي جنسي ڏاڍائي جي اهڙن واقعن ۾ اظهاري ٿو. انساني نفسيات جو بحران ۽ ان ۾ حاوي تباهڪار (Destructive) لاڙا معاشي ۽ سماجي ڍانچي جي ٽوڙ ڦوڙ جو عڪس آهن. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته جنسي بحران (Sexual crisis) ، اجتماعي بي حسي ۽ بين سيني تباهه ڪار لاڙن جون پاڙون موجود معاشي ۽ سماجي ڍانچي ۾ ڳوليون وڃن. اهو ئي هڪ طريقي ڪار (Method) آهي جنهن وسيلي سنڌ اندر جنسي لڄالٽ جي واقعن جي بنيادي سببن تائين پهچي سگهجي ٿو.

(1) سنڌ ۾ جنسي ڏاڍائي جي واقعن جا ڪجهه انگ اکر ۽ قومي ۽ مذهبي نرگسيت جي چنڊڇاڻ:

ان ڪان اڳ جو اسان انهن بنيادي سببن تي ڳالهايون جنسي ڏاڍائي جي واقعن جي هڪ تصوير پيش ڪرڻ لازمي آهي.

انساني حقن جي اداري ايچ-آر-سي-پي (HRCP) جي رپورٽ مطابق 2010ع ۾ سنڌ اندر 239 نارين کي انفرادي جنسي لڄالٽ ۽ 50 نارين کي اجتمائي جنسي زيادتي يعني گينگ ريپ (Gang Rape) جو نشانو بڻايو ويو. جڏهن ته پوري ملڪ جو انگ 2903 رهيو يعني هر ڏينهن اٺ نارين سان جنسي ڏاڍائي ٿي. ان سان گڏ 128 ٻارڙا جنسي ڏاڍائي جو شڪار ٿيا. سال 2012ع ۾ سنڌ اندر 131 جنسي ڏاڍائي جا واقعا سامهون آيا جنهن ۾ 65 ٻار ۽ 63 ناريون آهن. جڏهن ته 2011ع ۾ اهڙن واقعن جو انگ ٻيڻو هيو. جنسي زبردستيءَ جي واقعن جون رپورٽون پڙهندي ڪجهه خاص واقعا نظر مان گذريا. 2008ع ۾ پاڪستان جي باني جناح جي مزار تي هڪ جوان ناري کي اجتماعي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻايو ويو. ان واقعي هن ملڪ جي "اصل" مقصد ۽ معنيٰ کي چٽو ڪيو (يعني عوام جو ريپ).

جيڪڏهن رياست جي غيرسنجيدگيءَ ۽ عوام دشمن رويي جو مثال ڏجي ته هِن ڪان بهتر نه هوندو ته 2007ع ۾ دادو ضلعي جي ناريءَ ڪائنات

سومرو سان جنسي ڏاڍائي ٿي. پر اُن جي ڪيس جي پڄاڻي 3 سالن کانپوءِ ٿي جنهن کانپوءِ ڏوهارين کي "باعزت" آزاد ڪيو ويو ۽ ان وچ ۾ ڪائنات جي هڪ پاءُ کي به قتل ڪيو ويو.

اسان جي سماج ۾ هڪ ڏندڪٿائي سمجهه موجود آهي جيڪا سماجي نرگسيت جي عڪاسي ڪري ٿي. هڪ پاسي نام نهاد مذهبي عالم اِهو چون پيا ته اولهه جي سماجن ۾ "لادينيت" ۽ مذهبي قدرن جي عدم موجودگي جي ڪري اولهه جي ناري اسان جي سماج جي ناريءَ کان وڌيڪ "غير محفوظ" آهي. ناريءَ جي وڌيڪ حفاظت، ان جي عزت ۽ شان لاءِ اِهو ضروري آهي ته ان کي پردي ۾ ڍڪي ۽ "پيتي" ۾ بند ڪري رکجي چو ته ناري هڪ "قرآن" نه پر "ست قرآن" آهي.

ٻئي پاسي سنڌو ڌرتيءَ جا "اڏول پٽ" فرسودا جاگيرداري روايتن ۽ مُلائي ڏندڪٿائي سمجهه، جيڪا ناريءَ جي غلام ٿاهڻ جو هٿيار آهي، کي سنڌي ڪلچر جو نالو ڏئي ان جي بچاءُ لاءِ ميدان ۾ نظر ايندا. اهڙن ڏاهن ۽ رجعتي سمجهه رکندڙ ماڻهن کي ٻڌائيندو هلجي ته هي سڀ انگ اکر انهن نارين يا ٻارڙن سان جڙيل آهن جن جي واقعن کي ميڊيا اُٿاريو يا جن جي ايف-آئي-آر ڪٽرائي وئي پر اُهي هزارين ناريون يا ٻار جن جنسي ڏاڍائي کانپوءِ خوف يا ٻين سببن جي ڪري آواز نه اٿاريو يا اُهي هزارين ناريون جن جي زبردستي شادي ڪرائي هر ڏينهن جي جنسي لڄالٽ کي اخلاقي ۽ قانوني شڪل ڏني وئي، انهن جو ڪوبه حساب نه آهي.

ٻيو هن سماج ۾ جتي ناريءَ کي "ست قرآن" چيو ٿو وڃي اُتي مرڻ کانپوءِ قبر ۾ به ناري محفوظ نه آهي جنهن جو مثال 48 مئل نارين جي قبر ۾ جنسي لڄالٽ ڪرڻ وارو واقعو آهي. اتي ساحر جو اُهو شعر ٿو ياد اچي جيڪو هن اهڙن قومي، مذهبي ياتهذيبي نرگسيت جي ورچڙهيل ماڻهن لاءِ ئي چيو هو ته:

"ثنا خواں تقدس مشرق
کہاں ہیں؟
جنہیں ناز ہے ہند پروہ
کہاں ہیں؟"

اولهه جي سماج ۾ جنسي ڏاڍائي جا واقعا ضرور رونما ٿين ٿا پر اسريل سرمائيداري نظام ناريءَ کي پيداواري سرگرميءَ ۾ حصو ڏنو آهي جنهن جي ڪري هن جي سياسي، معاشي ۽ قانوني حالت نسبتي طور اسان جي سماج جي ناريءَ کان گهڻا دفعا بهتر آهي. سرمائيداري هڪ پاسي ناريءَ کي مٿاسٽا جي جنس (commodity) ضرور ٺاهيو آهي پر ٻئي پاسي ناريءَ جي مڪمل آزادي يعني سوشلسٽ سماج جا مادي بنياد به سرمائيدارن جي اوسر جي نتيجي ۾ ئي پيدا ٿيا آهن. تاريخ اسان کان گُهر ڪري ٿي ته اسان اڳتي وڌندارهون نه ڪي بنياد پرستن وانگر ناريءَ کان اُها آزادي به کسڻ جا حامي ٿيون جيڪا هن تاريخي اوسر جي نتيجي ۾ حاصل ڪئي آهي.

(2) سماج ۾ جنسي بحران جا ڪارڻ

سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ٿيندڙ جنسي لڄالٽ جي واقعن جو سڌو تعلق سماج ۾ جنسي بحران يا فرسٽريشن سان آهي. جنسي بحران جا ڪهڙا ڪارڻ آهن، هڪ اهڙو بنيادي سوال آهي جنهن کي حل ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. اسان مٿي اِهو چئي آيا آهيون ته جنسي بحران جون پاڙون موجود معاشي ۽ سماجي ڍانچي ۾ کُولڻ کپن، ان ڪري اِهو ضروري آهي ته سنڌ جي سماجي سرشتي جي اوسر تي روشني وجهجي.

جاگيرداري معاشي سماجي سرشتو قبيلائي اجتمائي اقتصاديات جو تسلسل آهي جنهن ۾ فرد جي معاشي ۽ سماجي ضرورتن جو بار پوري قبيلي يا خاندان جي مٿان هجي ٿو. اهڙي سرشتي اندر فرد کي

حاصل معاشي تحفظ جي ڪري، ان جون جنسي ضرورتون آساني سان پوريون ٿي وڃن ٿيون (جيئن نوجواني ۾ شادي وغيره) پيو فرد جو شعور ۽ سجاڳپ به اجتمائي هجي ٿي جنهن جي ڪري انفرادي آزادي ۽ اجتماعيت جو تضاد يا سوال پيدا نٿو ٿئي. سرمائيداري سرشتو ان جو متضاد لقاءُ آهي جيڪو آزاد پورهئي ۽ انفرادي چٽا پيٽي تي ٻڌل آهي. جنهن جي اوسر سماج ۾ اجتمائي قبيلائي سرشتي کي ٽوڙي فرد کي اڪيلو ڪري بيهاري ٿي. هاڻ فرد جي معاشي ۽ سماجي ضرورتن جو بار به ان جي پنهنجي ڪلهن تي آهي. ان اوسر سان ئي فرد ۾ انفرادي شعور ۽ سجاڳپ مڪمل طور تي پيدا ٿئي ٿي (انفرادي آزاديءَ جو سوال به تاريخ ۾ سرمائيداري جي اؤسر جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو).

سنڌ اندر اُهي ٻئي لقاءُ خاص نوعيت ۾ موجود آهن. سرمائيداري پيداواري طريقي ڪار جي اوسر، ڳوٺن جو ڏيهي ۽ عالمي منڊي سان ڳنڍجڻ ۽ سرمائيداري ميڊيا جي پوري سماج تائين رسائي هڪ طرف انفرادي شعور، جنسي آزادي جي خواهش کي پيدا ڪيو آهي ته ٻئي طرف معاشي عدم تحفظ کي به پيدا ڪيو آهي. ان جي نتيجي ۾ پراڻن جاگيراري بنيادن تي جنسي تعلق بيهارڻ ڏکيو عمل ٿيندو پيو وڃي (يعني خاندان جي مرضي سان ۽ نوجوانيءَ ۾ شاديون). اڄ هر فرد نوجواني جي پوري عمر معاشي تحفظ ڳولڻ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو. اِهو جنسي بحران جو پهريون پهلو آهي.

سماج ۾ جنس جو فرد جي ذهن تي حاوي هجڻ (Sexual Obsession) جي لقاءُ کي هٿي ڏيندڙ ٻيو پهلو سرمائي جي اوسر جي نتيجي ۾ وڌندڙ فرد جي ويڳاڻپ (Alienation) آهي جيئن اسان چئي آياسين ته فرد جي معاشي ضرورتن جو بار گهٽو تٿو ان جي ڪلهن تي آهي پر ساڳئي وقت سرمائي جي اوسر فرد کي معاشي بحران، بيروزگاري ۽ چٽا پيٽي به منهن ۾ ڏئي ٿي. صنعتي شهر اهڙي جهنگ جو ڏيک ڏين ٿا جتي هر ماڻهو پنهنجي بقاءَ جي جدوجهد ۾ رُڌل هجي ٿو. ويڳاڻپ جي اهڙي بلندترين شڪل هڪ پاسي روحاني اڪيلائي کي جنم ڏئي ٿي ته ٻئي پاسي سماج ۾ تخليقي ۽ تعميري ادبي، سياسي ثقافتي سرگرمين جي نه هجڻ سان اهڙي صورتحال پيدا ٿئي ٿي جتي جنسيت (Sex) تي ڳالهائڻ ۽ سوچڻ سان ئي فرد کي عارضي معنيٰ ۽ خوشي ملي ٿي. جيڪڏهن اسان پنهنجي اردگرد جي ماحول يعني درسگاهن، هوٽلن، آفيسن جو مشاهدو ڪريون ته اِن لقاءُ کي آساني سان ڏسي سگهون ٿا.

ايلڪسندرا ڪولنتائي پنهنجي مضمون "جنسي رشتا ۽ طبقاتي جدوجهد" ۾ اِن لقاءُ کي ڪجهه هِن انداز ۾ بيان ڪري ٿي.

"اسان اچاتائين هڪ عجيب ۽ اٽڙ روحاني اڪيلائي جو بار ڪلهن تي کڻي جيون پيا ۽ سوچون پيا. ماڻهو پريي ميلي ۾ به پنهجو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري ٿو. زماني جو شورو غُل توڙي ويجهن ساٿين ۽ دوستن جو ساٿ به کيس ان عذاب کان بچائي نٿو سگهي ۽ پوءِ ان ئي روحاني اڪيلائي منجهان جند ڇڏائڻ لاءِ ماڻهو "روحاني ساٿي جي تلاش" جهڙن دقيانوسي ۽ نقصانڪار ابهامن/خلفشارن ۾ وڃي ڦاسي ٿو. ۽ پوءِ ائين پلي ٿورڙي وقت لاءِ ئي سهي پر ان اٽڙ ۽ موتمار اڪيلائي منجهان جان ڇڏائڻ لاءِ وٽن هڪ ئي راهه "دل لڳي" بچي ٿي."

اهڙي صورتحال اِها گهُر ڪري ٿي ته فرد جون جنسي ضرورتون مهذب انداز ۾ پوريون ٿيڻ گهرجن يعني هڪ حد تائين جنسي آزاديءَ جو هجڻ لازمي آهي پر ساڳئي وقت رياستي مدد سان جاگيرداري طبقي جو موجود هجڻ، جاگيرداري اخلاقيات

۽ نفسيات جو پوري طرح نه ڏهڻ ۽ وڌندڙ مذهبي انتها پسندي سان هڪ اهڙو سماجي بحران يا پوساٽيل ماحول پيدا ٿئي ٿو جنهن جو لازمي نتيجو خطرناڪ جنسي فرسٽريشن ۽ جنسي عذيت پسندي (Sadism) آهي. اِهائي فرسٽريسن سنڌي سماج ۾ جنسي ڏاڍائي جي واقعن جو عمومي ۽ هڪ بنيادي ڪارڻ آهي.

(3) سنڌ جي ناريءَ جي ڪمزور سماجي ۽ سياسي حالت

اسان سنڌ اندر جنسي بحران جي ڪارڻ تي روشني وڌي آهي پر اُهي ڪهڙا ٻيا ڪارڻ آهن جن جي ڪري جنسي بحران جو اظهار وڏي پيماني تي حيواني انداز ۾ ٿئي ٿو؟ يا جنسي بحران اهڙن واقعن جو عمومي ۽ هڪ بنيادي ڪارڻ ضرور آهي پر اهي ڪهڙا جزوي سبب آهن جيڪي ڏاڍائي جي واقعن جي وڏي پيماني تي رونما ٿيڻ ۾ مددگار آهن؟ جڏهن اسان فرد تي جنسي ضرورتن جي حاوي هجڻ (Sexual Obsession) جي ڳالهه ڪيون ٿا ته ان مان مراد مرد ۽ ناريون ٻئي آهن پر هڪ جينڊر (يعني نارين) جي ڪمزور سماجي حالت ۽ ان جي حيثيت جنسي شيءِ (Sexual Object) جوڳي هجڻ هڪ اهڙو ڪارڻ آهي جيڪو پهرين بنيادي ڪارڻ سان ملي جنسي لچالٺ جي واقعن کي لازمي ٿاهيو ڇڏي. سنڌ اندر جاگيرداري سرشتي جو موجود هجڻ، ناريءَ جو پيداواري سرگرمين ۾ تمام گهٽ حصو هجڻ ۽ ڪمزور ترقي پسند ناري واد تحريڪ جي ڪري ناريءَ جي معاشي، سماجي ۽ سياسي حالت فڪر جوڳي آهي. اهڙي ڪمزور حالت جي ڪري جنسي ڏاڍائي جو شڪار ٿيل نارين جي آواز کي نه صرف اڻ ٻڌو ڪري انهن جي وڏيڪ لچالٺ ڪئي ويندي آهي پر قانوني يا اخلاقي شڪل ۾ به جنسي ڏاڍائي ڪئي ويندي آهي. جنهن جو مثال سنڌ اندر وڏي پيماني تي زبردستي ٿيندڙ شاديون ۽ ننڍي عمر ۾ سگ چٽيءَ ۾ ڏنل ناريون وغيره آهن.

(4) سنڌ ۾ هندو برداريءَ جي نارين ۽ ٻارڙن سان جنسي ڏاڍائي

اڪثر اسان اخبارن ۽ عام سياسي ڪچهرين ۾ اِهو ٻڌندا رهندا آهيون ته حڪومت هندو برادريءَ کي ڪنهن قسم جو تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام وئي آهي. اِها ڳالهه قطعي طور غلط نه آهي پر اِها تنقيد سچ جي هڪ پاسي کي ڪٽي ٿي ۽ اِن تنقيد جو رخ صرف موجوده حڪومت ڏي هجڻ سان رياست جو جوهر لڪيو وڃي. هندو برادريءَ جي نارين ۽ ٻارڙن سان جنسي ڏاڍائي جي واقعن (جنهن جو تازو مثال وجنتي جو واقعو آهي)، هندو نارين سان زبردستي شادي ڪرڻ يا عمومي ناانصافين جي واقعن جا ڪارڻ ڪميونل بنيادن تي ٺهيل رياست اندر غير مسلم برادرين جي ڪمزور قانوني ۽ سياسي پوزيشن، رياستي مدد سان وڌندڙ مذهبي انتها پسندي ۽ عدم رواداري آهي. (ڇو ته هن رياست جي غير مسلم برادرين کي تحفظ ڏيڻ ايجنڊا ناهي رهيو). اهڙي صورتحال ۾ ڪڏهن مذهبي برادري جي ڪمزور سماجي ۽ سياسي پوزيشن ۽ مذهبي عدم رواداري کي جنسي لذت لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. مثال جي طور تي هندو برادري يا ڪمزور قبيلي يا ذات جي ناريءَ سان ناانصافي ڪرڻ آسان آهي ڇاڪاڻ ته ان جو ردعمل سخت نه هوندو ۽ ان برادري يا قبيلي جي آواز کي رياستي سطح تي اڻ ٻڌو ڪيو ويندو ۽ مذهبي نفرت ۽ عدم رواداري سبب سماج جو عمومي ردعمل نه هجڻ برابر هوندو. اهڙي رنگ ۾ ٿيندڙ جنسي لچالٺ هندستان جي ورهاڱي وقت ٿيندڙ اهڙن واقعن جو تسلسل آهي جن کي سعادت حسن منٽو پنهنجي شاهڪار ادب ۾ ڊاليو آهي. منٽو جي ڪجهه خاص افسانن ۾ سماجي نفسيات جي بهترين تصوير ڪشي ڪئي وئي آهي. هڪ بي حس ۽ بحران جي ور چڙهيل نفسيات

جيڪا ٻئي فرد يا گروهه جي ڪمزوري، خوف ۽ دهشت جي ماحول ڪي حيواني خواهشن جي لاءِ استعمال ڪري. اهڙي سماجي نفسيات جو اڄ اسان پنهنجي سماج ۾ آساني سان مشاهدو ڪري سگهون ٿا.



اسان جي سماج ۾ هندو يا ٻين غير مسلم برادرين سان گڏ ڪائڻ پيئڻ ڪي ته نفرت سان ڏٺو ويندو آهي پر انهن جي نارين ڪي حيواني لذت لاءِ استعمال ڪرڻ واري عمل ڪي نفرت جي نظر سان ناهي ڏٺو ويندو. ڪولهي، مينگهواڙ، ڀيل ۽ ٻين اهڙن سياسي ۽ سماجي طور ڪمزور ذاتين جي نارين ڪي سنڌ جا جاگيردار بنا ڪنهن ڊپ جي زبردستي کڻندا آهن ۽ ڪجهه عرصي جي لڄالٽ ڪانپوءِ سندن مائٽن ڪي موٽائيندا آهن. سنڌ ۾ عمومي طور هارين پر خاص طور تي غير مسلم هاري خاندانن جي حالت انهن روسي هارين کان به بدتر آهي جن ڪي زار دور ۾ ڍور ڍڳن جي جوڙن جي بدلي وڪڻيو ويندو هيو.

(5) ٻوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ايلڪسندرا ڪولنتائي "جنسي رشتا ۽ طبقاتي جدوجهد" ۾ وڏيڪ لکي ٿي "جنسي بحران اوستائين حل نٿو ٿي سگهي جيستائين انساني نفسيات ۾ انقلابي تبديلي نٿي اچي. انساني نفسيات جي تبديليءَ لاءِ اِهو لازمي آهي ته ڪميونسٽ بنيادن تي سماجي ۽ معاشي رشتن ۾ بنيادي تبديلي آندي وڃي" سنڌ اندر جنسي ڏاڍائي جا جيڪي به ڪارڻ ڳولڻ جي اسان ڪوشش ڪئي لازمي طور تي انهن ڪي ختم ڪانسواءِ ۽ بحران جي ور چڙهيل سماجي ڍانچي ڪي انقلابي بنيادن تي تبديل ڪرڻ ڪانسواءِ اهڙن واقعن ڪي مڪمل طور تي روڪي نٿو سگهجي. پر اتي هڪ سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو ته ڇا اِهو مسئلي ڪي پوري طرح مستقبل تي ڇڏڻ وارو رويو نه آهي؟ اسان ڪي حتمي حل سان گڏ فوري عوامي حل جي ڳالهه پڻ ڪرڻ ڪپي جنهن جي ذريعي موجوده صورتحال ڪي نسبتي طور تي بهتر بڻائي سگهجي ۽ جنهن جي ذريعي اسان وڏن مقصدن تائين به پهچي سگهون ٿا.

انقلابي تبديليون جيڪي سماج جي معاشي، سماجي ۽ نفسياتي ڍانچي ڪي معياري طور تي بدلائن ٿيون، اُهي مظلوم طبقن جي انقلابي سياسي تحريڪن جو نتيجو هجن ٿيون. ترقي پسند سياست جو سماج جي ڪلچر، نفسيات ۽ روين تي گهرو اثر هوندو آهي. پورهيت طبقي جي انقلابي ترقي پسند سياست جي ويڙهه نه صرف سماج جي معاشي ۽ سياسي ڍانچي سان پر رجعتي ڪلچر ۽ بي حس نفسيات سان به هوندي آهي اهڙي سياست پنهنجي واڌ ويجهه دوران نئين ڪلچر ۽ نئي نفسيات ڪي پيدا ڪندي آهي. اسان مضمون ۾ سماج اندر موجود ويڳاڙپ ۽ تخليقي سرگرمين جي عدم موجودگي ڪي جنسي بحران جو سبب ڄاڻائي آيا آهيون. انقلابي ڪلچر ۽ سياست ان خال ڪي هڪ حد تائين پري سگهي ٿي. ٻئي پاسي سنڌ اندر انقلابي ناري واد سياست جي واڌ ويجهه به لازمي آهي جيڪا سنڌ جي ناريءَ ڪي پاڙ وهيٺوڪري ۽ ان جي سياسي حالت مضبوط بڻائي اهڙي ناري واد سياست هڪ پاسي اهڙي اداري جي شڪل وٺندي جيڪا

ناريءَ ۾ ان جي مفادن جو تحفظ ڪري سگهي ۽ ٻئي پاسي ناريءَ جي وڏ ڪان وڏ انقلابي سياسي عمل ۾ شموليت (Particpation) انهن جاگيرداري سماجي تصورن کي به ٽوڙيندي جيڪي ناريءَ بابت موجود آهن.

اسان سمجهون ٿا ته هي اُهي فوري عوامي حل آهن جن کي نظر ۾ رکي جنسي لڄالٽ جي واقعن خلاف جدوجهد ڪرڻ کپي انهن ذريعي نه صرف جنسي ڏاڍائي جي واقعن ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي پر انهن اعليٰ مقصدن تائين به پهچي سگهجي ٿو يعني سماج جي معاشي ڍانچي اندر اُهي معياري تبديليون جيڪي سماجي ۽ نفسياتي بحران جو مڪمل خاتمو ڪري سگهن.

عالمي سياسي صورتحال
وچ اوڀر جو خبرنامو

يونس راهو

اسرائيل هٿان، غزا مٿان مڙهيل موت:




14 نومبر 2012 تي غزا مٿان اسرائيلي بمباري سان حماص ملٽري چيف احمد جباري سميت ڪيترائي عام ماڻهو مارجي ويا. اسرائيل جو سرڪاري موقف اهو هو ته حماص طرفان ڏکڻ اسرائيل مٿان داغيل ميزائيل حملن جي جواب ۾ اسرائيلي شهرين جي تحفظ لاءِ حملا اٿڙ هيا. اولهه جي ميڊيا ۽ جمهوريت پسند(؟) آمريڪا انهيءَ موقف جي پٺڀرائي ڪئي. ۽ انهيءَ حماص جي دهشتگردي جنهن ۾ 3 اسرائيلي فوجي مارجي ويا هئا، جي موٽ ۾ ڪيل حملن سبب 160 فلسطيني مارجي ويا ته 1000 شديد زخمي ٿي پيا. پوري دنيا جي ترقي پسند عوام انهيءَ جارحيت خلاف ڀرپور احتجاج ڪيو پر اسرائيلي حڪومت انهيءَ کي جنگ سڏي ٿي. آمريڪا کان ساليانو 3 ارب ڊالر جي فوجي امداد حاصل ڪندڙ، دنيا جي پنجون نمبر عسڪري قوت ۽ ايٽمي طاقت سموري ڏاڍ ڪانپوءِ پاڻ تي ٿيل لوڪل ميڊ ميزائيل جي حملن کي جنگ سڏي ٿي. توڙي جو غزا جي پٽيءَ جي چوڌاري پٺين ڪافي سالن کان چڙ ته هڪ گهيراوءَ جي صورتحال آهي. اسرائيل جي مرضي ڪانسواءِ نه ڪو اتي وڃي سگهي ٿو ۽ نه وري اتان ڪو اچي سگهي ٿو. ٻاهرين دوائن کان وٺي تعميراتي سامان تائين غزا جي شهرين لاءِ هر شئي بند آهي. 140 ڪلوميٽرن تي ڦهليل 17 لک واري آبادي تي آڌاريل غزا کي عالمي بورجوا نقاد به دنيا جو سڀ کان وڏو جيل قرار ڏئي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ آخر حملي جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟ وزيراعظم بينجمن نيتين ياهو ۽ دفاعي منسٽر ايهود باراڪ پاران اينڊڙ اليڪشن جي تياري، ايران تي حملي جو سگنل، غزا ۾ امڪاني طور زمين هيٺ ملندڙ تيل، يا دفاعي لحاظ کان غزا جي اهميت. وغيره جهڙا سبب خارج از امڪان نه ٿا ڪري سگهجن پر ڪجهه مامرا طئي آهن.جيئن پاڪستاني فوج کي بنگالين ڪانسواءِ بنگال گهربو هو تيئن اسرائيلي سامراج کي فلسطينين ڪانسواءِ فلسطين ۽ غزا گهربل آهي. ۽ اسرائيل انهي تي ڪافي عرصي کان ڪم به ڪري رهيو آهي. عالمي سامراج جي مدد سان، جنهن جا وچ اوڀر ۾ پنهنجا مفاد آهن، اسرائيل ڪڏهن ننڍي ته ڪڏهن وڏي پيماني تي فلسطينين جي نسل ڪشي ڪندو رهيو آهي.

هڪ ٽريڊ يونين ميمبر ٽوني گرينسٽين هنن تازن اسرائيلي حملن ۾ عام ماڻهن جي موت بابت بلڪل صحيح لکيو هو ته " ساڳي صورتحال 4 سال اڳ به ٿي هئي جڏهن اسرائيل غزا مٿان هڪ طرفي جنگ مڙهيندي 1400 ماڻهن کي ماريو هيو جنهن ۾ 400 ٻار به شامل هئا. تڏهن به اسرائيل عام سويلين آبادي مٿان، جنهن ۾ اقوام متحده جو هڪ اسڪول به شامل هو، وائيٽ فاسفورس بم ڪيرايا هئا. جيئن ته هنن رهائشي علائقن کي به نشانو بڻايو هو ۽ هن پٺيان سندن حقيقي منطق به اهو هيو به اهي ٻار (فلسطيني) وڏا ٿي دهشتگرد ٿين ٿا تنهڪري بهتر آهي ته سندن صفايو ننڍپڻ

ڪان ٿي ڪجي. جڏهن ته انهيءَ ساڳي دليل ۽ منطق ڪي اڳيان رکي نازي يهودين جي ٻارن جي قتل و غارت ڪندا هئا. يقيني طور تي انگ ۾ فرق موجود آهي پر اصول ساڳئي آهي.“

شام جو تنگ گهيرو ۽ جنگي طبل جو وڌيل آواز:

لبيا ڪانپوءِ عالمي قوتن جي نشاني تي شام رهيو آهي، عوام جي ڪوس واري سامراجي پروپيگنڊا جي ڪري نه پر پنهنجي سيڪيولر حڪومت، اسرائيل خلاف سخت موقف ، ايران سان ناطن ۽ تازو لڌل تيل جي وڏن زخيرن جي ڪري. توڙي جو شام ڪي وڏي منظم سازش ذريعي انارڪي، تباهي ۽ خانه جنگيءَ ڏانهن ڌڪڻ جون ڪوششون عرصي ڪان جاري هيون پر هاڻي هڪ ته ڪوسو ”لبريشن آرمي (KLA) جي تيار ڪيل باغي قوتن (فري سيرين آرمي) جي ڪارواين ۾ تيزي ڏسڻ ۾ آئي آهي ٻيو سامراجي قوتون به روس ۽ چين جي ويٽو جو حل ٻين طريقن سان



ڪڍڻ ۾ مصروف نظر اچن پيون. جنهن ۾ عراق تي حملي ڪان پهرين وانگي ڪيميائي هٿيارن جي امڪاني ڪوڙي پروپيگنڊا ڪي ڦهلايو پيو وڃي. القائده سان ويجهڙائي رکندڙ هڪ گروپ (نشره) شام ۾ ڪلورين پيدا ڪندڙ هڪ فيڪٽري تي قبضو به ڪري ورتو آهي ۽ انهيءَ ڏس ۾ شامي حڪومت اقوام متحده ڪي لکي به چڪي آهي ته

ڪيميائي هٿيارن جي استعمال جي الزامن هيٺ شام مٿان حملن جون تياريون ڪيون پيون وڃن. جڏهن ته تازو 11 ڊسمبر تي لنڊن ۾ فرانس، ترڪي، اردن، عرب امارات، قطر ۽ آمريڪا جي اعليٰ عسڪري اهلڪارن، انگلينڊ جي فوج جي اهم ماڻهو سر ڊيوڊ رچرڊسن جي صدارت هيٺ هڪ ڳجهي گڏجاڻي ڪري ، اقوام متحده جي منظوري ڪانسواءِ ئي شام ۾ (هڻ وٺي پيدا ڪيل بحران جي خاتمي ۽ حڪومت جي تبديليءَ لاءِ) جمهوري(؟) مداخلت جي سمورن پاسن



تي فيصلائتو غور ڪيو آهي. آمريڪا ته رياستي سطح تي شامي باغي اتحاد ڪي پهرين ئي تسليم ڪري چڪو آهي پر هاڻي روسي نائب وزيرِ خارجه به انتها پسند باغين جي قبضي جا امڪان ڏيکاريا آهن. وڌيڪ اهو ته ناٽو به شام جي اتر اولهه سرحدي پٽي تي لڳل ميزائيل ڪش نظام ڪي نو فلائي زون (ليبيا وانگي) جي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ جو اشارو ڏئي چڪو آهي. آمريڪا به عراق اندر پنهنجي فوجن ۾ اضافو ڪري رهيو آهي ۽ پوري دنيا مان پنهنجا آزمايل ساٿاري مذهبي انتها پسند تيارڪري شام ڪي جمهوري بنائڻ لاءِ اتي موڪليندو رهيو آهي. اهڙن هزارن واقعن مان هڪ واقعو عبدلحڪيم بالحاج جو به آهي جيڪو ميڊرڊ حملن ۾ اسپين ڪي گهربل به هو جنهن ڪي ان جمهوري خدمت جي انعام عيوض قذافي ڪانپوءِ ٽريپولي جو گورنر به بڻايو ويو.بعد ۾ ڪيس وڏي محنت

سان ليبيا مان ڪڍي، عالمي ادارن جي ڇپر ڇانو هيٺ، ترڪي جي مهاجر ڪيمپن ۾ رهائي پوءِ شام اندر ويڙهه لاءِ موڪليو ويو. انهن سمورن داخلي ۽ خارجي مداخلتن باوجود شام ۾ بشرالاسد جي حڪومت مزاحمت ڪندي مستحڪم نظر اچي پئي. ڪيس نه صرف ايران، روس ،چين پر لاطيني آمريڪا جي عوامي رياستن جي حمايت به حاصل آهي. جڏهن ته شام ۽ وچ اوڀر جي سياست جي ماهر ٿيئري ميسن جو چوڻ آهي ته 2 ڪروڙ 30 لک آبادي واري ملڪ



(شام) ۾ صرف 2 ڪان اڍائي لک ماڻهو آهن جيڪي باغين جي حمايت ڪري رهيا آهن تنهنڪري شام تي سامراجي قبضو نه ايترو آسان آهي ۽ نه وري ايترو جلد ممڪن.

مصر جو بحران اڃا جاري:

5 ڊسمبر 2012 تي مصر جو صدارتي محل جنگ جو ميدان بڻيو رهيو. عالمي خابرو ادارن، ايتريقدر جو بي بي سي به انهيءَ مامري کي صرف صدر حامي ۽ مخالفن جو ٽڪراءُ سڏيو. جڏهن ته سچ اهو آهي ته اهو ڪو صرف پر تشدد تصاد م ڪونه هو پر صدر حامي مذهبي انتها پسندن جو رياستي آشيرواد سان سيڪيولر ۽ ترقي پسند ماڻهن مٿان منظم حملو هو جنهن ۾ صدارتي محل ٻاهران احتجاج ڪندڙ سوين ماڻهن کي يرغمال بڻائي مٿن تشدد ڪيو ويو جنهن ۾ 6 ڪان مٿي ماڻهو مارجي ويا ۽ سوين زخمي ڪيا ويا ۽ جنهن جي نتيجي ۾ صدر جي ٽن سينئر صلاحڪارن سميت 9 حڪومتي اهلڪارن استيفعيٰ ڏئي ڇڏي.



مصر اندر جمهوري تحريڪ جنهن هڪ آمر جي تڏا ويڙهه ڪئي ۽ سامراجي پاليسين خلاف عوامي اڀار جو هڪ وڏو مثال رقم ڪيو، تڏهن عالمي ترقي پسند تحريڪ جي تنقيد جو نشانو بڻجڻ لڳي جڏهن هن ئي سال جي شروعات ۾ مذهبي انتهاپسند قوتون (اخوان المسلمين) سڌارن جي وعدن، ماڻهن جي سامراج مخالف رجحانن ۽ ماضي جي اليڪشني سياست جي تجربن کي استعمال ڪندي اقتدار ماڻيو ۽ سندن حمايت يافته محمد مورسي ملڪ جو اڳواڻ ۽ صدر بڻيو. پر ياد رهي ته جمال عبدل ناصر کانپوءِ ايندڙ سمورا صدر (انور سادات، حسني مبارڪ ۽ هاڻوڪو محمد مورسي) آمريڪا ۽ سامراج نواز رهيا آهن، ايتري قدر جو



آمريڪا اخوان المسلمين جي هن صدر کي 20 ايف 16 جهاز به ڏيٽا ڪيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو گهڻو وقت نه لڳو جڏهن ملڪ جو ترقي پسند جمهوري عوام، صدر جي سامراج نواز پاليسين ۽ انتهاپسند آمرائن

قدمن خلاف وري متحرڪ ۽ منظم ٿيڻ لڳو. هن موجوده صورتحال جو بيڪ سين اهو آهي ته مصري صدر 22 نومبر جي فيصلن جي روشني ۾ پاڻ کي اضافي اختيار ڏنئي، عدليه ۽ قانون جي پڪڙ کان آجو ٿيو، عالمي قوتن جي منظوري حاصل ڪرڻ کانپوءِ اخوان المسلمين جي صدر ملڪ کي وڏيڪ اسلامي بڻائڻ لاءِ آئين ۾ ترميمون ڪري انهيءَ کي قبول ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي سيڪيولر حزبِ اختلاف مزاحمت جو سڏ ڏنو. اهڙي ريت پيدا ٿيل بحران کي حل ڪرڻ لاءِ صدر نه صرف 15 ڊسمبر تي ملڪ اندر انهي مامري تي ريفرينڊم ڪرائڻ جو اعلان ڪيو پر پاڻ کي ڏنل اختيار واپس ڪري، فوج کي اڳيان اچڻ جو چيو آهي پر صدر جي اختيارن کان وڏيڪ اهم مامرو آئين ۾ ترميمن جوآهي جيڪو هڪ ته مصر کي وڏيڪ انتها پسندي ڏانهن ڌڪيندو پر فوج جي مفادن جي تحفظ کي به يقيني بڻائيندي ڪيس عالمي عسڪري امدادن ۽ خارجه پاليسين ۾ وڏيڪ خود مختيار بڻائيندو. اهو به ياد رهي ته اسرائيل کانپوءِ اها مصري فوج آهي جيڪا آمريڪا کان سپ کانوڏيڪ عسڪري امداد حاصل ڪندي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ نئون آئين ڪجهه نقادن جي بقول ته فوج ۽ اخوان المسلمين جي وچ ۾ هڪ انتظامي ناهه جو عملي ثبوت آهي ۽ جنهن سبب فوج جو جانبداراڻو ڪردار بلڪل واضح ٿي پوي ٿو. صدر مورسي تي واشنگٽن جي هاڻوڪي مهربانين جو وڏو ڪارڻ ، اسرائيل خلاف نرم پاليسين، شام خلاف امڪاني جنگ ۾ مصر ۽ اخوان المسلمين جي ساٿاري وارو ڪردار آهي. جنهن جو تازو مثال غزا تي اسرائيلي بمباري کانپوءِ صدر جو نڀايل ڪردار آهي. سرد جنگ دوران عالمي سامراجي قوتن وچ اوڀر ۾ جيڪڏهن مذهبي قوتن کي سويت يونين خلاف استعمال ڪندي مظبوط ڪيو ته هاڻي اسامه جي موت کانپوءِ وري انهن قوتن کي قذافي ۽ بشرالاسد جي سيڪيولر حڪومتن خلاف سعودي رياست جي رهنمائي ۾ منظم ڪيو پيو وڃي. انهن ئي مهربانين ۾ پنهنجي صدر جي بچاءُ لاءِ اخوان المسلمين اڳيان اڳيان آهي. رياستي مشينري کي استعمال ڪندي ، انهي تنظيم جا منظم ٽولا جتي جتي سندن وس پڄين ٿو صدر ۽ اسلامي ترميمن خلاف متحرڪ ماڻهن کي مترڪن سان سڌو ڪرڻ جي ايماني ڪم ۾ مصروف آهن پر سندن وس عوامي تحريڪ جي اهڃاڻ تحرير اسڪوئر تي ڪونه پيوهلي جتي وري ميلو مچڻ شروع ٿي ويو آهي. جڏهن ته ٻن دورن ۾ ٿيل تازي ريفرينڊم ۾ 34 سيڪڙو ماڻهن ووٽ وڌو ۽ غير سرڪاري نتيجن مطابق 64 سيڪڙو ماڻهن آئيني اسلامي ترميمن جي حق ۾ جڏهن ته ٻين مخالفت ۾ ووٽ وڌو. حزبِ مخالف ريفرينڊم ۾ ٿيل ڌانڌلين خلاف دانهي رهي آهي پر وس وارا به جمهوري بنجڻ ۾ ڏاڍا چوندڊ پسند آهن.

وينزويلا: شاويز جي چوٿون پيرو چوند

عنايت خاصخيلي

(حصو ٻيو)

نيو لبرل معاشي دؤر ۾ وينزويلا اندر کاٻي ڌر جي سياست:



جيتوڻيڪ وينزويلا اندر معاشي پچ ڏاهه ته 1982ع جي عالمي معاشي بحران بعد ئي پيدا ٿي، پر کاٻي ڌر جي سياسي پچ ڏاهه ان کان گهڻو اڳ 1960ع جي ڏهاڪي ۾ هلندڙ گوريلا تحريڪ منجهان ئي چٽي ٿيڻ لڳي هئي. توڙي جو گوريلا تحريڪ تي حاوي رومانويت کو گهڻو عرصو پنهنجو اثر برقرار رکي نه سگهي، تنهن هوندي به شروعات ۾ هٿياربند تحريڪ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ ڪميونسٽ پارٽي وينزويلا 1963ع ڌاري ان تحريڪ تان دستبردار ٿيڻ بعد به ڪيوبا جي انقلابي سحر ۾ ورتل ڪوڙ سارن ڪارڪنن کي ان مهم جوئي، (Adventurism) کان بچائي نه سگهي. هاڻي اهڙي مُهم جُو (Adventurist) ڪارڪن لاءِ هڪ طرف ته خود ڪميونسٽ پارٽي اندر ئي موجود هڪ مضبوط ڌڙو (جنهن کي بعد ۾ سُٽت ئي پارٽي منجهان خارج ڪيو ويو) اهڙو ماحول جوڙي رهيو هيو ته ٻئي پاسي ڪيوبا جي انقلاب مان متاثر ڪافي سارا ننڍا وڏا گروپ ڪين تيزيءَ سان پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيا هئا. نتيجي طور ان گوريلا تحريڪ جي ناڪاميءَ بعد وينزويلا ۾ کاٻي ڌر جي سياست اندر هڪ شديد مايوسي ۽ ٽوڙ ڦوڙ جنم ورتو. گوريلا تحريڪ ۾ سرگرم اڪثر ڪارڪن ۽ اڳواڻ تحريڪ جي ناڪاميءَ بعد يا ته بنهه سياست تان ئي هٽ ڪٽي ويا يا پوءِ ٻئي صورت ۾ رياست جي موجود سياسي ڍانچي منجهه ئي پنهنجو پاڻ کي فِٽ ڪرڻ لڳا.

ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ڀِريون وڌو ڏار ان وقت پيو جڏهن 1971ع ڌاري گوريلا تحريڪ جا اُگرا نتيجا ڏسڻ بعد خود انقلابي آدرشن ۽ تحريڪ منجهان ئي مايوس ٿيندڙ ڪجهه ڪارڪنن ۽ اڳواڻن سوشل ڊيموڪريٽڪ لائين اختيار ڪندي ”موومينٽ فار سوشلزم (Movement For Socialism)“ (MAS) نالي تنظيم جوڙي ۽ انقلابي آدرشن کي پاسي تي رکندي رياست جي اليڪشني تاجي پيٽي ۾ ئي پنهنجي جاءِ ناهڻ ۽ منزل ڳولهڻ لڳا. ٻئي پاسي ڪمزور پئجي ويل ڪميونسٽ تحريڪ جي شهرن جي پورهيت پرتن کان ڪنهن قدر ڪٽجي وڃڻ ڪري، ويتر ڪمزور ٿيڻ لڳي ۽ اندروني اختلاف پوءِ هڪ ٻي تنظيم ”ريڊيڪل ڪاز (Redical Cause)“ (LCR) جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. هاڻ هڪ پاسي ته پارٽي اندر اها سموري پچ ڏاهه ٿي رهي هئي، پر ٻئي پاسي جهولي ۾ پيل هڪ ناڪام تحريڪ جي ڪري عام عوام ۾ وچايل ساک جو سور هيو. ائين پوءِ 70 جي پوري ڏهاڪي ۾ پاڳا پورا ٿيل کاٻي ڌر وينزويلا جي سياسي منظرنامي ۾ رڳي پنهنجي شناخت بچائڻ لاءِ ئي جُهد ڪندي رهي.

کاٻي ڌر جي ڪنهن مضبوط محاذ جي شديد کوٽ ۽ پوين ڏهن، پندرنهن سالن ۾ ٿيندڙ ان ٽوڙ ڦوڙ منجهان ٿيل نقصان جو صحيح اندازو تڏهن ٿيو جڏهن 1982ع جي

معاشي بحران بعد مالياتي ادارن جي پنجوڙ ۾ ڦاٽل وينزويلا ۾ تيزي سان ٿيندڙ نيو لبرل معاشي پاليسين جي اطلاق ڪري صورتحال انتهائي برق رفتاري سان تبديل ٿيڻ لڳي، پر ان تبديل ٿيل صورتحال ۾ پرپور ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڪابي ڌر جو ڪوبه مضبوط مورچو موجود نه هيو. 1980ع تائين ترقيءَ جي لحاظ کان سڄي دنيا جي تيز ترين معيشت رهندڙ وينزويلا سان هاڻ اهو حشر هيو جو 1960ع جي ڏهاڪي ۾ جاپان کان به وڌيڪ في ماڻهو سالاني آمدني رکندڙ هن ملڪ ۾ في ماڻهو سالاني آمدني (Annual Income Per Capit) 70 سيڪڙو تائين ڪِري پئي هئي. مثال 1983ع کان 1987ع تائين مختلف وقتن تي وينزويلا جي ڪرنسي ”بوليوار“ جي قدر ۾ ڪيل لاٿ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مهانگائي لکن جي تعداد ۾ ماڻهن کي غربت جي ليڪ کان هيٺ ڌڪي ڇڏيو هيو. 1970ع کان 1990ع تائين غربت ٻيڻ تي وڌي وڃي ڪُل آبادي جي 68 سيڪڙو تائين پهتي هئي. ويتر ان ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم مُلڪ ۾ تيزي سان وڌندڙ بيروزگاري ڪيو ٿي. پر تنهن هوندي به سڀ کان وڌيڪ اچرج ۽ افسوس ان ڳالهه جو هو ته اهڙي ڏُکي ويل ۾ پيڙهيل پرتن جي پرجهلي ٿيڻ جي حقيقي طاقت رکندڙ ڪابي ڌر ان ڪوريئڙي جيان بيوس بڻجي سڀ ڪجهه ڏسي رهي هئي جيڪو پاڻ پنهنجي ئي ڄار ۾ ڦاسي پيو هجي ۽ نه ڪنهن کي دانهن ڏئي سگهي نه ئي معيار! ڪابي ڌر جي مجموعي صورتحال ان وقت ڪجهه ائين هُئي ته هڪ پاسي (MAS) ۽ (WCR) (ٻهريان سوشل ڊيموڪريٽ ۽ پويان ٽريڊ يونينسٽ) جي ٽهڻ بعد ڪميونسٽ پارٽي صرف هڪ (Marginal Force) جي صورت ۾ موجود هئي ۽ ان سڄي عرصي ۾ ٿيندڙ اليڪشنن ۾ شامل ٿيڻ باوجود ڪل ووٽن جو 2 سيڪڙو به حاصل نه ڪري سگهي. پر ٻئي پاسي مضبوط نظرياتي بنيادن تي بيٺل هڪ همه گير تنظيم ٺاهڻ بجاءِ ايجنڊائن جي سياست ڪندڙ سوشل ڊيموڪريٽڪ (MAS) ۽ ٽريڊ يونينسٽ (LCR) پڻ ڪو ٻوٽو ٻاري نه سگهيا ڇاڪاڻ ته اول ته ملڪ جي 2 وڏين پارٽين منجهان هڪ، ۽ ان وقت اقتدار تي براجمان پارٽي ”ڊيموڪريٽڪ ايڪشن“ (AD) خود ملڪ جي وڏي ۾ وڏي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي هئي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ان ئي ايجنڊا تي سندس ئي پچ تي کي هارائڻ ناممڪن هيو ۽ ٻيو ته ملڪ جو وڏي ۾ وڏو ٽريڊ يونينن جو اتحاد (CTV) پڻ ان ئي پارٽيءَ جي ونگ طور ڪم ڪندو رهيو هيو. اهڙي صورتحال ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ کان ٽٽندڙ انهن ٻنهي پارٽين جو ڪميونسٽ پارٽي کان الڳ ٿي انهن ايجنڊائن تي جُهد ڪرڻ جو سعيو هڪ ٻاراڻي خواهش مثل هو.

جيستائين ڪميونسٽ پارٽي کان ٻاهر ڪابي ڌر جي ٻين گروپن ۽ پارٽين جو سوال آهي ته ان دؤر ۾ انهن منجهان صرف 3 گروپ يا رجحان ڪنهن قدر اهم ۽ ذڪر لائق محسوس ٿين ٿا. سڀ کان ٻهريان ته ڪيوبا جي انقلاب مان متاثر ٿي ڊيموڪريٽڪ ايڪشن جي ئي هڪ گروپ ٻاران ٺاهيل پارٽي ”ريووليوشنري ليفٽ مووومينٽ“ (MIR) هئي جنهن گوريلا تحريڪ دؤران ته نهايت ئي سرگرم ڪردار ادا ڪيو پر گوريلا تحريڪ جي ناڪامي بعد رومانويت جي بنيادن تي بيٺل ان تنظيم جي ڦوڪٽي منجهان به هوا نڪري وئي ۽ منجهس سهل پسندي ۽ ترميم پسندي (Revisionism) گهر ڪري ويون. اها تنظيم توٽي جو نيو لبرل معاشي دؤر ۾ ڪو سرگرم سياسي ڪردار ادا نه ڪري رهي هئي پر تنهن هوندي به اهو سمورو وقت

اها ڪابي ڌر جي هڪ آپشن طور هلندي رهي. آخر 1988ع ڌاري اها تنظيم ڪجهه بنيادي ايجنڊائن تي اتفاق ڪندي ”مومينٽ فار سوشلزم“ (MAS) پارٽي ۾ ضم ٿي وئي.

ٻيو اهم گروپ انهن مائو وادي گوريلن جو هيو جيڪي گوريلا تحريڪ دؤران ته نهايت ئي سرگرم ڪردار ادا ڪندا رهيا پر 70 جي ڏهاڪي شروع ٿيڻ سان ان تحريڪ جي ناڪام ٿيڻ جي حقيقت کي مڃڻ جي پوزيشن ۾ نه هئا. اهي اصل ۾ (MIR) جا ئي ويڙهاڪ هئا پر (MIR) سميت ڪميونسٽ پارٽي ۽ (MAS) منجهه پڻ مايوسي ۽ سهل پسندي جا لاڙا ڏسي هو ”ريڊ فليگ پارٽي“ (Red Flag Party) جي نالي سان ڇاپا مار ڪارروايون ڪندا رهيا. سندن اهي ڪارروايون ڪو گهڻيون سگهاريون ۽ جاندار ته نه هيون پر تنهن هوندي به 1971ع کان 1990ع تائين ڪو ويهه سال ڪن هو رياست لاءِ مٿي جو سور بڻيل رهيا. پر بنيادي ڳالهه اها ته توڙي جو اهو سمورو عرصو رياست سان ٽڪراءُ جي ڪري هُو هر وقت نشاني تي ئي رهيا پر تنهن هوندي به سندن پارٽي جو معروضي حالتن ڏانهن غير سنجيده رويو ۽ سندن عوام جي ٿوس، مادي ۽ بنيادي مسئلن کان وانجهيل ڪجهه ڪائناتي آدرشن لاءِ جُهد نه رُڳو کين موجود سياسي ماحول ۾ اڻ ٺهڪندڙ (Irrelerent) بڻائي رهيو هيو پر سندن انقلابي آدرشن کي زميني حقيقت کان ڪٽي ڪري کين پڻ مافوق الفطرت بڻائي رهيو هيو. نتيجي طور عوام دوست نظرين ڏانهن سندن رومانوي ۽ غير سياسي ورتاءُ سندن تحريڪ جو بنيادي الميو رهيو ۽ رياست کي هنن منجهان ڪڏهن ڪو بنيادي خطرو پيش نه آيو. هي ۽ مٿي ٻڌايل ٻيا رجحان اڄ جي سنڌ جي قومي، طبقاتي تحريڪ ۾ عام ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ٽيون ۽ آخري گروپ ڪميونسٽ پارٽيءَ مان خارج ڪيل يا ڪيس ڇڏي ويندڙ انهن گوريلا اڳواڻن جو هيو جيڪي پڻ هر صورت ۾ هٿياربند جدوجهد ۽ انقلاب جا حامي هئا پر هو مائو وادين کان رڳو ان معنيٰ ۾ مختلف هئا جو انهن سڌين سنگين ڇاپا مار ڪارروائين بجاءِ سرڪاري ادارن خاص ڪري وينزويلا جي فوج منجهه سرائيت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ اتي ڪجهه ڳوهه ۾ نظرياتي پرچار ڪرڻ لڳا. سندن خيال هيو ته وينزويلا جي عوام ۾ انقلاب آڻڻ جي اهليت ڪانهي ڇاڪاڻ ته هڪ ته وٽس اقتدار تي قبضو ڪرڻ لاءِ گهربل جنگي مهارت يا طاقت ڪانهي ۽ ٻيو ته سندن ذهني اوسر ايتري خسته ۽ هڪبئي کان مختلف آهي جو کين اهڙي ڪنهن اعليٰ پروگرام لاءِ تيار ڪرڻ لڳ ڀڳ ناممڪن آهي. ٻئي پاسي فوج ڪنهن رياست جو سڀ کان وڌيڪ منظم ۽ پروفيشنل ادارو هوندو آهي ۽ اگر ڪنهن به طريقي سان ان فوج جي ڪنهن حصي کي پنهنجن نظرياتي ۽ سياسي مقصدن تي قائل ڪري وڃجي ته فوج جي ان حصي جي مدد سان ”عوام جي وسيع تر مفاد ۾“ اقتدار تي قبضو ڪرڻ ڪنهن قدر آسان بڻجي ويندو آهي. ان گروپ جي مکيه ۽ ساڪائتن ماڻهن منجهان ڊگلس براوو (Douglas Braro) جو نالو انتهائي اهم آهي. گوريلا جنگ جي ناڪامي بعد براوو فوج ۾ موجود ڪجهه ترقي پسند آفيسرن سان گڏجي فوج اندر هڪ انقلابي جٿو تيار ڪرڻ لڳو. اِهي آفيسر فوج ۾ ايندڙ نون نوجوانن تي ڪڙي نظر رکندا هئا ۽ جيڪڏهن منجهن ڪوئي به نوجوان کين ڪنهن قدر ترقي پسند لڳندو هيو ته هو کيس اعتماد ۾ وٺي پنهنجي جٿي ۾ شامل ڪندا هئا ۽ سندس

گهربل تربيت ڪندا هئا. انهن ئي نوجوانن منجهان هڪ وينزويلا جو هاڻوڪو صدر هُوگو شاويز به هيو جنهن جي ابتدائي نظرياتي ۽ سياسي تربيت فوج ۾ موجود ان ترقي پسند جٿي ئي ڪئي. ان گروپ جي تجزئي سان بنيادي مسئلو اهو هيو ته ڪين عوام ۽ انقلابي منجهه هڪ لازمي جڙاءُ نظر نه ٿي آيو. ڪين اهو اندازو نه هيو ته عوام جي حمايت ۽ شموليت ڪانسواءِ هڪ ته اهڙي ڪنهن بنيادي تبديلي جا امڪان نه هجڻ برابر آهن پر ٻيو اهو ته جيڪڏهن ان طريقي سان اقتدار تي قبضو ڪري به وٺجي ته اهو رڳي راتاهو (Coup) هوندو پر انقلاب نه! حقيقت ۾ اهو عوام ئي هوندو آهي جيڪو سماج جي ڪايا پلٽ ڪري سگهندو آهي. گروپ پارٽيون ۽ ادارا ان ئي عوام کي انقلاب لاءِ تيار ڪري ڪنهن تبديليءَ ڏانهن وٺي ويندا آهن. ان معنيٰ ۾ انقلاب ۾ سندن ڪردار عوام ذريعي ئي طئي ٿيندو آهي نه ڪي عوام کان ڪٽيل ڪنهن گروپ ۽ جٿي جي صورت ۾. عوام ۾ ويساهه حقيقي انقلابي ٿيڻ لاءِ پهريون ۽ بنيادي شرط اهي جيڪو هُنن پورو نه ٿي ڪيو.

نيو لبرل معاشي دؤر ۾ وينزويلا اندر ڪاٻي ڌر جي اهڙي ڪمزور پوزيشن ئي هئي جنهن ڪري ان دؤر ۽ ان جي نتيجي ۾ پئدا ٿيندڙ دؤر ۾ چڱو عرصو نيو لبرلزم خلاف ڪي سگهاريون، مستقل ۽ حقيقي عوامي تحريڪون جنم نه وٺي سگهيون. عوام جي طاقت ۽ عوامي سياست ۾ عدم ويساهه ۽ رومانويت ئي ان دؤر ۾ ڪاٻي ڌر جون اهي ڪوتون هيون جن ايندڙ وقت ۾ ٿيندڙ ليفٽ پاليٽڪس جي صورت گيري ڪئي.

(4) شاويز جو دؤر:



ڏنو وڃي ته شاويز جي ابتدائي سياسي ۽ سرگرميون نيو لبرل دؤر جو ئي حصو آهن. شاويز جي سوشلسٽ نظرئي سان شناسائي يا ان لاءِ سندس ابتدائي سرگرميون لڳ ڀڳ 1980ع جي ڏهاڪي شروع ٿيڻ سان ئي ڪا نوس شڪل اختيار ڪرڻ لڳيون هيون. پر تنهن هوندي به پاڻ ڪين هڪ الڳ دؤر ۾ ان ڪري نبيري رهيا آهيون جو سندس ماضي ته پلي ان دؤر ۾ ڪاٻي ڌر جي مجموعي شڪل شبيهه ڪان ڪو گهڻو ٻاهر نه به هجي پر تنهن هوندي به اهو وينزويلا اندر نيو لبرزم مخالف تحريڪ ۽ ان جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ هڪ متبادل سياست (Alternate Politics) جي بنياد وجهڻ جي حيثيت ۾ پوئين دؤر جي نسبت نئين دؤر سان وڌيڪ سلهاڙيل آهي. شاويز جي سياست ٻي سڄي ڪاٻي ڌر جي سياست کان ان معنيٰ ۾ مختلف هئي جو ان رڳي ان دؤر جا اثر ڪنيا ڪونه ٿي پر هڪ نئين سگهاري ۽ تخليقي انداز ۾ خود ان دؤر تي اثر وڌا به ٿي ۽ ايندڙ وقت ۾ ان دؤر جي مقابلي ۾ هڪ نئون دؤر ۽ ان دؤر جي سياست جي مقابلي ۾ هڪ نئين سياست کي جنم ڏنائين.

شاويز اندر مزاحمتي ۽ ترقي پسند

شعور جو ٻج ته هر خاص ۽ عام وينزويلين جيان وينزويلا، لاطيني آمريڪا ۽ پوري ٽين دنيا مٿان سامراجي يلغار، سندن سياسي ۽ اقتصادي استحصال جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ سامراج مخالف، ترقي پسند قومپرستيءَ جي تحريڪن ئي چٽيو ٿي، پر ڪاٻي ڏر سان سندس جڙت فوج ۾ موجود ان ترقي، پسند ڏڙي ذريعي ٿي (جنهن جو تفصيلي ذڪر مٿي اچي چڪو) جيڪو 70 جي ڏهاڪي کان منظم انداز ۾ فوج اندر ”ڪاٻي ڏر جو هڪ هٿياربند جٿو“ ٺاهڻ لاءِ فوج ۾ شامل ٿيندڙ، ترقي پسند ۽ قوم دوست رجحان رکندڙ، نون فوجي جوانن کي هڪ خفيه (Cell) جي صورت ۾ منظم ڪري سندن نظرياتي ۽ عسڪري تربيت ڪري رهيو هيو. جيئن ته مٿي ذڪر اچي چُڪو ته فوج ۾ موجود ڪاٻي ڏر جي ان جٿي جي تجزئي ۽ حڪمت عملين ۾ ڪجهه بنيادي مسئلا هئا جيڪي اڳ يا پوءِ ظاهر ٿيڻا هئا. نتيجي طور اهائي تربيت هئي جيڪا هڪ دؤر ۾ ته شاويز سميت هڪ پوري ڪيڊر جي سمورين سرگرمين ۾ عڪسبي رهي، پر ٻئي دؤر ۾ جڏهن اهڙي تربيت ۽ اهڙين سرگرمين تي حاوي رومانويت ۽ سندن غير عوامي بنيادن جي پٽ وائڪي ٿي ته شاويز سياست جي هڪ نئين رُخ جي چونڊ ڪئي جنهن سچي وينزويلا اندر سياست جي صورت ئي تبديل ڪري ڇڏي.

ايم بي آر 200:

ائين ناهي ته آمريڪا جي ڪڇ ۾ موجود ان خطي (لاطيني آمريڪا) تي گهڻ قومي ڪمپنين ۽ سامراجي ملڪن جون حرص ۽ حوس ڀريل نظرون ڪو ڦهريون دفعو پيون هيون. اهو پورو خطو اڳ ۾ به سڌي ريت (بينڪيتي دؤر ۾) يا اڻ سڌي ريت (سامراج نواز ۽ چاڙتو حڪمرانن جي حڪومت هيٺ) انهن ئي ملڪن ۽ گهڻ قومي ڪمپنين جي سياسي ۽ اقتصادي استحصال جو شڪار رهيو هيو. جنهن جو لازمي نتيجو ڪوڙ سارن ملڪن ۾ موجود سامراج نواز حڪومتن خلاف بغاوتن ۽ انقلابن جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. لاطيني آمريڪا جا ڪوڙ سارا ملڪ سوويت يونين جي اثر ۽ ڇپر ڇانوَ هيٺ صدين کان جاري سامراجي استحصال جو ڳلي پيل ڳٽ ٽوڙي عوام دوست ۽ سامراج مخالف بڻجندا ٿي ويا. ائين پوءِ اصل ۾ پنهنجي ئي بغل ۾ ٻرندڙ ان باهه ئي صاحب بهادر آمريڪا جا پر ٿي ساڙيا.

وينزويلا اندر به سامراجي ملڪن ۽ گهڻ قومي ڪمپنين جي هاٿوڪي يلغار ڪو ايتري سولائي سان هضم ٿيڻ واري ڪونه هئي. صدين کان غلاميءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ وينزويلا جا سياسي ڪارڪن پلي 50 معاملن تي پُليل، پنپليل يا هڪبئي کان مختلف خيال رکندڙ هجن پر ان معاملي ۾ اهي سڀ هڪ هئا. ڪين پلي پٽ خبر هئي ته سامراج ۽ سامراجي يلغار اڳ ۾ ڪين ڪهڙي ڳُلن جي سيج ڏني هئي جيڪا وري هاڻ ملندي! نتيجي طور 82 جي بحران بعد ڪيڏيل ”اسٽرڪرچرل ايڊجسٽمنٽ پلان“ جي پٽي وينزويلائي عوام کي سامراجي سازشن کان هڪدم چوڪس ڪري ورتو.

شاويز ۽ ڪيس تيار ڪندڙ فوج جي ان ترقي پسند گروهه جا ٻيا ساٿي ان سامراجي يلغار کي بحران جي اچڻ کان اڳ ئي ڀاسي چڪا هئا. هو ڄاڻن پيا ته پلي ڪجهه سالن لاءِ سامراجي ڪمپنين ۽ بئنڪن جي مدد سان وڌندڙ تيل جي ڪاروبار مان وينزويلا معاشي طور سگهارو ٿي به وڃي پر انهن سامراجي ڪمپنين ۽ بئنڪن جو جوهر ئي پنتي پيل ملڪن ۽ معيشت جو رت چوسڻ آهي جيڪي اڳي

پوءِ اهي ڪمپنيون ۽ بئنڪون ظاهر ڪنديون. تنهنڪري شاويز ۽ سندس ساٿين 1982ع ڌاري هڪ خفيه تنظيم جوڙي جنهن جو مقصد رياستي ادارن خاص ڪري فوج اندر حمايت پئدا ڪري، سامراج نواز حڪمرانن جي حڪومت ڪيرائي، اقتدار تي قبضو ڪرڻ ۽ ملڪ کي هڪ قومپرست، ترقي پسند ۽ سامراج مخالف لائين تي بيهارڻ هو. ان تنظيم جي سپ کان وڏيڪ عقيدت پوري لاطيني آمريڪا جي آزادي جي هيرو سائيمن بوليوار (Simon Bolivar) سان هئي جنهن اوڻويهين صديءَ ۾ غلاميءَ جي پنجوڙ ۾ ڦاٿل لاطيني آمريڪا جي پيڙهيل هارين ۽ پورهيتن کي هڪ قوم سڏيو ۽ سندن آزادي لاءِ ڪئي جنگيون وڙهي ڪوڙ سارا علائقا آزاد ڪرايا. شاويز ۽ سندس ساٿين وٽ به قوم جو تصور سرحدن کان ماورا پوري خطي جي پورهيتن ۽ هارين تي مبني هو جنهن جي آزادي لاءِ هنن 1982ع ۾ آزادي جي هيرو سائيمن بوليوار جي 200 هين جنم ڏينهن جي موقعي تي، سندس ئي نالي سان منسوب هڪ تنظيم ”موومينٽ فار بوليوارين ريووليشن 200“ (MBR-200) جوڙي.

هي تنظيم فوج اندر خفيه نموني ترقي پسند نوجوانن کي گڏ ڪري سندن تعليم ۽ تربيت ڪندي هئي. سندن مقصد مٿي ذڪر ڪيل مقصدن ۽ اقتدار تي قبضو ڪرڻ هيو. هن تنظيم کي شايد پنهنجي حتمي مقصد يعني وينزويلا اندر اقتدار تي قبضي ۾ اچا الائي ڪيترو وقت لڳي ها پر ان ئي وچ ۾ ملڪ اندر نيو لبرل معاشي پاليسين جي اطلاق ڪري صورتحال انتهائي ڳمڀير ٿيڻ لڳي. بيروزگاري ۽ مهانگائي ماڻهن منجهه ڏيڍ ڪروڙ کي هوا ڏئي ڪيس خطرناڪ حد تائين پڙڪائي رهيون هيون ۽ نيٺ فيبروري 1989ع ۾ حڪومت طرفان مالياتي ادارن جي فرمائش تي ملڪ اندر نين معاشي پاليسين جي اعلان ٿيڻ شرط ئي وينزويلا جي مختلف علائقن منجهه هڪ خودرو عوامي مزاحمت اڀري پئي. 27 فيبروري 1989ع تي تيل ۽ گيس جي 100 سيڪڙو وڌايل قيمتن ڪري پيدا ٿيندڙ هي عوامي مزاحمت ڪن پل ۾ وينزويلا جي سڀني وڏن شهرن ۾ ڦهلجي وئي. عام مزدورن، شاگردن ۽ سياسي ڪارڪنن پاران شروع ڪيل احتجاج سُتت ئي پُرتشدد بڻجي ويا جڏهن رياست طرفان کين دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ماڻهن ڪوڙ سارن سرڪاري ادارن تي زبردستي قبضو ڪري ورتو ۽ ڪيئي هنڌن تي رياستي آپريشن خلاف هٿياربند مزاحمت به ٿيڻ لڳي. شام تائين مُلڪ جي ان وقت جي صدر ڪارلوس آندر پيريز (Carlos Andres Perez) سڄي ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪندي آئيني آزاديون معطل ڪري ڇڏيون ۽ ڪوڙ سارن شهرن ۾ ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو. سرڪاري انگن اکرن مطابق انهن هنگامن ۾ 300 کان مٿي ماڻهو مارجي ويا پر عام ماڻهن پاران ڏنل انگ اکر 3000 کان به مٿي هئا.

ٽوٽي جو اِها مزاحمت ڪي گهٽا ڏينهن جاري رهي نه سگهي پر تنهن هوندي به ان مزاحمت وينزويلا ۾ موجود ڪاپي ڌر جي صحت تي انتهائي بنيادي نوع جا سوال اٿاريا. اها مزاحمت گهٽي پاڳي مزدورن، شاگردن ۽ آزاد حيثيت ۾ شامل ٿيندڙ سياسي ڪارڪنن ڪئي ٿي ۽ منجهس ڪنهن به سياسي پارٽي جو ڪو سڌو سنئون ۽ ڪو فيصلائتو ڪردار نظر نه ٿي آيو. ترقي پسند تحريڪ جي پسماندگي جو اهو حال هيو جو رياست جي سامراج نواز پاليسين خلاف عوامي مزاحمت جا بنياد وجهڻ ته پري جي ڳالهه پر اهڙين خودرو تحريڪن ۾ شامل ٿيڻ، کين سنڀالڻ ۽ ڪنهن

مخصوص طرف يا ڪن مخصوص مقصدن ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ به منجهن گهربل اهليت موجود نه هئي. نتيجي طور وينزويلا جي تقريباً سيني ڳٽپ جوڳن شهرن منجهه شروع ٿيندڙ اها مزاحمت رياستي ڏاڍ ۽ جبر جو مقابلو گهڻن ڏينهن تائين نه ڪري سگهي ۽ ڪنهن سياسي رُخ، رنگ ۽ بنياد کان وانجهجي ڪجهه ڏينهن اندر ختم ٿي وئي. ائين وينزويلا اندر ترقي پسند سامراج مخالف سياسي تبديلي جو موقعو ڪو ڏهاڪو ڪن سالن تائين هٿن مان نڪري ويو. نه صرف ايترو پر ان واقعي بعد تمام اهم ۽ تڪڙي سياسي تبديلي جي اثاث هڪ غير سياسي ۽ غير عوامي مهم جوئي لاءِ ميدان ٺاهڻ لڳي. عوام جي ايتري زوردار تحريڪ جي ڪمزور سياسي بنيادن ٽوٽي سياسي پارٽين جي وائڙائپ ۽ موقعي پرستي هڪ لحاظ کان تبديلي جي غير عوامي طريقن جي حامين لاءِ هڪ بهترين دليل هئي، جنهن ذريعي هو نوجوانن جي چڱي تعداد کي متاثر ڪري سگهيا ٿي. اهو ئي سبب هيو جو فوج اندر موجود تبديليءَ جي غير عوامي طريقن جي حامي "MBR-200" پنهنجون ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون ۽ ان عوامي مزاحمت جي صرف 3 سالن اندر هڪ فوجي بغاوت ذريعي اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر ڪامياب نه ٿي سگهي. جنهن بعد ستت ئي 'MBR-200' جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگي کي گرفتار ڪري مٿن فوجداري مقدما هلايا ويا. شاويز جيڪو ان وقت MBR-200 جي اڳواڻي ڪري رهيو هو. پنهنجن ساٿين سميت گرفتار ٿيو ۽ دهشتگردي جي ڪيسن ۾ اڻ چاتل مُدي تائين جيل موڪليو ويو.

شاويز ۽ وينزويلا ۾ عوامي سياست جو اُڀار:

1992ع ڌاري فوجي بغاوت ذريعي اقتدار تي قبضي جي ڪوشش ۾ ناڪامي، شاويز ۽ سندس هم خيال دوستن لاءِ تبديلي جي غير عوامي رستن ڪي سوال هيٺ آڻي ڇڏيو هو. جيل جي ڏينهن ۾ شاويز ڪي (MAS) ۽ ريڊ فليگ پارٽي جي ڪجهه اڳواڻن سان گڏ رهڻ جو موقعو پڻ مليو جنهن دوران ساڻن ٿيندڙ طويل بحثن ڪانپوءِ شاويز ان نتيجي تي پهتو ته وينزويلا اندر تبديليءَ جو رستو عوامي سياست ئي آهي ۽ آخري نتيجي ۾ اهو عوام ئي آهي جيڪو حقيقي عوامي سياست جي گس تي هلندي سماج جي ڪايا پلٽ ڪري سگهي ٿو. ٻئي پاسي بورجوا سياسي پارٽين طرفان ڏهاڪن کان جاري پاليسين جو عوام دشمن ڪردار عام وينزويلين ماڻهن اندر انڪار ۽ ڪروڌ جا انبار لڳائي چڪو هيو جنهن کي بس هڪ ننڍڙي چڻنگ جي ضرورت هئي. گرفتاري وقت شاويز جي ڪيل سامراج مخالف تقرير جهنگ جي باهه جيان ڪن پل ۾ پوري وينزويلا ۾ ڦهلجي وئي جنهن ۾ هُن وينزويلن عوام جي اهنجن جو ڪارڻ نيو لبرل ازم جي صورت ۾ جاري سامراجي يلغار کي قرار ڏيندي ان خلاف ڏيهي ۽ پرڏيهي محاذ تي ڀرپور جدوجهد جو اعلان ڪيو. نيو لبرزم جي گهاٽي ۾ پيسجندڙ عوام کي ان وقت ڪنهن اهڙي ئي ماڻهو جي ضرورت هئي جيڪو سندن ڀرجهلو بڻجي سياسي ۽ اقتصادي محاذن تي سندن اهنجن جو ڪو حل ڪڍي. هاڻ هڪ پاسي ته ان مهل تائين عوام کي نااهل سمجهندڙ، عوامي سياست منجهان باغي ۽ بدظن ٿيل شاويز جيل اندر پنهنجي مجموعي پاليسين ۽ منجهه موجود ڪوتن ۽ عيبن کان آشنا ٿي رهيو هو، پر ساڳي ئي وقت ٻئي پاسي ڏانهن ملڪ اندر شاويز جي وڌندڙ عوامي حمايت ۽ سندس آزادي لاءِ ٿيندڙ مظاهرا ۽ احتجاج ڪيس عوام جي طاقت ۽ عوامي سياست تي اعتماد ڪرڻ جو بنياد فراهم

ڪري رهيا هئا. جيل ۾ گذاريل 3 سالن جي عرصي ۾ جن پراڻن ڪامريڊن شاويز کي وڌ کان وڌ متاثر ڪيو اُهي (MAS) جا ڪجهه اڳواڻ هئا جيڪي ڪجهه عرصو شاويز سان گڏ قيد رهيا. جيئن ته (MAS) جي سياسي لائين سوشل ڊيموڪريٽڪ هئي تنهنڪري شاويز سان گڏ قيد ڪامريڊ پڻ ان ئي پاليسي جو اظهار هئا. نتيجي طور اهي صرف منجهن موجود خوبيون ئي نه هيون جن شاويز تي ڪي اثر ڇڏيا پر سندن خامين به ايندڙ دؤر ۾ ٿيندڙ شاويز جي سياسي صورت گيري ۾ نهايت ئي اهم ڪردار ادا ڪيو. شاويز جي آزادي لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ شامل نيو لبرلزم خلاف عوامي مزاحمت ۽ مخالفت حڪمرانن جا ڪن ۽ اکيون کولڻ لاءِ ڪافي هئي ۽ اهو ئي سبب هيو جو وڌندڙ عوامي دٻاءُ ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ خطرن کي نظر ۾ رکندي حڪومت 1995ع ڌاري شاويز ۽ سندس ساٿين کي آزاد ڪيو. آزاد ٿيڻ بعد هاڻي شاويز وٽ نه صرف هڪ نئين نظرياتي لائين هئي پر ان لاءِ نظرياتي بيهڪ جي عملي تجربي ۽ اظهار لاءِ وٽس هڪ وسيع ميدان، وينزويلا جو عوام پڻ موجود هيو. جيل مان نڪرڻ بعد شاويز سُتت ئي عوامي ميڙاڪن منجهه سامراج مخالف سوچ کي زور شور سان اظهارڻ لڳو جنهن جي نتيجي ۾ سندس عوامي حمايت روز بروز وڌندي رهي ۽ پوءِ ائين ڪجهه ئي سالن ۾ پنهنجي مخصوص اندازِ بيان ۽ عوام دوست سياسي ۽ نظرياتي بيهڪ جي نتيجي ۾ شاويز وينزويلا جي عوام جو هر دل عزيز اڳواڻ بڻجي ويو. عوامي سياست جو اهو ئي رنگ ڍنگ هيو جنهن تمام ٿوري عرصي ۾ کيس اقتدار جي اعليٰ ترين مسند تي پهچائي ڇڏيو. 1998ع ڌاري ٿيندڙ اليڪشن ۾ شاويز جي اڳواٽي ۾ جڙيل کاٻي ڌر جي اتحاد سيني پارٽين کان وڌيڪ ووٽ کنيا ۽ ائين عوامي حمايت جي نتيجي ۾ شاويز پهريون ڀيرو 1999ع ڌاري وينزويلا جو صدر چونڊجي ويو.

شاويز: اقتدار جي 14 سالن جو مختصر سياسي ۽ نظرياتي ڇيد:

1999ع ڌاري اقتدار ۾ اچڻ کان وٺي موجود دور تائين شاويز ۽ سندس سياست کوڙ سارن ابهامن، بحثن ۽ سوالن جو ماخذ رهي آهي. ساڄي ڌر پاران الٽرا ليفٽسٽ سڏجندڙ شاويز کاٻي ڌر جي مختلف گروپن طرفان پڻ تنقيد جو نشانو بڻجندو رهيو آهي. توڙي جو پنهنجي پنهنجي مخصوص نظرياتي بيهڪ جي ڪري هر هڪ گروپ جي شاويز تي ڪيل تنقيد ٻين گروپن کان ڪافي مختلف بنيادن تي بيٺل آهي پر تنهن هوندي به مجموعي پيرائي ۾ منجهن اڪثر شاويز ۽ سندس سياست مان ڪجهه خاص خوش ۽ مطمئن نه آهن. اهڙي قسم جي تنقيد جا پلي ڪي چند نظرياتي بنياد بيهندا به هجن پر سندس گهڻو حصو داخليت ۽ نظرياتي فرقي پرستي جو شڪار آهي. تنقيد ڪندڙن جي اڪثريت شاويز کي ”ماضي، حال ۽ مستقبل“ جي تاريخي تسلسل ۾ جانچڻ بجاءِ ڪنهن هڪ سانچي ۾ ئي بيهاري مٿس پٿر وسائي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ اهڙي تنقيد پنهنجا تاريخي ۽ سائنسي بنياد وڃائي رڳي داخلي تنقيد بڻجي وڃي ٿي. ماضيءَ کان ڪٽيل حال ۽ حال کان عاري مستقبل، تنقيد جا ڪي سگهارا بنياد فراهم نه ٿو ڪري. صرف تاريخ ئي عملن جي صحيح ساهمي بڻجي سگهي ٿي ۽ ڪنهن به عمل جي تاريخ کان عاري ڪٿ تور صحيح نتيجا نه ٿي ڏئي سگهي. ياد رکڻ گهرجي ته اهو ساڳيو ئي حشر ٻين گروپن سان نظرياتي اختلافن جي بنياد تي شاويز جي تعريف ۾ قصيدا ڳائيندڙن سان پڻ آهي. هتي اسان جو مقصد ڪنهن

گروپ جي شاويز تي ڪيل تنقيد يا سندس تعريف کي صحيح يا غلط ثابت ڪرڻ بجاءِ ڪيس تاريخ جي ساهمي تي رکي پلي ٿورا ئي سهي پر مٿس تنقيد يا تعريف جا ڪي تاريخي جواز ڳولهي لهڻ آهي. هيٺ ڪجهه اهڙا بنياد فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جن جي مدد سان مٿاڇرو ئي سهي پر شاويز جي سياسي ۽ نظرياتي حڪمت عملين جو ڪنهن قدر سائنسي تجزيو ڪري سگهجي.

(1) عوامي سياست ۽ اليڪشني سياست ۾ فرق ۽ هيڪڙائي:

1992ع ڌاري هڪ ناڪام فوجي بغاوت جي ڪوشش ڪانپوءِ شاويز جو سياست جي غير عوامي رستن کي ترڪ ڪري عوامي رستن ڏانهن موٽڻ انتهائي خوش آئيند ڳالهه هئي. اليڪشني تاجي پيٽي ۾ عوامي حمايت جي نتيجي ۾ اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ ان کي عوام جي مفاد ۾ استعمال ڪرڻ تعريف لائق عمل آهي پر ان منجهان ڪنهن به صورت ۾ اهو تاثر وٺڻ ته اليڪشني سياست ئي عوامي سياست جو اڪيلو روپ آهي، انتهائي غلط ۽ موقعي پرستاڻو رويو آهي. ويهين صدي جي پوئين حِصي ۾ وينزويلا اندر شاويز (1995ع ڪانپوءِ) توڙي ٻي سڄي ڪاٻي ڌر جي رياستي اليڪشني تاجي پيٽي ۾ شامل ٿيڻ پٺيان بنيادي محرڪ قوت گوريلا جنگ جي ناڪامي بعد پيدا ٿيندڙ مايوسي هئي جنهن کي بعد ۾ حقيقت پسندي جو نالو ڏئي اليڪشني سياست کي ئي حتمي حل سمجهڻ واري روش جا بنياد وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اهڙي نظرياتي لائين پنهنجي جوهر ۾ بهترين سُڌار پسند لائين ته ٿي سگهي پئي پر حقيقي انقلابي لائين نه! شاويز جي ان رستي جي چونڊ پويان بنيادي محرڪ نه صرف ڪاٻي ڌر جي خسته حالت هئي پر ساڳئي ئي وقت وينزويلا اندر سڌار پسندن جو جوڙيل اهو ماحول هيو جنهن عوامي انقلابي جدوجهد ۽ دهشتگردي ۾ ڪوئي فرق ڪونه ٿي ڪيو. نتيجي طور انقلابي سياست جي اهڙي تشريح ئي هئي جنهن اليڪشني سياست کي عوامي سياست جو واحد رستو ثابت ڪرڻ ۾ ڪا ڪثر ڪانه ڇڏي. هتي هڪ ڳالهه انتهائي واضح انداز ۾ سمجهڻ گهرجي ته مسئلو حالتن جي نزاڪت يا پنهنجي داخلي ڪمزورين کي سمجهندي اليڪشني سياست ۾ وڃڻ سان نه، پر اليڪشني سياست کي ئي تبديليءَ جو اڪيلو ممڪن رستو سمجهڻ سان آهي. اليڪشني سياست عوامي سياست جو هڪ ڏاڪو ٿي سگهي ٿي پر اِها حقيقي عوامي سياست نه آهي ڇاڪاڻ ته پنهنجي جوهر ۾ اِها سياست بورجوا رياست جو ئي جوڙيل هڪ اوزار آهي ۽ عوامي سياست کي صرف اليڪشني سياست جي بوتل ۾ بند ڪرڻ سڌار پسندي آهي. انقلابيت نه! ۽ هر حالت ۾ اليڪشني سياست کي رد ڪرڻ به هڪ ٻي انتهاپسندي جو اظهار آهي.

(2) عوامي سياست ۽ بورجوا رياستي ڍانچو:

اليڪشني سياست جي حد بندين کي ڇاڻڻ بعد اهو اندازو ڪرڻ ڪو گهڻو مشڪل نه آهي ته ان وزن بحر ۾ ٿيندڙ سياست پلي ڪيتري به عوام دوست هجي پر اها بورجوا رياستي ڍانچي کي ڪو بنيادي ڇيهو ورلي ئي ڏئي سگهندي. شاويز جي اقتدار جا 14 سال به ان حقيقت جو اظهار آهن. شاويز پنهنجي سموري دؤر ۾ بي انتها ڪاميابيون ماڻيون هونديون پر وينزويلا جي رياست اڄ سوڌو پنهنجي جوهر ۾ بورجوا رياست ئي آهي. توڙي جو شاويز ڳرن ٽيڪسن ۽ سخت پاليسين ذريعي ملٽي نيشنل ڪمپنين جي سيڙپڪاري ۽ استحصال کي گهٽي حد تائين

روڪڻ ۾ ڪامياب ويو آهي پر وينزويلا جو لوڪل بورجوازي اڄ به ذاتي ڪاروبار منجهان تڳي ٿو پيو ۽ روز بروز اوسر ڪندو ٿو وڃي. جنهن جو اظهار هاڻوڪين چوندڻ ۾ شاويز خلاف جڙندڙ ساڄي ڌر جي اتحاد جو 43 سيڪڙو ووٽ کٽڻ آهي. اهو 43 سيڪڙو اصل ۾ ان بورجوازي ۽ مڊل ڪلاس وينزويلين جو آهي جيڪو شاويز جي سوشلسٽ نعرن منجهان خائف آهي ۽ شاويز جي عوام دوست پاليسين جي کلئي انداز ۾ مخالفت ڪري ٿو. توڻي جو عوامي مسئلن جهڙوڪ: تعليم ، صحت ۽ روزگار کي تمام وڏي پئماني تي حل ڪري ويندڙ شاويز جي پٺيان موجود عوامي حمايت سندس خلاف جاري سازشن کي ناڪام بڻائيندي آئي آهي پر تنهن هوندي به سماج اندر اهڙين سازشن جا ايترا سگهارا امڪان ڪافي پريشان ڪُن آهن. شاويز جي اڳواٽي ۾ وينزويلا ۾ 95 سيڪڙو تعليم، 28 ملين ماڻهن منجهان 17 ملين ماڻهن تائين مفت ۽ معياري صحت جي سهولتن جي رسائي، نوجوانن جي وڏي تعداد کي نوڪريون ڏيڻ سان گڏوگڏ سرڪاري طور هر سال لکين گهرن جي مفت اڏاوت ۽ ورهاست ۽ ان جهڙا ٻيا ڪوڙ سارا ڪم وينزويلا ۾ موجود ان بورجوازي جي سيني تي مُڱ ڏرڻ برابر آهن. مٿان وري شاويز جي لاطيني آمريڪا جي ٻين ملڪن جهڙوڪ ڪيوبا، بوليويا ۽ نڪارا گوئا جي وڏي پئماني تي معاشي مدد وينزويلن بورجوازي کي قومي خزاني جي لٽجڻ جي غم ۾ ڳاري ڇڏيو آهي. شاويز مخالف اتحاد ان بورجوازي طبقي کي اهي ئي خوف ڏياري پنهنجي لاءِ ميدان ٺاهڻ جي مستقل ڪوشش ڪندو رهي ٿو پر پلو ٿئي شاويز جي عوام دوست حڪمت عملين جو جن ڪري 3 دفعا ڪيس صدر چوندجڻ بعد لاڳيتو چوٿون ڀيرو به ڪيس ملڪ جو صدر چونڊي وينزويلا جي پٺتي پيل غريب ماڻهن منجهس ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. پر تنهن هوندي به بنيادي ڳالهه اها ته پٺتي پيل عوام کي بنيادي سهولتون ميسر ڪرڻ خوشي جوڳو ۽ تعريف لائق عمل آهي پر بنيادي مقصد ان سماج جي ڪايا پلٽ ڪرڻ آهي جيڪو عوام جي اڪثريت کي انهن سڀني سهولتن کان محروم ڪرڻ جو بنيادي ڪارڻ آهي.

بوليوارين قومپرستي، سامراجي يلغار جي مخالفت جو هڪ ترقي پسنداڻو انداز:



بوليوارين قوم پرستي جو اصطلاح اصل ۾ لاطيني آمريڪا جا آزادي جي هيرو سائيمن بوليوار (Simon Bolivar) جي نالي سان منسوب آهي جنهن اوڻويهين صدي ۾ سرمائيداراڻي نظام جي صورت ”بيڻڪيتي راڄ“ خلاف جنگ ڪري لاطيني آمريڪا جي ڪوڙ سارن علائقن کي آزاد ڪرايو هو. بوليوار هڪ ترقي پسند ۽ استحصال مخالف اڳواڻ هيو جنهن سڀني لاطيني آمريڪا جي پيڙهيل پرتن کي هڪ قوم سڏي هڪ لحاظ کان منجهن علائقائي تعصب جو خاتمو ڪيو ته ٻئي پاسي مظلوم ۽ محڪوم پرتن جي آزادي جي ڳالهه ڪندي هن اڻ سڌي طريقي سان قوم جي صحيح تصور،

اڪثريتي عوام، پيڙهيل پرتن، مزدورن ۽ هارين جي آزادي جي ڳالهه ڪئي.

بوليوار انهن چند تاريخي شخصيتن منجهان هڪ آهي جن شاويز جي سياسي ۽ نظرياتي لائين جو تعين ڪرڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. مارڪسوادي ادب سان روشناس ٿيڻ کان اڳ اهو بوليوار هيو جنهن جي نانءُ جي چانوَ ۾ شاويز جا ترقي پسند لاڙا اؤسر ڪندا رهيا. سامراج مخالف، ترقي پسند بوليوارين قوم پرستي نه صرف شاويز پر ان کان اڳ وارين نسلن جو پڻ آدرش هئي ۽ MBR-200 کان ويندي لاطيني آمريڪا جي ست ملڪن جو سامراج مخالف اتحاد (ALBA) پڻ ان ئي خواب جو اظهار آهي. شاويز نه صرف وينزويلا اندر پر پوري لاطيني آمريڪا منجهه بوليوارين قومپرستي کي ڦهلائڻ جي ڳالهه ڪندو رهيو آهي جنهن جي هڪ ئي معنيٰ پيڙهيل پرتن، مزدورن، هارين ۽ عورتن جي آزاد جمهوري حڪومت آهي.

ان قدرن هيٺ جڙيل لاطيني آمريڪا جي ستن ملڪن تي مشتمل تنظيم (ALBA) لاءِ شاويز نه صرف مرڪزي خيال پيش ڪيو پر مرڪزي ڪردار پڻ ادا ڪري رهيو آهي. اڄ به وينزويلا لاطيني آمريڪا جي ڪوڙ سارن ملڪن کي سامراجي يلغار کان بچائڻ لاءِ رضاڪاراڻي انداز ۾ اربين ڊالرن جي معاشي امداد سميت سياسي، سفارتي ۽ عسڪري طور تي سندن پرجهلو ٿي بيٺل آهي. حقيقت ۾ اگر ائين ڪٿي چئجي ته ڪيوبا جي انقلابي نظرئي سان گڏ شاويز جي ترقي پسند سامراج مخالف بوليوارين قومپرستي ئي آهي جنهن لاطيني آمريڪا ۾ سامراج مخالفن، ترقي پسند، سوشلسٽ حڪومتن لاءِ راهه هموار ڪئي آهي ته ڪجهه غلط ڪونه ٿيندو.

سوويت يونين جي سهڪار ختم ٿيڻ بعد شاويز جي سربراهي ۾ اهو وينزويلا ئي آهي جنهن ڪيوبا سميت لاطيني آمريڪا جي ٻين سيني ترقي پسند ۽ عوام دوست حڪومتن جي معيشت کي عوام دوستيءَ جي بنياد تي سهارو ڏئي مضبوط ڪيو آهي.

(2) سامراج مخالفت ۽ آمريڪا دشمني:

شاويز جي سياست (غير عوامي روپ کان ويندي عوامي روپ تائين) سامراجي يلغار خلاف مزاحمت جي ئي صورت ۾ هلندي رهي آهي. MBR-200 کان ويندي ناڪام فوجي بغاوت تائين ۽ پوءِ نيو لبرلزم خلاف عوامي محاذ جوڙڻ کان ويندي اقتدار جي 14 سالن تائين شاويز اعلانيه طور هر هنڌ قول توڙي فعل ۾ آمريڪي سامراجي يلغار خلاف هڪ بين الاقوامي شخصيت طور سڃاتبو رهيو آهي. ائين ڪٿي چئجي ته موجوده دور ۾ شاويز جو تعارف ئي سامراج مخالفت بڻجي ويو آهي ته ڪو گهٽو غلط ڪونه ٿيندو.

ان ڳالهه ۾ ڪي به ٻه رايا نه آهن ته هن وقت سامراجيت جو مضبوط ترين قلعو آمريڪا آهي ۽ ان صورت ۾ سندس سامراجي پاليسين جي هر هنڌ ۽ هر ممڪن صورت ۾ مخالفت ڪرڻ گهرجي پر هڪ ڳالهه جيڪا سمجهڻ انتهائي ضروري آهي سا اها ته سرمائيداراڻو نظام ڪنهن هڪ رياست يا مُلڪ جي حد بندين ۾ قيد ناهي. اهو هڪ عالمي استحصالي سرشتو آهي جيڪو دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ هن وقت به قائم ۽ دائم آهي. آمريڪي پاليسين جي مخالفت ان صورت ۾ ضروري آهي ته اهي ان ئي سرمائيداراڻي نظام جو تسلسل آهن نه ڪي ان نظام جي مخالفت ان ڪري

ضروري آهي ڇاڪاڻ ته آمريڪا جو سرواڻ آهي. شاويز پنهنجي مجموعي حڪمت عملين ۾ سامراجيت مخالف گهٽ پر آمريڪا مخالف وڌيڪ رهيو آهي. مٿس ان بنياد تي تنقيد ٿيندي رهي آهي ته هو هر ممڪن محاذ تي آمريڪي پاليسين جي ته مخالفت ڪندو رهيو آهي پر ساڳي ئي وقت مالياتي ادارن کان قرض وٺڻ کان ويندي روس، چائنا ۽ ايران سان رڳي آمريڪي مخالفت جي بنياد تي سياسي ۽ اقتصادي ويجهڙائي ڪي پڻ سامراج مخالفت چوندو رهيو آهي. ياد رکڻ گهرجي ته روس ۽ چين بنهي ملڪن جا ماضي ته پلي ڪيترا به ترقي پسند ۽ شاندار رهيا هجن پر اڄ اهي سرمائيدار رياستن جي صورت ۾ اوترائي قابل ترديد آهن جيترو ڪو بيو سرمائيدار ملڪ. بئي پاسي ايران پلي ڪيتري به شدت سان آمريڪي پاليسين جي مخالفت ڪندو هجي پر ان جو مطلب هرگز اهو ناهي ته رڳو ان بنياد تي احمدي نجاد کان ويندي آيت الله خامنائي تائين سندس اڳواڻن کي آزادين جي علمبردارن جا خطاب ڏنا وڃن ۽ هر نظرياتي اصول کي منڌيئڙو ڏئي کين پنهنجي ڪڇ ۾ ويهارجي. سامراجي يلغار جي مخالفت ته غير مشروط بنياد تي ڪرڻ گهرجي پر ان مان ڪنهن به صورت ۾ اِها مُراد نه آهي ته ان ئي نظام جي پيدا ڪيل ٻين آزادي دشمن صورتن جي حمايت ڪجي.

شاويز ۽ لاطيني آمريڪا جو آئيندو:

مٿي ذڪر ڪيل داخلي ڪوتن، نظرياتي توٽي سياسي ڪمزورين باوجود اهو شاويز ئي آهي جنهن جي وينزويلا جي صدارتي محل ۾ موجودگي ايندڙ دؤر ۾ وينزويلا سميت پوري لاطيني آمريڪا جي ملڪن جي سياست ۽ معيشت جو رُخ طئي ڪندي. شاويز جو ايڪويهين صدي جو مارڪسزم جو نعرو اڃا پنهنجي اندر ڪيترا امڪان رکي ٿو ۽ سندس آخري حد ڪٿي تي ٿئي اِهو ڏسڻ اڃا باقي آهي تنهن هوندي به موجود حالتن ۾ وينزويلا اندر شاويز جي چوٿون ڀيرو چونڊجڻ ڪري لاطيني آمريڪا جي ڪوڙ سارين ڪمزور معيشتن سُک جو ساهه کنيو آهي. شاويز پلي هڪ ڪميونسٽ انقلابي نه به هجي پر پنهنجي ملڪ جي پيڙهيل پرتن، هارين ۽ مزدورن لاءِ ادا ڪيل سندس لازوال ڪردار هڪ انوکو مثال آهي. شاويز تي تنقيد ڪندڙ ڪاٻي ڌر جا ڪجهه حلقا ڪيس سوشل ڊيموڪريٽ قرار ڏئي سندس نندا ڪندا آهن پر وينزويلا جي حالتن ۽ شاويز جي پاليسين جو مناسب انداز ۾ جائزو وٺڻ بعد اهو چوڻ ايترو بي مهل نه هوندو ته سندس حڪومتي دؤر کي سماجي جمهوريت (Social Democracy) سڏڻ بجاءِ عوامي جمهويت سڏجي ته بهتر ٿيندو.

<u>نظرياتي ادب</u>

مڊل ڪلاس جو طبقاتي ڪردار

حسن شاهه

گذريل ڪافي سالن کان ۽ خاص طور تي جڏهن جي بحاليءَ واري تحريڪ شروع ٿيڻ کان پوءِ ساڄي ڌُر جي اصلاح پرست ڌُرين "سول سوسائٽي" کي انقلابي رنگ ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيو ته اها ڪا حيرت جي ڳالهه نه هئي، پر کاٻي ڌر جي سوشلسٽ پارٽين به مڊل ڪلاس جي "انقلابي ڪردار" جي تبليغ ڪرڻ شروع ڪئي ته اسان جهڙن مارڪسي نظرئي جي اڌ اڪري طالب علمن لاءِ مڊل ڪلاس جي طبقاتي ڪردار جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ تمام ضرروري ٿي پيو آهي. موجوده صورتحال ۾ سنڌ جو مڊل ڪلاس ڪو انقلابي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو يا اها محض خوش فهمي آهي؟

ڪنهن به انقلابي جدوجهد لاءِ انتهائي ضروري آهي ته سماج ۾ موجود طبقاتي تضاد ۽ ان سماج جي طبقاتي بيهڪ جو سائنسي ۽ جدلياتي انداز ۾ اڀياس ڪجي، ٻي صورت ۾ يا ته انقلابي جدوجهد، نظرئي کي جيئن جو تيئن مڙهڻ ۽ لڪير جو فقير ٿي پئي ٿي يا وري اصلاح پرستيءَ جو رستو وٺڻ تي مجبور ٿئي ٿو. طبقا هڪٻئي کان پيداواري ذريعن سان تعلق ۽ سماجي پيداوار جي عمل ۾ پنهنجي ڪردار جي ڪري هڪ ٻئي کان مختلف بلڪه متضاد ٿين ٿا. هڪ طرف سرمائيدار ۽ جاگيردار طبقو آهي جنهن وَٽِ پيداواري ذريعن جي مالڪي ۽ رياست جي سڀني صورتن جو قبضو آهي ته ٻئي طرف مزدور ۽ هاري طبقو آهي جنهن وٽ صرف پورهئي جي طاقت (Labour Power) هوندي آهي. سرمائيدار ۽ جاگيردار طبقي جي بقا مزدور ۽ هاريءَ جي استحصال ذريعي منافعو ڪمائڻ ۾ آهي. اُن جي برعڪس مزدور ۽ هاريءَ جو آجپو سرمائيدار ۽ ذاتي ملڪيت جي خاتمي ۾ آهي، انهن طبقن جي وچ ۾ تضاد سرمائيداري نظام ۾ رهندي حل نه ٿو ٿي سگهي انهن ٻنهي طبقن کان علاوه هڪ ٽيون طبقو به آهي جنهن کي "مڊل ڪلاس يا وچولو طبقو" سڏجي ٿو.

هڪ طرف ته مزدور ۽ هاري طبقي وانگي هي طبقو به پيداواري ذريعن کان محروم آهي. پيداواري ذريعن کان محروم هئڻ ڪري هي مزدور ۽ هاريءَ کي ويجهو آهي. پر ٻئي طرف پيداواري عمل ۾ هي طبقو براه راست شامل آهي. پيداواري عمل ۾ هي طبقو صرف ذهني پورهئي يا وري پيداوار جي تقسيم جي عمل تائين محدود هوندو آهي. طبقاتي سماج ۾ ذهني ۽ جسماني پورهئي ۾ تضاد هجي ٿو. ذهني پورهئي کي جسماني پورهئي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت جوڳو سمجهيو وڃي ٿو ان ڪري هي طبقو پنهنجي پاڻ کي سرمائيدار طبقي جي (ذهني ۽ اقتصادي طور) ويجهو تصور ڪري ٿو. هن طبقي جي وضاحت ميني فيسٽو Manifesto ۾ هن ريت ٿيل آهي.

In countries where modern civilization has become fully developed, A new class of petty, bourgeoisie has been developed formed fluctuating b/w proletariat and bourgeoisie, and ever re-newing it self as a COMPLEMENTARY part of bourgeois society.

انهن ملڪن ۾ جتي جديد تهذيب پوري طرح اُسري چڪي آهي پيٽي بورجوازي جو هڪ نئون طبقو پيدا ٿيو آهي. جيڪو پرولتاري ۽ بورجوا وچ ۾ ڦرندو گهرندو رهي ٿو ۽ هيمشه بورجوا سماج جي واڌاري/ مددگار طبقي طور پنهنجي پاڻ کي نئون ڪندو ٿو رهي."

مئني فيسٽو/ منشور ۾ هڪ ٻي جاءِ تي لکيل آهي ته:

The lower middle class, the small manufacturer, the shopkeeper, the artist, the peasant, all

these fight, fight against the bourgeoisie to save from extinction, their existence as fractions of the middle class. They are there fore not revolutionary for they try to roll back the wheel of history, If by chance they are revolutionary, they are so only in view of their com pending transfer into the proletariat.

هيٺين وچولو طبقو، ننڍا ڪارخانيدار، دڪاندار، ڪاريگر ۽ هاري (ننڍو زميندار) اهي سڀ وچولي درجي جي ڌڙي جي حيثيت ۾ پنهنجي وجود کي ميسارجڻ کان بچائڻ لاءِ بورجوازي خلاف وڙهندا آهن. ان ڪري اُهي انقلابي نه پر قدامت پسند آهن، بلڪه رجعت پرست آهن ڇو ته اهي تاريخ جي ڦيٽي کي واپس ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، اگر اتفاق سان اهي انقلابي ٿا ٿين ته اهو ان ڪري جو انهن کي پرولتاري طبقي ڏانهن ڏڪجڻ جوخوف هجي ٿو.

وچولو طبقو هڪ وسيع اصطلاح آهي ان اصطلاح هيٺ مختلف پيشن سان وابسته ماڻهو يا گروهه اچن ٿا. مثال طور: دڪاندار، ڪارخانيدار، ڪاريگر، سرڪاري يا خانگي بينڪن، فيڪٽرين، اين جي اوز NGO's جو ڪاروهنوار هلائيندڙ مئنيجر، انجنيئر، ڊاڪٽر، وڪيل، پروفيسر، واپاري، ننڍا زميندار ۽ ڊسٽريبيوٽرز وغيره.

پيشي جي لحاظ کان اُهي سڀ هڪٻئي کان مختلف آهن پر جيڪا ڳالهه انهن سڀني ۾ گڏيل آهي اها هيءَ آهي ته هنن سڀني جو اقتصادي ۽ معاشي انحصار سرمائيدار طبقي تي هوندو آهي. هن طبقي جو آجپو ۽ بقا ذاتي ملڪيت کي برقرار رکڻ ۾ هوندو آهي ۽ انهن جو آجپو سرمائيداري نظام ۽ ذاتي ملڪيت جي خاتمي ۾ نه هوندو آهي. پوءِ ته ڳرين پگهارن ۽ هيٺين طبقي جي استعمال ۾ ننڍو پارٽنر بڻائي سرمائيدار هن طبقي کي دولت، تعليم ۽ زندگيءَ جي سهولتن ۽ عيش و آرام جي اجازت ڏيندو آهي ۽ انهن تائين دسترس/ (پهچ) ڏئي ٿو. پورهئي جي ورهاست ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ جي نتيجي ۾ سرمائيدار هن طبقي تي تمام گهڻو پاڙيندو آهي، ڪمپنيءَ جو ڪاروهنوار ان جا چاڙتا (Executives) هلائيندا آهن. ان طرح سان نه صرف هي ڳريون پگهارون ڪٽندا آهن بلڪ پورهيتن جي استحصال ۾ سَٽَ سمنڊ پار ويٺل ان سرمائيدار جا مددگار ۽ ساٿاري به هوندا آهن. ان ڪري مارڪس ۽ اينگلز ان طبقي کي سرمائيدار جو واڌارو مددگار طبقو سڏيو آهي هن طبقي جي نمائندگي ڪندڙ دانشور لفظي طور تي پورهيتن جي حقن جي ڳالهه ڪندا آهن. پر پورهيتن جي سرمائيدار خلاف فيصلائتي ويڙهه ۾ سرمائيدار طبقي جا حمايتي بڻجي ويندا آهن. اڪثر پيٽي بورجوا دانشور سوشلسٽ انقلاب کي ”خوني انقلاب“ چئي ننديندا آهن. ڇو ته هنن وٽ انقلاب جو تصور اهو آهي، جنهن ۾ ”رت جو ڦڙو به نه وهي.“ هن طبقي کي لڳندو آهي ته سرمائيدار نظام ۽ ذاتي ملڪيت جي خاتمي ۽ پورهيت طبقي جي حڪمراني هيٺ هن طبقي جو وجود هميشه هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو. هي اهو سوچڻ ۾ حق بنجاب آهي ڇو ته پورهيت طبقي جي حڪمرانيءَ هيٺ آهستي آهستي ذهني ۽ جسماني پورهئي جو فرق ختم ٿي ويندو ۽ پورهيت رياست (پهرئين ڏاڪي ۾ First Step) ۽ سماج جو سمورو ڪاروهنوار پاڻ هلائڻ جي لائق ٿي ويندا ته هن وچ ڪُٽئي طبقي جي ضرورت ئي نه رهندي.

آڄ جي مڊل ڪلاس (وچولي طبقي) جي ڪردار کي عالمي سامراجيت ۽ ٽئين دنيا جي سرمائيداري جي پس منظر ۾ ئي سمجهنداسين يا سمجهي سگهجي ٿو.

گلوبلائيزيشن ۽ آزاد واپار جي نتيجي ۾ اقتصادي سرحدون ختم ٿي رهيون آهن ۽ سرمائيدار لاءِ اهو ممڪن نه رهيو آهي ته

هو پاڻ تمام ملڪن اندر پنهنجي ڪاروبار جي نگهباني ڪري. ان ڪري هِن ڪي اهڙن چاڙتن جي ضرورت آهي جيڪي هن ڪي يا هن پاران هن جي ڪاروبار جي نگهباني ڪَنِ ۽ هن تائين وڏ کان وڏ منافعو پڄائين. ان مقصد لاءِ وڏن سرمائيدار ملڪن جي پالتو ادارن ”IMF“ ۽ ”ورلڊ بئنڪ“ ذريعي ٽين دنيا جي ملڪن جي امداد ڏني پئي وڃي هو پنهنجي مُلڪن ۾ اهڙا ادارا قائم ڪن جن ۾ شاگردن ڪي ست سمنڊ پار (ٻاهرين ملڪن) ۾ ويٺل سرمائيدار جي منافعي ۾ ڏينهن رات اضافي ڪرڻ جا گُرَ به ايندا هجن نه صرف اهو پر هُنن جي لباس، اٿڻ، ويهڻ، کائڻ، پيئڻ ۽ سوچ جا سڀ انداز سرمائيداراڻي تهذيب جي copy نقل بلڪ caricature (ڪل جوڳو خاڪو) هجن.

صرف سنڌ ۾ ئي هينئر اهڙا لاتعداد ادارا قائم ڪيا ويا آهن جيڪي آمريڪي ۽ يورپي سرمائيدارن لاءِ ”منشي“ پيدا ڪرڻ جي خدمت انجام ڏئي رهيا آهن چو ته انهن ”منشين“ جي پورهئي جا خريدار گهٽي پاڳي وڏن شهرن ۾ مرڪز آهن انڪري انهن جو رخ وڏن شهرن ڏانهن آهي.

ننڍن شهرن ۾ اهو ڪم NGO's ڪري رهيون آهن، بظاهر سماجي ڀلائيءَ جون تنظيمون ترقي يافته سرمائيدار دنيا جي ٽُڪرن تي پلجندڙ اهي ادارا آهن جن جو ڪم سماج ۾ طبقاتي ۽ قومي تضاد ڪي مانيٽو (Pacify) ڪرڻ آهي. اهي تنظيمون نام نهاد عوامي ڀلائي جي پردي ۾ ۽ پوئتي پيل سماجن ۽ رجعتي رياستن ۾ statusquo (موجوده حالتن) ڪي بحال ڪرڻ يا برقرار رکڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون، اهي تنظيمون عوام ۾ خاص ڪري نوجوانن ۾ اهو شعور اڀاري رهيون آهن ته انفرادي چڱائي ئي سڀ ڪجهه آهي ۽ ماڻهو ”اگر پاڻ چڱو آهي ته جهان چڱو آهي.“ چڱائي هميشه پاڻ کان شروع ٿيندي آهي. “Charity

NGO's begin's at home” لڳ ڀڳ چاليهه پنجيتاليهه سال گذرڻ باوجود لاطيني آمريڪا ۾ ڪو ڀوتو ڀاري نه سگهيون آهن. جيڪڏهن!

NGO's ئي لاطيني آمريڪا جي مسئلن ڪي حل ڪري سگهي ها ته وينزويلا، برازيل، نڪاراگوا ۽ بوليويا ۾ انقلاب جي ضرورت ئي نه هجي ها.

پر! سوال اهو آهي ته:

جنهن سنڌي مڊل ڪلاس تي سماج ڪي تبديل ڪرڻ جهڙي وڏي ذميواري سونپي ٿي وڃي ڇا اهو اها ذميواري نڀائڻ جي اهل به آهي يا نه!

ان سوال ڪي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌي مڊل ڪلاس جي ڪردار جي تاريخي ۽ جدلياتي ڇنڊ ڇاڻ ڪجي.

سنڌ جي شهرن ۾ ويٺل مڊل ڪلاس پنهنجي عمل سان اهو ثابت ڪيو آهي ته هو سنڌ جي آجپي لاءِ نه وڙهيو آهي ۽ نه وڙهڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

شهرن جو مڊل ڪلاس ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي جهڙين پارٽين وٽ يرغمال بڻيل رهيو آهي ۽ انهن ڪي جماعتن جو Support base آهي، اهو مڊل ڪلاس ون يونٽ خلاف تحريڪ دوران حڪمران طبقي جو حامي ۽ مددگار رهيو. (سبط حسن جهڙن دانشورن به ون يونٽ جي حمايت ڪئي هئي) ۽ سنڌ جي قومي جمهوري تحريڪ جو مخالف پُٺي خلاف PNA ۽ مارشل لا جو حامي به اهو ئي شهري مڊل ڪلاس هو. MRD ۾ به ان شهري مڊل ڪلاس ۽ ان جي نمائندي اردو پريس جو ڪردار رجعتي ۽ سنڌ دشمن رهيو. مشرف جي جمهوريت ڪي قبول عام ڏيندڙ به سنڌ جو اهو ئي شهري مڊل ڪلاس هو. حقيقت ته اها آهي ته اهو شهري مڊل ڪلاس ڪڏهن به جمهوريت پسند نه رهيو آهي.

سنڌ جو ننڍن شهرن ۾ رهندڙ وچولو

طبقو وڏن شهرن جي وچولي طبقي جي پيٽ ۾ جمهوريت پسند رهيو آهي.

ون يونٽ ۽ ايوبي مارشل لا واري دور ۾ ان کان پوءِ ضياءَ شاهي جي دور ۾ به هن قومي جمهوريت جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. پر اڄ جڏهن سنڌ جا وسيلا رياست ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين وٽ يرغمال آهن ۽ ٻئي طرف تعليمي ادارن ۾ ميڊيا ذريعي مڊل ڪلاس کي بورجوازي بنائڻ Bourgeosiefy جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي هجي اتي وچولي طبقي جو پنهنجي قومي جمهوريتي رجحان براقرار رکڻ انتهائي مشڪل نظر ٿو اچي. انفرادي طور وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ فرد انقلابي ٿي سگهن ٿا، تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي مثال آهن پر بحيثيت طبقي جي مڊل ڪلاس ڪوبه انقلابي ڪردار ادا ڪرڻ جي صلاحيت نٿو رکي. بحيثيت طبقي جي هي پورهيت طبقي ۽ سماج کي ته ڇا بلڪ! پنهنجي پاڻ کي آجو نٿو ڪرائي سگهي.

مڊل ڪلاس ۽ سول سوسائٽي جي ڪردار جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته 2007ع ۾ آزاد عدليه جي بحالي لاءِ شروع ٿيل تحريڪ صرف ججن جي بحاليءَ تي اچي دنگ ڪيو.

سنڌ جي پهراڙي جي مڊل ڪلاس جا تمام گهڻا پرت پاڻي کوٽ، بي روزگاري ۽ ٻين معاشي سببن ڪري تمام تيزي سان پورهيت طبقي ۾ شامل ٿي رهيا آهن. پر پورهيت تحريڪ جي ڪمزور هئڻ ڪري، مڊل ڪلاس جي هنن پرتن ۾ موقعي پرستي جو عنصر حاوي صورت ۾ نظر اچي ٿو جنهن جو اظهار ٿوري گهڻي ادبي ۽ دانشوراڻي سرگرميءَ سان گڏ، جاگيردارن، ڪامورن ۽ چونڊيل نمائندن جي اڳيان پٺيان ڦرڻ ۽ انهن سان تعلق جوڙڻ جي صورتن ۾ ٿيندو رهي ٿو. پر جيئن ته هي طبقو تيزي سان پنهنجي معاشي بهيڪ کي ڪمزور ٿيندي ڏسي ٿو ته تنهنڪري اهو پورهيت انقلابي فڪر کان متاثر به ٿئي ٿو ۽ تڪڙي تبديلي جي تمنا به ڪري ٿو. انهيءَ تڪڙ ۽ پنهنجي ٻٽي طبقاتي بيهڪ جي ڪري. اهو طبقو بظاهر قومي طبقاتي انقلابي نعرن هيٺ هڪ پسي مهم جوئي ته ٻي پاسي غير مستقل مزاجي کي اظهاريندو آيو آهي. ٻين لفظن ۾ چن انفرادي مثالن کي ڇڏي ڪري، هن طبقي جي انقلابيت هڪ نوڪري يا ڪجهه ٽيڪن جي مار هوندي آهي.

مڊل ڪلاس ڪوبه انقلابي ڪردار صرف تڏهن ئي ادا ڪري سگهي ٿو جڏهن هو پنهنجي پاڻ کي پورهيت طبقي ۽ ان جي طبقاتي مفادن سان سلهاڙي ۽ ان جي جدوجهد ۾ پورهيت طبقي جو ساٿاري ٿئي. مارڪس class struggle in France ۾ لکيو هو ته:

"The Petty bourgeoisie can preserve its revolutionary attitude towards the bourgeoisie only as long as Proletreate stands behind it."

پيٽي بورجوازي (وچولي طبقي) صرف تيستائين ئي بورجوازي طرف انقلابي رويو برقرار رکي ٿو، جيستائين مزدور طبقو ان جي پٺيان موجود آهي.

مطلب ته پورهيت طبقي کان الڳ وچولو طبقو بحيثيت طبقي جي ڪوبه انقلابي ڪردار ادا نه ٿو ڪري سگهي، ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سوشلسٽ پارٽين کي پنهنجي سموري توانائي پورهيت طبقي ۽ ان جي طبقاتي جدوجهد کي منظم ڪرڻ گهرجي ڇو ته صرف پورهيت طبقو ئي سموري انساني سماج کي سرمائي ۽ انسان مٿان انسان جي ظلم مان نجات ڏياري سگهي ٿو.

ترميم پسنديءَ جو عروج ۽ زوال

<u>*هرپل برار / ڪبير*</u>

(نوٽ) هيٺيون مضمون ڪميونسٽ پارٽي آف گريٽ برٽين مارڪسٽ ليننسٽ جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ هرپل برار جي ڪتاب Revisionism and demise of the USSR جي هڪ باب جو ترجمو آهي. هي مضمون ڪامريڊ اسٽالن کانپوءِ پارٽيءَ تي ترميم پسندن جي غلبي ۽ سرمائيداري ڏانهن موٽ جي آڪاٽي پڌائي ٿو. مضمون جو پيو حصو سماجواد جي ايندڙ ڪڙي ۾ ڏبو.

اشتراڪي حاصلاتن جي تباهي

بقول لينن جي بورجوازي پلي پٽ چاٽي ٿو ته:

”بورجوازي کان وڌيڪ سندس مفاد جو بهتر دفاع ڪندڙ پورهيت طبقي جا اُهي سرگرم ڪارڪن هوندا آهن جيڪي موقعي پرستي جي رجحان جي پوئيواري ڪندا آهن.“(1)

پنهنجي جم کان ئي سوويت ريپبلڪ داخلي توڙي خارجي مونجهارن کي منهن ڏنو. ان جي باوجود به هُن ملڪي ڏڦيڙ وجهندڙن ۽ سامراجي فوجي هٿ چُراند ڪندڙن کي تڏهن شڪست ڏني، جڏهن اُها پنهنجي دشمن کان گهڻو ڪمزور هئي. هُن اشتراڪي تعمير کي ناقابل مثال حد تائين پهچايو. هُن فاشزم خلاف جنگ ۾ فتح جي حاصلات ۾ به سڀ کان وڌيڪ ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ هُن عالمي طور تي سمورن ملڪن جي پورهيت انقلابين ۽ قومي آزادي جي عوامي ويڙهِن جي بنا ڪنهن ”رياستي“ غرض جي، سهڪار ڪيو، جيستائين سوويت عوام مارڪسزم- لیننزم جي بينر هيٺ وڙهندو رهيو ۽ جيستائين لينن ۽ اسٽالن جي رهنمائي ۾ هڪ بلشويڪ (1903 ۾ رشين سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي وئي جنهن مان هڪ جو نالو



بلشويڪ معنيٰ ”اڪثريتي“ هيو جنهن جي اڳواڻي لينن پئي ڪئي ۽ ٻئي جو نالو مَنشويڪ معنيٰ ”اقليتي“ هيو جنهن جي اڳواٽي پيلخانوف پئي ڪئي) پارٽي سندن اڳواٽي ڪئي ٿي، تيستائين دنيا جو ڪوبه قلعو سندن پهچ کان ٻاهر نه هو.

مختصراً اهو ئي سبب آهي جو سوويت عوام، سوويت رياست ۽ سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جو وقار، سڀ کان اونچو رهي، سموري ترقي پسند انسانيت جو پيار ۽ ايمانداراٽي عزت حاصل ڪندو رهيو. پنهنجي موت کان ٿورو اڳ ئي اسٽالن چيو هيو.

”اسان جي پارٽي جي همت ۽ ڪاميابي جي تعريف ۾ برادر تنظيمن جي قيادت، انهيءَ کي عالمي انقلابي تحريڪ جي ”شاڪ برگيڊ“ (دفاعي جٿو) جي اعزاز سان نوازيو. اهڙي ريت انهن پنهنجن ئي اميدن کي پئي اظهاريو ۽ شاڪ برگيڊ جي ڪاميابي سرمائيداري جي عتاب ۾ رهندڙ عوام کان تمام گهڻو مددي ثابت ٿيندي. مان سمجهان ٿو. اسان جي پارٽي اهڙين اميدن تي پوري لٿي آهي.“(2)

اسٽالن جو اِهو چوڻ ۾ بلڪل درست هيو ته لينن جي پارٽي، سمورن ڪميونسٽن جي اميدن تي پوري لٿي آهي. CPSU سچ ۾

ته انهيءَ تعريف ۽ مدد جي چڱي ريت لائق هئي جيڪا ڪيس سمورين برادر تنظيمن طرفان ميسر ٿي.

پر 20 هين ڪانگريس جي شروعات سان سڀ ڪجهه تبديل ٿي ويو جڏهن خروشيفي ترميم پسند ٽولو CPSU جي قيادت حاصل ڪري ويو. سياست، نظريي، فلسفي ۽ معاشيات ۾، داخلي توڙي خارجي پاليسين ۾ هِن ٽولي پنهنجي ترميم پسند لائين ذريعي هڪ اهڙي عمل جي شروعات ڪئي، جنهن پارٽي، سوويت معيشت ۽ سوويت رياست کي تباهه ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ عمل (اڳتي هلي) ساڍن ٽن ڏهاڪن ۾ USSR ۾ سوشلزم جي خاتمي، CPSU جي تحليل ٿيڻ ۽ سوويت يونين جي ٽوڙ ڦوڙ ۾ پاڻ اظهاريو.

سامراجي بورجوازي ڪٽي ڪيڏو به زور چو نه ڏنو هجي، يا سوويت يونين تي ڪيترن ئي لکين فوجين جي چڙهائي چو نه ٿي هجي، پر سوويت يونين هميشه سوڀارو رهيو. CPSU ۾ موقعي پرستي جي ڪاميابي (يا) خروشيفي غدار ٽولي جي اقتدار ڦبائڻ سان ئي بلشويڪ قلعي ۾ ڏار پيا. ٻين لفظن ۾ انهيءَ کي اندران ئي اندران شڪست هارو ڪيو ويو.

سرد جنگ جي مشهور آمريڪي معمار جارج ڪينن (George Keenan) 1947ع ۾ ئي پنهنجي دوranديشي ڏيکاريندي لکيو هو ته:

”جيڪڏهن .... ڪڏهن به ڪنهن شيءِ پارٽي جي ٻڌي ۽ انهيءَ جي سياسي اوزار واري اهليت کي ڌڪيو سوويت رشيا رات پيٽ ۾ ئي هڪ مضبوط ترين کان ڪمزور ترين ۽ قابل رحم قومي سماجن ۾ تبديل ٿي ويندو.“(3)

سامراج جنهن شيءِ جي تمام گهٽي خواهش پئي ڪئي يعني پارٽي جي ٻڌي ۽ انهيءَ جي سياسي اوزار واري حيثيت جو خاتمو، اُها تڏهن پوري ٿي جڏهن فيبروري 1956ع ۾، پارٽي جي ويهين ڪانگريس جي آخري ڏينهن جي آڌي رات جو خروشيف پنهنجي چار ڪلاڪ اسٽالن مخالف مزحمتي تقرير ڪئي. جنهن کي نام نهاد ڳجهي تقرير به چيو وڃي ٿو. جنهن ۾ هُن اسٽالن جي (ڪاتي ۾ وڌل) شخصيت پرستيءَ واري واڪ کي ڇڏيندي، اسٽالن کي هر ڏوهه جو ذميوار قرار ڏنو.

خروشيف جي تقرير، جنهن کي ترميم پسندن هڪ وڏي تياري سان سامراجي ميڊيا تائين ليڪ ڪري پهچايو، تمام اگرا نتيجا ڏنا ۽ اوڀر جرمني ۽ هنگري ۾ بغاوتن کي همٿايو. خروشيف عارضي طور مجبور ٿي پير پوئتي ڪيا. سندس جيون ڪٿا لکندڙ جي بقول ته خروشيف قيادت ۾ پنهنجي مخالفن کي چيو هو ته:

”اسان سڀ گڏجي به اسٽالن جي حاجت (ٽوري) برابر ناهيون.“(4)

اسٽالن جي سوال کان وٺي، زرعي پيداوار جي نجڪاري جي حمايت، غير آباد زمين واري مهم جوئي، صنعت جي مرڪزي تاجي پيٽي کي توڙي انهي جي مڪاني بنيادن تي تعمير ۽ ڳري کان هلڪي صنعتڪاري ڏانهن لاڙو. اِهي خروشيف جي ڪيترن ئي مسئلن تي ڪجهه پاليسيون آهن جن پريزيڊيم (تنهن وقت پولٽ بيورو کي اهو ئي سڏيو ويندو هو) ۾ سخت مخالفت کي پيدا ڪري وڌو. اهو مسئلو پريزيڊيم جي 18-21 جون 1957ع واري گڏجاڻي ۾ اٿاريو ويو، جنهن ۾ خروشيف کي پنهنجي انتهائي غلط معاشي پاليسين سبب مالتوف ۽ ٻين جي اڳواٽي سخت مخالفت کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. پريزيڊيم جي 11 ميمبرن منجهان حزب اختلاف کي 7 ميمبرن جي حمايت حاصل هئي. پر خروشيف جي

رد ٿيڻ ۽ سيڪريٽري جنرل جي عهدي تان انهيءَ وقت معزوليءَ جي خبر جيئن ئي ڳُلي، تيئن ماسڪو جي انهن ميمبرن، جن جي چونڊ ۾ خروشيف جو وڏو هٿ هو، پريزيڊيم جو گهيراءُ ڪري، پوري سينٽرل ڪاميٽي جي ڪانووڪيشن جي گهر ڪئي. تڙ تڪڙ ۾ گهرايل سينٽرل ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي، جيڪا 6 ڏينهن جاري رهي پنهنجي اختتامي فيصلي ۾ خروشيف جي حق ۾ ئي بيٺي ۽ مالتوف، ميلنڪوف ۽ ڪاگنوچ کي پريزيڊيم ۽ سي سي ٻنهي منجهان نيڪالي ڏئي ڇڏي.

انهيءَ نيڪالي ڪانپوءِ جنهن کي خروشيف ۽ سندس ساٿارين پارٽي مخالف حزب اختلاف ٺي ڪوٺيو، خروشيف سرءُ 1964 تائين اڇي ڪاري جو تيستائين مالڪ رهيو جيستائين بعد ۾ ٻين اڇي هُن کي ڪڍي، گمنامي جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيو. پنهنجي انهيءَ ستن سالن جي عرصي ۾ هُن (خروشيف) ڏيهي امور جي مامري ۾ اسٽالن تي پنهنجي تنقيد کي اڃان وڌيڪ تيز ڪيو. مشين ۽ ٽريڪٽر اسٽيشن (MTS) جي اداري کي ٽوڙي ڇڏيو. منصوبا بندي کي غير مرڪزي بڻائي، هُن معاشي دائرن، اندر، مارڪيٽ جي تاجي پيٽي کي داخل ڪيو. هُن جوش جذبي سان آمريڪي زرعي طريقه ڪار جي تقليد ڪئي. مختلف وسيلن کي (واپس) صنعت کان زراعت ڏانهن منتقل ڪيو ۽ خانگي زرعي پيداوار جي حوصله افزائي ڪئي. لاڳت جي اوليتن ۾ ڳري بجاءِ هلڪي صنعت کي اڳيان ڪيو. اهو سڀ ڪجهه سوويت عوام جي زندگيءَ جي معيار کي بهتر ڪرڻ جي ناليءَ ۾ ڪيو ويو. پر سچ اهو آهي ته اهو سڀ ڪجهه انهيءَ جي ابتڙ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته ڳري صنعت جي اوسر کانسواءِ اهو ممڪن ڪونهي ته زرعي پيداوار ۽ استعمالي شين جي رسد ۾ اضافو عملي به بڻائي سگهجي. اوليتن جي اها تبديلي، اسٽالن جي انهيءَ تنبيهه جي بلڪل متضاد هئي جنهن ۾ هُن چيو هو ته:

”پيداواري ذريعن جي پيداور (يا اوسر) کي بنيادي اهميت نه ڏيڻ سان، اسان پنهنجي معيشت جي مستقل ڦهلاءُ واري امڪانن کي تباهه ڪري ڇڏينداسين.“(5)

هوئين خروشيف جي سيڪريٽري جنرل جي پهرين سال واري عرصي دوران ئي عام واهپي جي شين ناهڻ تي ٿيندڙ خرچ ڳرين يا وڏين صنعتن تي ٿيندڙ خرچ کان محض 20 سيڪڙو مٿي وڃي بيٺو جيڪو اڳ ۾ 70 سيڪڙو تائين هيو.


ڪارپوريٽ ميڊيا جي اهم ترين ميگزين خروشيف کي اشتراڪي روس جو نئون طرف سڏيو

نظريي جي ميدان ۾ به طبقاتي جدوجهد، پورهيتن جي نگهبان پارٽيءَ ۽ پرولتاريه آمريت کان، ڇاٽي ڀڄهي لاڙو ڪيو ويو. نام نهاد شخصيت پرستيءَ جي روايت کي ختم ڪرڻ جي بهاني انهن پابندين کي نرم ڪيو ويو جن بورجوا ۽ پيٽي بورجوا عنصرن جي تباهه ڪن سرگرمين کي روڪيو ٿي.

خروشيف جي انهيءَ نرم پاليسي جي اثر هيٺ فڪري ۽ ثقافتي دائرن اندر به لبرلائيزيشن جو آغاز ٿيو. جنهن سبب بورجوا فڪر ۽ نظريي، سوويت فن، فلم، شاعري ۽ ناولن کي سوويت ماضي ڏانهن دشمناڻو نه سهي پر تنقيدي ضرور بڻايو.

ماضي ۾ پابندي پيل لکيڻن کي وري ڇاپيو ويو. خروشيف جي نرم پاليسين سوشلزم جي دشمنن کي اهو موقعو فراهم ڪيو، جنهنجو ڪين وڏي عرصي کان انتظار هو ۽ اُهو هيو سوويت فڪري ۽ درسي دائرن ۾ بورجوا معاشي خيالن جي

تشهير. نتيجي طور معاشيات ۾ اندر تائين



اولهه جي اثر پنهنجا دگ ٿاهڻ شروع ڪيا.

خارجه پاليسيءَ جي دائري اندر خروشيف پورهيت عالمگريت (جي مقصد کي) ڦٽو ڪري، سامراجيت ۽ خاص طور آمريڪي سامراج سان مفاهمت تي وڏيڪ زور ڏنو، جنهن سوشلسٽ ڪيمپ جي اتحاد کي ناڪاري طور متاثر ڪيو ۽ ايندڙ ڏهاڪن ۾ انهيءَ جي ٽوڙ ڦوڙ جي عمل جو آغاز ٿيو. خروشيف پاران سوشلسٽ ڪيمپ جي اتحاد کي ٽوڙڻ تي، سامراج تمام گهڻو مطمئن ۽ خوش ٿيو. انهيءَ حوالي سان 26 مارچ 1962ع ڌاري نيوزويڪ (News Week) ڪجهه هيئن لکيو ته:

”اسٽالن جي ڏينهن جي متحده بلاڪ کي نڪيتا خروشيف ناقابل تلافي طور تي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ڪميونزم بجاءِ اولهه جي دنيا جي، شايد خروشيف جي سڀ کان وڏي خدمت اها ئي آهي.“(6)

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ تي پنهنجي تباهه ڪُن موقعي پرستاڻي لائين کي مڙهڻ لاءِ خروشفي ٽولي بردار تنظيمن جي عالمي لاڳاپن ۾ سڌي ۽ سخت مداخلت ڪئي. ايتري قدر جو بردار تنظيمن ۽ ملڪن جي قيادت جي تبديلي لاءِ دٻاءُ تيز ڪيو. پر جيئن ته چيني ڪميونسٽ پارٽي خروشيف جي ترميم پسندي جي مخالفت ۾ مُهڙ جو ڪردار ادا ڪيو، تنهنڪري اِها خروشيف جي حملن ۽ انتقامي ڪارروائين جو خاص نشانو بڻي. جنهن سبب نه صرف پارٽي پر اشتراڪيت جي انهن ٻن عظيم مورچن وچ ۾ رياستي لاڳاپن کي تمام گهڻو نقصان رسايو.

هڪ دفعو ٻيهر، خروشيف جي انهن عملن سامراجي حلقن کي خوش ڪري ڇڏيو. 30 سيپٽمبر 1963ع واري آمريڪي خبرنامي ۽ عالمي رپورٽ ۾ بغلون وڄائيندي لکيو ته:

”چين سان لاڳاپا خراب ڪرڻ تي، اسان کي خروشيف جو احسانمند هئڻ گهرجي...... اسان کي ٽوراٽو هئڻ گهرجي جهڙي ريت هُن ارڏي ۽ ٽڪڙي قدمن سان عالمي ڪميونزم ۾ ڦوٽ وڌي آهي.“(7)

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ خروشيف نه ڪي ڪو پهريون موقعي پرست هو ۽ نه وري آخري. پر انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هيٺ ڏنل ٻن سببن جي ڪري سڀ کان وڏو نقصان هُن ئي ڏنو.

پهريون: هُن تاريخ جي سمورن موقعي پرستن، ترميم پسندن، غدارن ۽ مارڪسٽ مخالف رد انقلابي خيالن کي گڏ ڪيو ۽ انهيءَ منجهان هڪ مڪمل ترميم پسند لائين سان ظاهر ٿيو. جنهن ۾ ”پرامن عبور“ ”پرامن چٽا پيٽي“ ”پرامن بقا ۽

باهمي” ”ڪل ماڻهن جي رياست“ ۽ ”ڪل ماڻهن جي پارٽي“ جهڙين شين سان سامراج سان هٿ هٺ ۾ ڏئي هٿيار ڦٽا ڪيا.

ٻيو: خروشيف CPSU جو سيڪريٽري جنرل هو. ان پارٽيءَ جنهن ڪي لينن جوڙيو، اها پارٽي جنهن عظيم آڪٽوبر انقلاب کي فتح سان همڪنار ڪيو ۽ تاريخ جي پهرين اشتراڪي رياست کي عمل ۾ آندو جنهن اشتراڪي تعمير ۾ اهو ڪجهه حاصل ڪيو جنهن جو مثال ماضي ۾ ملڻ مشڪل آهي. جنهن ٻي مهاڀاري جنگ ۾ فاشزم خلاف فتح ۾ سڀ کان وڏيڪ پنهنجو حصو وڌو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو مارڪسي- ليننيءَ ۽ ترقي پسند انسانذات CPSU کي هميشه عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ۽ سوويت يونين کي عالمي انقلاب جو مورچو قرار ڏنو. بلڪل ائين جيئن اهو لينن ۽ اسٽالن جي اڳواٽي هيٺ هيو.

CPSU ۽ سوويت يونين لاءِ پنهنجي عزت ۽ قدر جو خروشيفي ٽولي، ڀرپور فائدو ورتو ته جيئن پنهنجي ٽوڙ ڦوڙ ۽ ترميم پسندي جي سڙيل ڳر کي لڪائي سگهجي ۽ عوام جي وڏي اڪثريت کي ڌوڪو ڏئي سگهجي. افسوس سان چوڻو ٿو پوي هتي خروشيفي ٽولي کي انهيءَ ۾ تمام گهڻي ڪاميابي حاصل ٿي. ڇاڪاڻ ته CPSU ۾ روايتي اعتبار ۽ سچ کان اڻ ڄاڻائي اڪثر ڪميونسٽن ۽ ڪجهه ڪميونسٽ پارٽين لاءِ خروشيفي ٽوڙ ڦوڙ ۽ ترميم پسندي کي سمجهڻ ۽ ان خلاف مزاحمت ڪرڻ جي راهه ۾ ٻه وڏيون رڪاوٽون هيون.

خروشيفي جي ترميم پسند لائين هڪ دفعو حرڪت ۾ اچڻ ڪانپوءِ، عالمي سامراج جي ضرورتن جو پورائو ڪندي USSR ۽ CPSU ۾ بورجوا قوتن جي سهل پسند واڌ ويجهه کي تمام گهڻي طاقت ڏني. موٽ ۾ اشتراڪي ملڪن جي سرمائيداري ڏانهن پرامن اوسر (موٽ) لاءِ نيو ڪلئير بليڪ ميلنگ ۽ دٻاءُ جي آمريڪي سامراجي پاليسي (CPSU جي) ۽ بورجوا قوتن جي سرگرم هيڪڙائي واپس خروشيفي ترميم پسندي کي اڃا مضبوط ۽ منظم ڪيو.

پارٽي نيڪالي جو عمل (Party Purges)

پنهنجي ترميم پسندي لائين جي خلاف CPSU ۾ مزاحمت تي قابو پائڻ لاءِ خروشيفي ٽولي پارٽي، حڪومت، معاشي، ثقافتي ۽ تعليمي ادارن جي هر سطح تي پرجز جو عمل شروع ڪندي، سمورن ناقابل اعتبار ماڻهن جي جاءِ تي منظور نظر ماڻهن کي اڳيان آندو. 1952ع ۾ ٿيل پارٽي جي اڻويهين ڪانگريس ۾ CPSU جي CC لاءِ چونڊجي آيل ڪل ميمبرن منجهان 70 سيڪڙو کي، 20 ويهين (1956) ۽ 22 هين (1961) ڪانگريس دوران، پارٽي منجهان خارج ڪيو ويو. 20 ويهين ڪانگريس ۾ چونڊجي آيل پارٽي جي CC جي ميمبرن منجهان اڌ کي (50 سيڪڙو) 22 هين ڪانگريس جي وقت ٻاهر ڪڍيو ويو.

پارٽي جي 22 هين ڪانگريس وقت ”ڪيڊر جي نئين سر بحالي“ جي عنوان هيٺ خروشيفي ٽولي يونين ريپبلڪ، علائقن ۽ خطن جي مرڪزي ڪاميٽي جي آفيسن منجهان 45 سيڪڙو ۽ ميونسپل ۽ ضلعي پارٽي ڪاميٽين منجهان 40 سيڪڙو ميمبرن کي خارج ڪري ڇڏيو. 1963ع ڌاري پارٽي کي صنعتي ۽ زرعي شعبن ۾ ورهائڻ جي مقصد هيٺ خروشيفين يونين ريپبلڪ ۽ علاقائي پارٽي ڪاميٽين جي اڌ کان وڏيڪ ميمبرن کي پارٽي منجهان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

انهيءَ سان گڏوگڏ خروشيفين پارٽي ميمبرشپ جا دروازا سوويت آبادي جي غير پرولتارري پرتن لاءِ ٻه ڪولي ڇڏيا. انهيءَ خيال جي تشريح سان ته ”هاڻي پارٽي سمورن ماڻهن جي آهي.“

1980ع ڌاري انٽيليجنيشيا (Intelligentsia) غير متناسب انداز ۾ ڪميونسٽ پارٽي اندر اسر رسوخ وڌايو، خاص طور تي اڳواٽي تي. اندازاً اڌ کان مٿي پارٽي جي ميمبرشپ ۽ ان سيڪڙي کان به مٿي قيادت ۾ ماڻهو هِن پرت کان آيا ٿي.

معاشي دائري ۾ سيڪنڊ اڪانامي جي واڌ ويجهه سان گڏوگڏ، CPSU جي طبقاتي جڙت ۽ ان جي طبقاتي ڪردار ۾ بنيادي تبديلين، سوويت سوشلزم جي تباهي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ڇاڪاڻ ته سماج جو هي پرت جنهن کي Intelligentia سڏيو ٿي ويو، محسوس ڪري چڪو هو ته سرمائيداري جي بحالي ۾ ئي سندن تمام گهڻو (طبقاتي) فائدو آهي ۽ انهيءَ شيءِ سيڪنڊ اڪانامي کي هلائيندڙن سان ڪين ويجهو آندو.


پارٽي ۽ ماڻهن اندر اهڙين ئي تبديلين سان خروشيفي ترميم پسند غدارن، پارٽي، حڪومت ۽ ٻين ادارن جو مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪيو. سوويت يونين ۾ طبقن ۽ طبقاتي جدوجهد جو انڪار ڪندي، پورهيتن تي حملي لاءِ خروشيفين پاڻ کي ڏينهن به ڏينهن وڌندڙ مراعت يافته پيٽي بورجوا طبقي سان سلهاڙيو ۽ اهڙي ريت پرولتاريه آمريت کي مراعت يافته پرت جي آمريت سان تبديل ڪيو ۽ سرمائيداري جي بحاليءَ جا بنياد وڌا.

جيتوڻيڪ خروشيف کي 1964 ڌاري هٽايو ويو پر هُن جا تباهه ڪن نظرياتي بنياد، معاشي آزادي جون پاليسيون ۽ سندس سياسي غير مرڪزيت اڳ جيان قائم رهيون. سياسي منظرنامي تان خروشيف جي غائب ٿيڻ کانپوءِ هُن جي خيالن ۽ پاليسين کي معاشي ماهرن، صحافين، مورخن، ڊرامه نويسن، سماجي ۽ فطري سائنسدانن جي طاقتور ڌڙي جاري رکيو جن تباهه ڪن بورجوا اثرن هيٺ پارٽي ۽ ان جي انقلابي ڳُر کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو.

سيڪنڊ اڪانامي (Second Economy)

خروشيف ۽ برزنيف جي دوَر جي معاشي سڌارن جو سڀ کان تباهه ڪن نتيجو هڪ ته خانگي شعبي (Private enterprise) جي واڌ ويجهه هئي جنهن کي سيڪنڊ اڪانامي به سڏجي ٿو ۽ ٻيو اُهو پرت، جيڪو انهيءَ واڌ ويجهه (خانگي شعبو) منجهان فائدو حاصل ڪري رهيو هو.

اسٽالن جي دوَر ۾ هڪ تنگ دائري تائين محدود ڪيل خانگي معاشيات (Private Economy) خروشيف جي دوَر ۾ هڪ نئين قوت سان اُڀري، برزنيف جي وقت ۾ اوسر ڪئي ۽ گورباچوف جي انتهائي گهڻي سنڀال ۽ پيار هيٺ بنيادي سوويت معيشت تي حاوي ٿي.


برزنيف، سيڪريٽري CPSU (1964 -1982)

آمدنيءَ جي هڪ ٻي متبادل جي حيثيت ۾، جائز يا ناجائز پر خانگي معاشي نظام تمام گهڻي ڏوهه ۽ ڪرپشن کي پيدا ڪري، پنهنجي هوند لاءِ خيالن، جذبن ۽ علمي بنيادن کي اجان سگهارو ڪيو. (هن نظام) سوويت اشتراڪي نظام تي تنقيد لاءِ تمام گهڻو پيسو وهايو ۽ USSR ۾ سرمائيداري جي بحالي جي مادي بنيادن کي تيار ڪيو.

ساٿيو! اسان ڪنهن جاگيردار، ڪنهن بادشاهه يا ڪنهن حاڪم ڪي ظالم هجڻ جو نالو صرف انهيءَ ڪري ڏيندا آهيون جو هو پنهنجي عمل ۾ ڏاڍ ذريعي حاڪم ٿيڻ چاهيندو آهي ٻين لفظن ۾ هو پنهنجي اڳيان هيٺا ماڻهو ناهڻ چاهيندو آهي. جيئن هي طبقاتي نظام پورهيت مردن ۽ پورهيت عورتن ڪي پنهنجي اڳيان هيٺو بڻايو ويٺو آهي.

غور سان ڏسجي ته اها پئداواري ذريعن جي مالڪي ئي آهي جيڪا بادشاهه، جاگيردار ۽ سرمائيدار ڪي هارين، نارين ۽ پورهيتن ڪي غلام بڻائڻ جا مادي بنياد فراهم ڪري ٿي. اهي پورهيت جون معاشي ضرورتون ئي آهن جيڪي ڪيس ڪنهن زميندار يا سرمائيدار وٽ پنهنجو پورهيو وڪڻڻ تي مجبور ٿيون ڪن. غلامي ۽ آزادي جون سڀ صورتون معاشي غلامي يا آزادي جوئي اولڙو آهن. انڪري ئي عزت، غيرت ۽ طاقت جي نالي تي گهرن ۾ قيد ڪيل عورتون ٻيٽي غلامي جو شڪار آهن، ڇاڪاڻ ته طبقاتي رشتو ته ڪين غلام رکي ئي ٿو اچي پر سنڌن گهر ۾ موجود مڙس، پيءَ يا پاءُ به مٿن حاڪم جيان حڪومت هلائين ٿا ڇاڪاڻ ته عورتون معاشي طور

مٿن پاڙين ٿيون. اڪثر نظر ايندو آهي ته هڪه پٽيوالو جيڪو ڪنهن آفس، اسڪول يا فيڪٽري جي گيٽ تي هزار ننڍن وڏن، ايندڙ ويندڙ آفيسرن اڳيان پيو چاپلوسي ڪندو نظر ايندو آهي. اهڙو شخص به جڏهن گهر وڃي ٿو ته سندس ڪاهه به وڃي انهيءَ عورت تي ئي ٿئي ٿي جيڪا سندس ساٿياٽي ۽ پاتياٽي هوندي آهي. اها ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪجهه عجيب لڳندي ته اهڙو شخص جيڪو خود ڏڪ ڪاڌل هجي اهو آخر ڪيئن پئي ڪنهن کي ڏکه هٽي سور ۾ مبتلا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو؟ اصل ۾ هڪ غلام ذهن مجموعي سماجي تاجي پيٽي کي ئي عسڪي ٿو. ڏاڍ ۽ جبر جا اهي تصور سندس ذهن جو اختراع ناهن. اهي هُنجي ذهن کان ٻاهر، سندس مادي سماجي حالتن ۾ موجود آهن ۽ هُوڪين محظ ان ڪري ئي اپنائي ٿو ته سندس غلاميءَ جي سمجهه بنهه سادي آهي. هُو سمجهي ٿو ته اختيار ملڪيت ۽ طاقت ئي غلاميءَ جو خاتمو آهن پر حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي. سماج جو اِهوئي دستور آهي ته مرد عورت مٿان قابض هجي ته مرد ڪونرائبو" "هو عورت جو ڄمڻ کان ويندي مرڻ تائين اصل والي وارث آهي" ۽ هو عورت سان جيئن چاهي پيش اچي سگهي ٿو". مرد جو ڪم اهوئي آهي ته هو ٻاهر پنهنجي گهر ڀاتين لاءِ ڪمائي ۽ عورت کي گهر وهارڻ ۾ ئي سندس غيرت پئي نظر ايندي" پوءِ اهو مرد ڪٽي گڏهه چاري يا ٻڪريون عورت سندس غلام ۽ ٻانهي ئي آهي! طبقاتي نظام وڏي چالاڪيءَ سان پنهنجي قوت کي برقرار ڪرڻ خاطر وڏا داوَ ڪيڏندو آهي. مرد هڪه اهڙو غلام آهي جنهن جي غلامي پراٽي ڪونهي چوڻ جو مقصد ته هو هڪ اهرو چڙواڳ غلام آهي جنهن غلاميءَ کي عورتن جيان پوريءَ طرح تسليم نه ڪيو آهي. انهيءَ ڪري مٿي ويٺل آقا کي اهڙن چڙواڳ غلام کان خطرو ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري ئي مٿي ويٺل اُهو آقا پنهنجي اقتدار کي دوام بخشڻ لاءِ ڌرم ۽ ثقافت جي ڍڪ ۾ پنهنجا منصوبا سماج تي لاڳو ڪندو آهي. جيئن سرمائيداري نظام ۾ پيٽي بورجوازي طبقو ٿورڙي اختيار ۽ طاقت جي بدلي بورجوازي جي هٿن ۾ ڪيڏندو آهي. ايئن ئي طبقاتي سماجن جي سموري تاريخ ۾ پورهيتن جي هڪ گروهه (مردن) کي پورهيتن جي هڪ ٻئي گروهه (عورتن) تي فوقيت، اوليت، طاقت ۽ حڪومت ڏئي، ڪيس ريهي ريبي، ماٺو ڪيو ويندو رهيو آهي. اِهو "جزوي (اختيار" اصل ۾ آقائن وٽ موجود "ڪُلي اختيار" جي حفاظت لاءِ ئي ڏنو ويندو رهيو آهي.)

اختيار جي اهڙي مُنتقلي منجهان حاڪم، پرتن جي محڪوم پرتن لاءِ محبت يا همدردي نه پر پنهنجي ئي اقتدار کي بچائڻ جي سازش ۽ چالبازي اظهاري آهي. اهو بالڪل ايئن آهي جيئن ڪو "دانشور يا ڏاهو" پنهنجي ڏاهپ ۽ دانش جو دان ان نيت سان ڏئي ته ماڻهو ڪيس ڏاهو، عقلمند ۽ ڄاڻو تسليم ڪن ۽ پوءِ عقل ۽ فهم جي هر معاملي ۾ سندس هڪ هٽي کي قانوني ۽ اخلاقي جواز ميسر ٿي وڃي. پڪ ڄاڻو ته اهڙو دانشور جيڪو پنهنجي ڏاهپ جا گُر ماڻهن تي محظ ان نيت سان ظاهر ڪري ته اهڙي دانشور ۽ اُن استحصالي حاڪم منجهه ڪوئي فرق ناهي، ڇاڪاڻ ته ٻنهي جو مقصد عام عوام، پيڙيل پرتن کي عقل آزادي ۽ اختيار ڏيڻ نه پر پنهنجي عقل، آزادي ۽ اختيار کي وڌائڻ ۽ دوام بخشڻ آهي.

ساڳيءَ ريت ڏاڍ ۽ جبر تي ٻڌل هي نظام مظلوم ۽ مجبور ماڻهن کي پهرئين ڏاڪي ۾ ڏاڍ ۽ جبر کي اختيار ۽ آزادي جي هڪ ئي ممڪن صورت طور ڏيکاريندو آهي ۽ پوءِ ٻئي ڏاڪي ۾ مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن منجهان ئي ڪجهه وڌيڪ ڪمزور، هيٺن ۽ نبل ماڻهن يعني عورتن تي طاقت، فوقيت ۽ اختيار ڏئي، ڪين مٿن ڏاڍ ۽ جبر ڪرڻ جو تصور ۽ موقعو فراهم ڪندو آهي. ايئن پوءِ اُهي مظلوم طاقت ۽ اختيار جي ان

ڪوڙي تصور ۾ ڦاسي پنهنجي حقيقي اجتماعي آزادي کان پري ٿيندا ويندا آهن. اسان جي سماج ۾ عورتون پيون ڪنهن ڍور ۽ جانورن وانگر وَهن. اسان جون عورتون سماج جي ڏکن ۽ تڪليفن کي سهندي سهندي قرباني جي هر ڪم ۾ پنهنجي پاڻ کي اڳيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. هو پنهنجي گهرڀاتي يا مرد ساٿيءَ سان شريڪ ٿي ، سندس هر ڪم ۾ هميشه هڪ قدم اڳتي وڌي وجي بيهنديون آهن. جيڪڏهن گهر ۾ پئسي پائيءَ جي گهٽتائي هوندي ته هوءَ سماجي رواجن جي پرواهه ڪرڻ بنا، دنيا جا هزار تانا ۽ تڪليفون سهي محنت ڪري گهرجو سرشتو پيون هلائينديون تنهن هوندي به سندن گهر ڀاتي انهيءَ قابليت کي لتاڙي سندن زخمن تي لوڻ پيا ٻُرڪيندا. عورت ڪا رحم کائڻ جي شيءَ ناهي نه ئي ان کي ڪنهن معذور جيان ڪو گهري توجهه جي گهرجائو. هو به سماج جو هڪه فرد آهي. هڪ اهڙو فرد جنهن بنا هي سماج ۽ ان جي اوسراڻ پوري آهي اوهان اڪثر ڏٺو هوندو ته جڏهن به ڪا عورت ڪنهن دڪان يا روڊ تان گذرندي آهي ته اتي ملندڙ مرد وڏي ”عزت ۽ شرم““ جو مظاهرو ڪندي ائين پري ٿي ويندا آهن جيئن هوءَ ڪا خدائي مخلوق هجي يا ڪو ”آسماني جن“ چوڻ جو مطلب ته عورت کي هر وقت اهو محسوس ڪرايو ويندو آهي ته هو اسان مان نه آهي ”يا ته هو ست قرآن آهي“ يا وري ”رنڊي“. تنهنڪري عورت کي اهڙي عزت نه بخشيو! جيڪا سندس ڳچيءَ جو ڦاهو بڻجي پوي. هڪ عام فرد کيس جنسن جي فرق کانسواءِ هڪ عام فرد ڪري مڃڻ، سمجهڻ ئي سندس بنيادي آزادي کي آزاديءَ سان ان زمين مٿان ۽ آسمان هيٺان گهمڻ ڏيو. اهي عورت جي هلڻ ڪري نه ئي ڪرندا ۽ نه ئي ڦاٽي پوندا. ڇاڪاڻ ته عورت کي آزاد انسان ٿيڻ کان نه ئي مذهبي ڪليل آسمان روڪي ٿو نه ئي زمين ان کي فطرت هيٺو نٿي بنائي.

اگر ڪا شئي کيس هيٺو، نبل ۽ پيٺو غلام بڻائي ٿي ته اهو طبقاتي متڀيد تي ٻڌل سماجي سرشتو آهي. هي سماجي اڻ برابريءَ جو نظام سندن ڳلي ۾ رسمن ۽ رواجن جون اهڙيون زنجيرون ٿو وجهي جيڪي کين بيوس ۽ لاچار بڻايو ڇڏين. عورت جي آزادي سماج ۾ هڪ سگهاري تبديلي هجڻ سان گڏوگڏ ڪوڙ سارين ٻين سگهارين تبديلين جو بنياد پڻ آهي. صدين کان جاري جبر ۽ استحصال ئي سندس آزادي سلب ڪري کيس ذهني طور معذور ۽ مفلوج بڻائي ڇڏيو هجي پر ياد رکو ته سندن شموليت کانسوءِ اهو سماج خود به معذور ۽ مفلوج آهي. جيئن لينن چيو ته جيڪڏهن سماج کي سمجهڻ چاهيو ٿا يا انهيءَ جي حالت کي پرکڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اتان جي رهندڙ عورتن ۽ ٻارن جي حالت ”Condition“ کي ڏسو.

ساٿيو! غلاميءَ جو چار اکيلي سِر ٽوڙڻ جهڙو نه آهي. اهو تڏهن ئي ٿيندو جڏهن طبقاتي ويڇا ختم ڪيا ويندا. اسان آزادي جيئڻ جو ڍنگ صرف اهو ئي آهي ته هڪ انسان ٻئي اڳيان بدحال ٿي جهڪي ۽ ٻيو وڏو عقابر بڻجي کيس جيئڻ جا ڍنگ سيکاري اسان جي ذهنن تي غلامي ايتري ته حاوي ٿي وئي آهي جو اسان سڀ هڪ ٻئي مٿان حاوي ٿيڻ ۽ اوچو ٿيڻ کي ئي آزادي سمجهون ٿا. پر حقيقت ۾ اها آزادي نه آهي. آزادي ۽ غلامي گڏگڏ نه ٿا جي سگهن. غلاميءَ مان نجات مان مراد صرف پنهنجو پاڻ کي ڪنهن ٻئي جي غلامي منجهان آزاد ڪرائڻ ئي به پر خود پاڻ کي ڪنهن ٻئي کي غلام بڻائڻ جي طاقت، قوت، ارادي يا عمل منجهان آزاد ڪرائڻ پڻ آهي ۽ حقيقت ۾ اهائي ۾ انسان جي حقيقي آزادي آهي. اڇو ته هڪ ٻئي کي آزاد ٿيڻ جي معنيٰ مفهوم سمجهايون ته جيئن ايندڙ دؤر ۾ نه ڪوئي غلام هجي ۽ نه ڪوئي غلامن جو غلام.

ادب

چاٽل سڃاتل اجنبي

(ڪهاڻي)

ڪامريڊ آزاد ماڇي

راهه هلندي هڪ همراهه تي نظر پئي جيڪو ٽڙندو ٽاٻڙجندو اچي رهيو هو. همراهه جي ويجهو اچڻ ڪانپوءِ مون ڏٺو ته هن جا ڪپڙا ڦاٽل آهن. وارن ۾ ڌوڙ اٽس، هڪ اک سڄيل، جڏهن ته هڪ ٻانهن به زخمي ٿيل هيس. هڪ پير ۾ جوتو ڦاٽل اٿس. جڏهن ته ٻه جنگهون صحيح سلامت اٿس.

ان کان اڳ جو همراهه کي مان ڪجهه چوان، هن هڪدم منهنجو نالو وٺي مون کي ڪيڪاريو. مان حيران ٿيڻ سان گڏ پريشاني ۾ ورتجي ويس. حيران ان ڳالهه تي هي مون کي سڃاڻي ڪيئن؟ ۽ پريشان ان ڳالهه تي ته مان هاڻي ان کي جلدي اسپتال ڪيئن پهچايان. همراهه منهنجو چهرو پڙهي ويو ۽ چيائين پريشان نه ٿي مون کي اسپتال وڃڻ جي ضرورت نه آهي، رستي ۾ ملي ويو آهين ته سامهون جيڪو وڻ آهي اتي هَل، تو سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي. مان هن جي پٺيان هلڻ لڳس. وڻ وٽ پهتاسين ته هي همراهه مٽي تي هٿ رکي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. مون سوچيو ڳالهائڻ جي شروعات هي پاڻ ڪندو. پر هن ڪجهه به نه ڳالهايو. تجسس وچان ڳالهائڻ جي شروعات مون کي ئي ڪرڻي پئي؟

پاڻ پهرين ڪٿي مليا آهيون؟

اجنبي: ها، بلڪل.

مان ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. پر مون کي ذهن ۾ نه اچي رهيو آهي. جيڪڏهن اسين پهرين ڪٿي مليا آهيون؟

اجنبي: خير آهي جيڪڏهن ياد نه پيو اچان هوندو به صحيح وقت اچڻ تي، مان ماڻهن کان وسري ويندو آهيان ۽ ماڻهو مون کي سڃاڻيندي به مون کان اوپرا بڻجي ويندا آهن.

اڇا! ٺي سگهي ٿو. پر تون مون کي وڻ هيٺان الائي ڇو وٺي آيو آهين. منهنجي دل ٿي چوي ته اسان پهرين اسپتال هلون ته جيئن تنهنجي زخمن جي مرهم پٽي ٿي سگهي؟

اجني: منهنجي زخمن جي پريشاني نه ڪر. هي زخم ايتري آسانيءَ سان ختم ناهن ٿيڻ وارا.

ٺيڪ آهي. جيئن تنهنجي مرضي. پر منهنجي لاءِ اهو ڄاڻڻ تمام اهم آهي ته تون مون کي ڪيئن سڃاڻين ٿو؟

اجنبي: ڪجهه ڏينهن پهرين تو سان سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لائبرري جي دروازي تي ملاقات ٿي هئي. ياد آيو؟

اڇا! ٺي سگهي ٿو. مان ڪجهه شڪجان پيو.

اجنبي: ها، شڪ ۾ هجڻ تمام سٺو عمل آهي. شڪ ڪرڻ ڪانپوءِ ئي مون کي سڃاڻي سگهبو آهي.

واهه! يار تون ته مون کي فلاسفر پيو لڳين.

۽ پيو گهمين به اسان جي ڌرتي تي پيو. هاڻي تنهنجي اهڙي حالت مون کي سمجهه ۾ اچي رهي آهي. شڪر ڪر جيئرو پيو گهمين باقي هتي مفت ۾ جنت جي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ گهڻا مڙس پريشان اٿئي. خير منهنجا فلاسفر صاحب، ٻڌاءِ تو سان هي جٺ ڪنهن ڪئي آهي؟

اجنبي: ڪنهن هڪ ڪئي هجي ته ٻڌايان.

ها، فلاسفر سائين ائين ٿيندئي!!! هڪ فلاسفر جي ڳالهه مون کي به ياد آهي. اهو چوندو هو ته جيڪڏهن ٻڌنڙ جوڪر مان لطف اندوز ٿي رهيا هجن ته انهن کي فلاسفر ڏيڻ جي غلطي نه ڪندا ڪيو.

اجنبي: پر مان فلاسفر نه آهيان.

ته پوءِ پڪ جوڪر هوندين؟

اجنبي: جوڪر به نه آهيان. جوڪر هجان هان ته هتي مشڪري ڪرڻ جا ڪوڙ سارا ادارا موجود آهن. انهن جو حصو هجان ها يا ڪنهن نام نهاد عوامي سياسي پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري ٽي وي چينلز تي ويهي مشڪريون ڪيان ها. غير عوامي هوندي به عوام جو پنهنجو هجڻ جو انهن کي يقين ڏياريان ٿو. ها هاڻي لڳي. تون واقعي نه فلاسفر آهين ۽ نه ئي جوڪر. تنهنجي ڳالهين مان مون کي سازش جي بوءِ اچي رهي آهي. ڪٿي تون يهودين جي سازش ته نه آهين؟

اجنبي: يهودين جي سازش!!! تنهنجي ڌرتيءَ تي سازشي گهٽ آهن جو تون ٻين جي ڌرتيءَ تي سازشي ڳولي رهيو آهين؟

تنهنجو ڇا مطلب آهي؟ توکي خبر آهي اسان پاڪ ڌرتي جا رهاڪو آهيون. اسانجو وطن پاڪ، اسانجا جذبا پاڪ ۽ ٻيو هتان جو ماڻهو پاڪباز اٿئي ۽ هن ڌرتي تي حڪومت ڪندڙ ته صفا پاڪباز اٿئي. انهن جون سوچون پاڪيزه، انهن جا خيال پاڪيزه، انهن جون پاليسيون پاڪيزه، ايترا پاڪيزه جو هن ڌرتيءَ ۽ هتان جي لٽيل عوام جي بهتريءَ لاءِ ٻيو ڪير سوچيندو ته هي پاڪباز حاڪم انهن جون اکيون ڪڍي ڇڏيندا. پوءِ تون ٻڌاءِ اهڙي پاڪ ڌرتيءَ تي پليت سازشي ڪيئن هوندا؟

بس منهنجو ايئن چوڻ هو جو ڌنم ته همراهه پنهنجي عضون تي هٿ رکڻ لڳو. ڪنهن مهل مون ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ ڪنهن مهل پنهنجي جسم ڏانهن. هي همراهه ڪنجهندي اٿيو ۽ بغير ڪجهه چوڻ جي کسڪڻ لڳو. سمجهيم، هن کي مون مان خطرو محسوس ٿيو. چيو مانس.

ادا، ڪيڏانهن پيو کسڪين؟ جنهن ڳالهه لاءِ هتي وٺي آيو آهين. اها ته پوري ٻڌاءِ؟

اجنبي: ادا، توهان پاڪ ماڻهو، پاڪ ڌرتيءَ جا پاڪ داڻا مان مسڪين ۽ پليت مڙس. بس جيڏانهن آيو آهيان ان طرف کسڪان پيو.

نه مان توکي ايئن وڃڻ ڪونه ڏيندم. شايد تون ڏڄي ويو آهين. مان تو سان مذاق پئي ڪئي. پاڪباز هجڻ جي دعويٰ ڪرڻ ئي ڪنهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ برابر آهي. مان هڪ پڙهيل لکيل انسان آهيان. مان ڪنهن فرد سان نفرت ان بنياد تي ناهيان ڪندو ته هو مختلف سوچي ٿو. مختلف سوچڻ تنهنجو حق آهي ۽ ان ڳالهه جي ڪري تو سان نفرت ڪيان ته مون کي پنهنجي انسان هجڻ تي شرمندگي ٿيندي، پريشان نه ٿي. مون مان توکي ڪجهه به نقصان ڪونه پهچندو. هاڻي ٻڌاءِ تون ڪير آهين ۽ مون کي ڪيئن سڃاڻين؟ ۽ تو سان هي حشر ڪنهن ڪيو آهي؟

اجنبي: مون کي هضم ڪرڻ جي وڏي مهرباني باقي مون توکي پهرين ٻڌايو ته اسان ڪجهه ڏينهن پهرين سينٽرل لائبرري جي دروازي تي مليا هئاسين. بس اها هڪ ملاقات آهي. اتي تو پنهنجو نالو ٻڌايو هو. باقي مونسان هي حشر اهڙن ماڻهن ڪيو آهي جيڪي مونسان تمام گهڻو پيار ڪندا آهن؟

ڇا!!! پيارڪندڙ ماڻهو! پر تو سان پيار ڪندڙ توکي ايذاءُ ۽ تڪليف ڇو ڏيندا؟

اجنبي: پيار ڪندڙ ماڻهو ئي ته ايذاءِ ۽ تڪليف ڏيندا آهن. اهي ايئن نه ڪن ته پوءِ ٻئي ڪهڙي طريقي سان ذهن تي نقش رهي سگهن ٿا.

اذيت ڏئي ڪري اهي پاڻ کي هميشه لاءِ ياد رکرائي ويندا آهن.

الا!! ماري ڇڏيئه. سمجهي ويم دوست توکي سمجهي ويم ته تون ڪير آهين.

اجنبي: سمجهي وئين! ها ٻڌاءِ مان ڪير آهيان؟

تون ناڪام عاشق آهين. ناڪام عاشق

سان اهڙي جث ٿيڻ سمجهه ۾ اچڻ لائق آهي. توکي هڪ نئين خبر ٻڌايان؟

اجنبي: نئين خبر؟ پلي ٻڌاءِ

اسان وٽ ٻن شين ۾ ڏاڍو اضافو ٿي رهيو آهي. هڪ اٿئي پيٽرول ۽ شين جون قيمتون ۽ ٻيا ويچارا ناڪام عاشق!

اجنبي: تو غلط سمجهيو. مان ناڪام عاشق نه آهيان.

جيڪڏهن ناڪام عاشق نه آهين ته پوءِ پيار ڪندڙ توکي ايذاءُ ڇو ڏيندا؟

اجنبي: ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجو پاڻ کي ايذاءُ ڏيڻ کان ڏڄندا آهن.

يار مان هلان ٿو. تون مون کي هاڻي لڳين سچي ۾ يهودين جي سازش پيو.

اهو چئي مان اٿڻ لڳس. پر هن پيري همراهه پاڻ هٿ کان جهلي مون کي هيٺ ويهاريو ۽ چيائين ته پنهنجي ڪم عقلي، ناسمجهي ۽ جهالت کي يهودين جي سازش قرار ڏيڻ واري مخلوق، مان هاڻي جيڪو ڳالهايان ٿو. ان کي غور سان ٻڌندو وڃ ۽ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو.

اجنبي: پاڻ جنهن ڏينهن، يونيورسٽي ۾ سينٽرل لائبرري جي دورازي تي مليا هئاسين. ان ڏينهن تو سان ملڻ ڪانپوءِ رياستي نظام ۽ سماج کي پرکڻ لاءِ مختلف ماڻهن جي راءِ وٺڻ لاءِ چڪر هڻڻ شروع ڪيم. ٻڌو هئم، سنڌي قوم ڏاڍي سياسي قوم آهي ۽ سياسي قوم پوءِ يقيناً سچ کان واقف هوندي. اهو سوچي ميدان تي لٿس. پهرين ملاقات وچي ڪجهه دانشورن سان ڪيم. جڏهن معزز دانشورن ڳالهائڻ شروع ڪيو ته اهي ناانصافي، جهالت ۽ پسماندگي جو جواز قوم کي قرار ڏيڻ لڳا بلڪل انهن مذهبي ماڻهن وانگر جيڪي ملڪ ۾ مهانگائي، ظلم، ۽ ناانصافي جو ڪارڻ عورت جي پردي نه ڪرڻ کي قرار ڏيندا آهن. ۽ عورت جي بي پردگي کي سمورين براين جي وجهه قرار ڏيڻ کان پهرين هڪ منٽ لاءِ به ايئن نه سوچيندا آهن ته جيڪڏهن عورت جو پردو نه ڪرڻ ئي سماجي براين، ڏکن، تڪليفن ۽ ايستائين جو بيروزگاري ۽ مهانگائي جي وجهه بڻيل آهي ته پوءِ بي پردگي ته يورپ جي ملڪن ۾ انتها درجي تائين پهتل آهي. پوءِ اتي سماجي حالتون هتاب کان وڌيڪ خراب ڇو نه آهن؟ پر توکي خبر آهي انهن ملڪن ۾ عورت جي بي پردگي اتان جي معاشي ۽ سماجي حالت تي بلڪل اثرانداز نه ٿي رهي آهي. بس پوءِ قوم کي ئي هر فعل جو ذميوار قرار ڏيڻ واري دانشوراڻي روش کان تنگ ٿيندي اتان جلدي اٿي هليو آيس. سوچيم ته ڪنهن ميڊيا جي اداري ۾ وڃي اتان جي مالڪن ۽ ڪم ڪندڙ صحافين کي چوان ته دانشورن سان ملي ان ڳالهه جو اندازو ٿي ويو آهي ته هيٺ سماج ۾ سچ جي اشد ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ توهان ڪجهه ڪيو نه ته دانشور قوم کي گاريون ڏئي پنهنجي دانشور هجڻ جو حق ادا ڪندا رهندا ۽ گارين جا اصل حقدار ماڻهن جي نظرن کان اوجهل رهندا. پوءِ سوچيم ته ميڊيا خود اصل محرڪن کي لڪائيندي آهي. اها خود سياست جو هٿيار آهي. هونئن به انهن کي سچ لکڻ يا ڳالهائڻ جي توفيق گهٽ هوندي آهي پوءِ انهن کي سچ ٻڌڻ جي توفيق هوندي الائي نه ...بس پوءِ!

يار تون لائي ڇا پيو ڳالهائين. مون تون کان پڇيو ته تنهنجو هي حشر ڪنهن ڪيو آهي. اهو ٻڌائين ڪو نه پيو. هرويرو ڏاهي ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين؟؟

اجنبي: توکي چيم ته مون کي ڳالهائڻ ڏي. تون خاموش ٿي ٻڌ، بس پوءِ ميڊيا جي اداري ڪو نه ويس ان جي بدران عدالت ۾ هليو ويس. هڪ وڪيل سان ملاقات ٿي. عرض رکيو مانس ته عدالتون عوام کي انصاف ڏئي رهيون آهن؟ يا توهان کي انصاف ٿيندي نظر ايندو آهي؟ جواب ڏنائين، توهان الائي ڪهڙي قسم جي انصاف جي ڳالهه پيا ڪيو. هتي انصاف ٻن قسمن جا ٿيندا آهن؟ هڪ انصاف پئسن

وارو هوندو آهي. جيڪو پهچ وارن لاءِ هر وقت دستياب آهي. اهڙو انصاف گهٽي مقدار ۾ عدالت اندر موجود هوندو آهي ۽ ڪوڙا سارا، وڏيرا، ڪامورا ۽ ڪرپٽ آفيسران مان مستفيد ٿيندا آهن. ٻيو انصاف بغير پئسن وارو هوندو آهي. جيڪو بي پهچ غريب ماڻهن لاءِ هوندو آهي. اهڙي قسم جو انصاف ڪورٽ اندر گهٽ دستياب هوندو آهي. ايئن سمجهه ته عدالت ٻاهران جيڪا انصاف جي تارازي اٿئي. ان ۾ پيل اٿئي. دربدر غريبن جو دربدر ۽ غريب انصاف! پڇيو مانس، وڪيل صاحب توهان پنهنجون توانائيون ڪهڙي قسم جي انصاف حاصل ڪرڻ ۾ خرچ ڪندا آهيو؟ ڪلندي جواب ڏنائين ته سائين اسان غريب ٻنهي جي وچ ۾ لٽڪيل هوندا آهيون.

وڪيل صاحب جو جهڪاءُ ڪهڙي قسم جي انصاف طرف وڌيڪ هو. اهو ڄاڻيندي نڪرڻ لڳس. ڪجهه گهڙيون انصاف جي تا رازي وٽ بيهي غريبن واري انصاف کي جانچڻ لڳم ۽ پوءِ محسوس ڪيم ته هتي غريبن جي ته هر شيءِ دربدر لڳي پئي آهي، مان انصاف تي ئي ڇو سوچان؟

تون مون کي شڪل مان غريب يا دربدر نه پيو لڳين؟ پوءِ تون هن مهل غريب ۽ دربدر ڇو پيو لڳين؟ مان توڪان هڪ ڳالهه پڇي رهيو آهيان ۽ تون الائي ڇا ٻڌائي رهيو آهين؟ وري ڇوائنس يهودين جي سازش!

اجنبي: پنهنجي جهالت جي ثابتي ڀلا گهڻا دفعا ڏيندين؟ ۽ ٻيو ڏس ته پادر ڪيئن لڳا ته جيئن تون مزو وٺين منهنجي اذيت جو. توهان لاءِ ضروري آهي ته پهرين پنهنجي دشمن کي سڃاڻو ۽ پوءِ ان خلاف تشدد پسند ٿيو. ٻين جي اذيتن ۾ دلچسپي وٺڻ وارؤ! پنهنجي مظلوميت ۽ محڪومي کي سڃاڻو نه ته پنهنجو پاڻ کي دشمن سمجهندؤ ته اصل دشمن توهان کان بچيل رهندو. خير توکي ٻڌڻو آهي ته منهنجي هي اک ڪنهن سڃائي؟

ها، ٻڌاءِ

اجنبي: توهان وٽ زخمن کي ختم ڪندڙ مسيحائي مون کي زخم ڏنو آهي.

ڇا مطلب؟

اجنبي: مطلب ته، وڪيل ڪانپوءِ هڪ ڊاڪٽر ڏانهن ويم اسپتال ۾، پڇيو مانس ته ڊاڪٽر صاحب توهان پئسن ڪمائڻ لاءِ ڏنڌي ۾ آيا آهيو يا بيمارين کي ختم ڪرڻ لاءِ؟ جواب ڏنائين ته بيمارين کي ختم ڪرڻ لاءِ؟

پڇيو مانس ته پوءِ ايئن ڇو اهي ته توهان وٽ سون جو قطارون لڳل هونديون آهن. بيمار ختم ٿي ويا باقي بيماريون ته ساڳيون آهن. چيائين اسان پنهنجي ڪوشش ڪندا آهيون. باقي شفا ڏيڻ واري ذات الله جي آهي. ان تي بس ايترو چيو مانس صحيح آهي ڊاڪٽر صاحب پر توهان کي پنهنجي عقل تي يقين نه آهي ڇا؟ ان ڳالهه تي ڊاڪٽر ميز تي ڪاغذن مٿا پيل سنگ مرمر وارو پٿر منهنجي منهن ۾ ايترو زور سان وهائي ڪڍيو ڇڻ مون ڪيس ڪا ڪچي گار ڏئي وڌي هجي.

ادا، ماڻهو زخمي ٿي اسپتالن ڏانهن ويندا آهن ۽ ٺيڪ ٿي واپس ايندا آهن. مان ٺيڪ ٺاڪ اسپتال ويس ۽ زخمي ٿي موٽي آيس. مان به بغير پٽي ڪرائڻ جي اسپتال مان ٻاهر نڪري آيس. سوچيم ته شفا ڊاڪٽرن جي هٿ ۾ آهي ڪونه جنهن جي هٿ ۾ هوندي اهو پاڻ ئي شفاياب ڪري ڇڏيندو!!!

اڇا، ڊاڪٽر جو توکي اهڙي طرح پٿر هڻڻ غير انساني عمل هو. ان کي ائين ڪرڻ ته نه گهربو هو.

اجنبي: توهان وٽ انساني عمل ٿين گهڻا ٿا؟

ڇڏ ان ڳالهه کي، اڳتي ٻڌاءِ ڇا ٿيو؟

اجنبي: مان سڌو ٿاڻي تي ويم.

رپورٽ داخل ڪرائڻ ڊاڪٽر خلاف؟

اجنبي: هل ڪيترا نه تشدد پسند ۽

جذباتي آهيو. ٿاڻي ۾ داخل ٿيس ته مُنڇي به ساڳو ئي سوال ڪيو ڪنهن جي خلاف رپورٽ داخل ڪرائڻي آهي؟ چيو مانس ته سرڪار آءٌ ڪنهن جي خلاف رپورٽ داخل ڪرائڻ نه آيو آهيان. منڇي پڇيو ته پوءِ تنهنجي اک ڇو سڄيل آهي؟

سائين اک ان ڪري سڄيل اهي جو ماٺهن جا دماغ سڄيل آهن....

پوءِ تون ٿاڻي تي ڇو آيو آهين؟

ٿاڻي ۾ صرف اهو ڄاڻڻ آيو آهيان ته توهان ماڻهن کي ڪُوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي اندر ڪيئن ڪندا آهيو؟ جڏهن ته ڏوهاري آزاد گهمندا وتندا آهن؟

ادا، مان ايئن نه ڪندو آهيان. پوليس جو نظام مون کي ايئن ڪرڻ ئي مجبور ڪندو آهي.

پوءِ تون مجبور ٻڌجي اهڙي نظام کي ڪلهو ڇو ڏيو بيٺو آهين جيڪو توکي ظلم ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو؟ مون کي کلندي جواب ڏنائين ته يار هڪ ته آهين الائي ڪير؟ ۽ ٻيو سوال ايئن پيو پڇين ڄڻ مان ڪو چور هجان؟

چيو مانس ته تنهنجو گناهه ڪنهن چور کان گهٽ به نه آهي.

ادا، اسان کي روزي ڪرڻي هوندي آهي، اسان مجبور آهيون پنهنجا ٻچا بک ناهن مارڻا.

پنهنجا ٻچا!!! ڇو ٻين جا ٻچا توهانجا ٻچا نه آهن؟

ادا، اسان وٽ صرف حڪم مڃڻ ۽ سهڻ کان علاوه ٻيو ڪوئي چارو آهي؟

چيو مانس پلي پوءِ اهو حڪم ڪيترو به غلط ڇو نه هجي. اهو توهان مڃي به ويندا ۽ سهي به ويندا؟

ها چاڪاڻ ته ان کان علاوه ٻيو ڪو به حل نه آهي؟

حل آهي سرڪار! انقلاب لاءِ بغاوت بهترين حل آهي بس ايترو چوڻ هو ۽ منڇيءَ وڏو منهنجي وارن ۾ هٿ ۽ گهلي وڃي لاڪپ ۾ وڌائين، لتن، مڪن جي خاطر نوازي ڪرڻ ڪانپوءِ گار ڏيندي چيائين تون وري هتي مون کي قانون سيکارڻ آيو آهين؟ سو به ان کي جيڪو راڄن کي قانون سيکاريندو آهي. چيو مانس تون قانون صرف غريب کي ئي سيکاري سگهين ٿو باقي تنهنجي پهچ کان جيڪي وڏيڪ آهن انهن کي سيکار ته مڃان، ان جو جواب وري ٻن تن ٺڦڙن ۾ ڏنائين. آخر همراهه جڏهن ٿڪجي پيو پوءِ مون کي لاڪ اپ ۾ بند ڪري وڃڻ لڳو. مون رڙ ڪري وري چيو مانس، اڙي پيٽو! تو مون کي ٻڌايو ڪونه ته توهان ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي اندر ڪيئن ڪندا آهيو؟ هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ڏي خبر هاڻي تنهنجي دل ٺري هوندي پلا موچڙا ڪيئن لڳا.

نه مون کي احسا س آهي ته تو سان غلط ٿيو آهي.

اجنبي: توهان وٽ غلط هجڻ جو صرف احساس ئي ته آهي. ان احساس کان ٿورو اڳتي وڌو، ڪجهه عملي به ڪري ڏيکاريو. مون تي احساس ڪري تو وڏو احسان ڪري ڇڏيو. اڳتي ٻڌ پورا چار ڏينهن جيل ۾ رهيس. پوءِ هڪ صبح منڇي اندر آيو ۽ وارن ۾ گهلي ٻاهر ڇڪيائين. بقول هن جي ته منهنجي سار سنڀال لاءِ ڪير به نه آيو ۽ منهنجي ماني جو بندوبست هوٽل تان ڪرڻو پوندو هو. ۽ مان ان جي ڪيسي تي بار هئس. منڇي آخر ۾ چيو ته NTS جو ڪيس هٽي سڄي عمر جيل ۾ ساڙيان ها پر ڇا ياد ڪندين بخش ڪيو ماءِ. مان ڪنڌ هيٺ ڪري ٿاڻي مان نڪرڻ لڳس. پر وري هڪ دم واپس منڇي وٽ آيم. چيو مانس تو مونکي ڪو نه ٻڌايو ته توهان معصوم ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي اندر ڪيئن ڪندا آهيو؟ منڇي چيو ڏاڍو بي پتو آهين. پوءِ هن پنهنجون ٽنگون ميز تي رکيون ۽ ڪرسي تي ٽيڪ ڏيندي چيائين، تو ڪڏهن عامر خان جي فلم ٿري ايڊيٽس ڏٺي

آهي؟

چيو مانس نه.

وڏا ٺهڪ ڏيندي چيائين، پوءِ هتان نڪر پوڪ!!!

توکي ڪهڙي خبر ڏيمو ڇا هوندو آهي.

منڇي جو اهو جواب ٻڌڻ کانپوءِ، مان غمزده ٿي گهٽين ۾ گهمي رهيو هئس ته منهنجي اهڙي حالت ڏسي، گهٽين جي رولو ڪتن ڊوڙايو پڇڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيم پر ايندڙ ويندڙ گاڏين جي پٺيان پڇڻ جي بهترين مشق ڪيل ماهر ڪتا آسانيءَ سان ڦري ويا. پوءِ پتر ڪٽي انهن تي جوابي حملو ڪري پنهنجي جان بچائي! بس سائين توهان جو معاشرو، ماڻهو ته ماڻهو پر ڪتا به جذباتي لڳا پيا آهن. هتي ٻنهي مخلوقن کي آزاد ڇڏيو ويو آهي. پوءِ جنهن کي وڻين تنهن کي ڏنبي ڏين. ڪتن مان جان ڇڏائي ڪجهه اڳيان آيم ته ڪاليج جي ڪجهه شاگردن وٽان گذر ٿيو. انهن جيئن مون کي ڏٺو کلڻ ۽ چيڙون ڪرڻ لڳا. پڇيو مان ته ابا توهان کي ڪاليج ۾ اهو سيکاريو ويندو آهي ته ڪنهن مجبور، مسڪين ۽ بي وس انسان تي ٺوڪون ڪيو؟ تعليم ايئن پرائبي آهي؟ ڏاڍا بدتميز ڇورا هئا. جوب ڏنن، ته ڇاڇا تون انسان آهين ڇا؟ چيو مان، شاباس! واهه جو علم پرايو اٿو. خبر اٿئي ان جو ڇا جواب ڏنن. ڪلندي مون کي چين ته، اڙي مولائي، پڙهين جيڪا ٺوڪي تعليم ڏياري هوندي اها تو پرائي هوندي. اسان جا والدين، اسان کي جيڪا تعليم ڏياريندا آهن. اها اسان وٺڻ ايندا آهيون. هزارين روپيا خرچ ٿيندا آهن مهيني تي. انهن جا جواب ٻڌي وائڙو ٿي ويم ۽ پوءِ انهن کي تعليم جي مقصد بابت سمجهائڻ لڳم. پر ڇوڪرا وڏا کي ٽڪ هئا، منهنجا ڇيرا ڪڍي پڇي ويا. سوچيم ته جيڪا تعليم پئسن جو ٻج پوکي پوءِ حاصل ڪجي اهڙي تعليم مان اهڙيون جنسون ڦٽنديون جن کي نه ڍنگ سان ڳالهائڻ ايندو ۽ نه ئي ڍنگ سان جيئڻ.

پوءِ تون اهڙي شڪل ٺاهي گهٽين ۾ ڇو هلي رهيو هئين؟

اجنبي: صحيح ٿو چوين. پر توهان وٽ اهو رواج هوندو آهي جو توهان ماڻهن کي ٻاهريون حليو ڏسي سڃاڻي وٺندا آهيو ته هي ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟ ڇا توهان جي دماغ جي اندر ڪمپيوٽر چپس لڳل هونديون آهن جيڪي اوهان کي ان ماڻهوءَ جي صحيح معلومات ڏئي ڇڏينديون آهن؟ توهان ڪا نفسيات جي ميدان ۾ تحقيق ڪري آيا آهيو؟ هن همراهه جا وار اهڙا آهن ته سمجهه هي ايئين هوندو؟ هي ڇوڪري جينز پائي ٿي ته مطلب هئين هوندي؟ مڇون هيئن اٿس ته هنيئن هوندو؟ وار هيئن اٿس ته هن قسم جو ماڻهو آهي. توهان ماڻهن جي من اندر جهاتي پائي ڏسڻ جا عادي ڪڏهن ٿيندا؟ مان به ڪيترو چريو آهيان. جن ماڻهن کي ايتري توفيق حاصل نه ٿي آهي ته اهي پنهنجي من اندر ڏسي سگهن. اهي ٻين جو اندر جا نچڻ جي تڪليف ڇوڪندا؟ ڇا تو کان اها اميد ڪري سگهين ٿو ته اها گندگيءَ جي جاين تا اٿي ڪري سڳنڌ وارين جاين تي وڃڻ شروع ڪري؟ ڏس، تو مون تي الزام هڻڻ کان پهرين ايترو سوچيو ته مان پنهنجي اهڙي شڪل ڪونه ٺاهي هئي. ڊاڪٽر ۽ ٽاٽي واري منشي جي مهرباني آهي، توهان پنهنجو پاڻ کي سمجهو منهنجا پاءُ باقي ڳالهه سمجهو نه سمجهو ڪنهن تي هروڀرو الزام هڻڻ واري روش کان پري رهو.

ها ٺيڪ آهي تون صحيح ٿو چوين. پر انسان کي سنو ٿيڻ جو ماحول ڪجهه گهٽ مليل آهي. اسان کي جيترو بدتهذيب رکڻ لاءِ رياست ڪم ڪيو آهي ايترو جيڪڏهن تهذيب وارو ڪرڻ لاءِ خرچ ڪري ها ته شايد اسان ۾ تو کي ايتري حيوانيت نظر نه اچي ها.

اجنبي: ان ڳالهه کان انڪار نه آهي. خير اڳتي ٻڌ. ان ڪانپوءِ سنڌ جي ڳوٺن جو رخ ڪيم. انهن ڳوٺن ۽ وسندين ۾ ڏسڻ لاءِ صرف بک، مايوسي، ۽ جبر هئو. جڏهن مسڪين ۽ غريب هارين ۽ مزدورن جي حالت ڏٺي ته مون کي پنج هزار سال پراڻي موئن جي دڙي جي سنڌ ياد آئي جيڪا دنيا جي اسريل تهذيب هئي. اڄ جي سنڌ ڏسي ۽ ڳوٺن ۽ ماروئڙن جي حالت ڏسي سوچيم ته اسان تاريخ ۾ اڳيان جو سفر طئي ڪيو آهي يا پٺيان جو؟ ماضيءَ واريءَ اسريل سنڌ کي پوئتي ڌڪڻ جو ذميوار ڪير هو ان تي سوچڻ بغير مان حال جي سنڌ کي پوئتي ڌڪڻ واري رياستي ڍانچي ۽ جاگيرداري نظام تي سوچيندي، هڪ وڏيري جي اوطاق ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. رستي ۾ مون کي غريب ۽ مسڪين هاري جانورن وانگر محنت ۽ مشقت ڪندي نظر آيا. ايتري محنت ڪرڻ باوجود جڏهن مون انهن جا هيٺا ۽ ڪمزور جسم ڏٺا ته اندازو ٿيو انهن وٽ رزق جي ڪيتري نه ڪمي آهي. ڏس توهان وٽ مشهور آهي نه ته رزق جو ذمو الله ڪنيو اهي. جيڪڏهن پڇبو ته پوءِ ڪوڙ سارن ماڻهن کي اهو رزق ڇو ڪونه ٿو ملي ته جواب ڏيندا اها انهن فردن جي ڪوتاهي آهي. محنت نه ڪندا ته بک مرندا، ڏس هي جملو وري غور سان ٻڌ رزق انهن کي ملندو جيڪي محنت ڪندا آهن؟ محنت نه ڪندڙ بک مرندو. اتي وري هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو، سرمائيدار ، وڏيرا بيوروڪريٽ ايتري محنت نه ڪندا آهن جيتري محنت هاري ۽ مزدور ڪندو آهي. پوءِ رزق جا ذخيرا ته هارين ۽ مزدورن وٽ هجڻ کپن؟

سرمائيدار ۽ وڏيري وٽ ڳڏ ڪيئن ٿي وڃن ٿا؟

ڇا پلا ڪو وڏيري، سرمائيدار ۽ امير جو پٽ غريب هاري، ۽ مزدور جي پٽ کان وڌيڪ محنت ڪندو آهي جو انهن وٽ کائڻ لاءِ لذيذ طعام جڏهن ته مزدور ۽ هارين جي پٽن جا پيٽ بکايل؟

مزدور ۽ هارين جي اهڙي خسته حالت مون کي پڇڻ تي مجبور ڪري ٿي ته ڏينهن رات محنت ڪرڻ ڪانپوءِ به انهن جون ضرورتون پوريون ڇو ڪونه آهن؟ انهن وٽ کائڻ لاءِ عزت جو رزق ميسر ڇو ڪونه آهي؟ دماغ ۾ هي سوچون کڻي وڏيري جي اوطاق ۾ داخل ٿيم. وڏيرو اوطاق ۾ ايئن ويٺل هو ڄڻ ته ان کان وڏي ٻئي ذات زمين تي آهي ئي ڪونه، ڪنڌ سيڌي ايئن ويٺل هو لڳي پيو پوتار ڪاٽن جي ڪپڙن مان جادوئي طور ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي. مون کي ڏسندي ئي نوڪرن کي رڙ ڪري چيائين ته اڙي هي لوسي ڪير آهي؟ فقير آهي ڇا؟ مون توهان کي چيو آهي ته فقيرن کي ڪجهه ڏئي درڪان ئي واپس موٽائي ڇڏيندا ڪيو؟ هي اندر ڪيئن آيو؟ عرض رکيو مانس، سائين مان نه فقير آهيان نه ئي لوسي. جيڪڏهن توهان پنهنجن ڪتن، ڪڪرن ۽ گهوڙن کان وڌيڪ يا انهن جيتري عزت ڏيو ته مان هڪ ڳالهه ڪيان. وڏيري رڙ ڪري چيو ته اڙي تنهنجي چوڻ جو ڇا مطلب آهي ته اسان جانورن جي عزت انسان کان وڌيڪ ڪندا آهيون؟ پنج آڱريون ڏيکاريندي چيائين ته تون وري مون تي الزام ٿو هڻي؟ عرض رکيو مانس. سائين پل ٿي وئي توهانجي شخصيت جو رعب تاب ۽ دٻدٻو ڏسي دهشت ڇڙهي وئي. الائي ڇا بڪي ويس. جي اجازت ڏيو ته ڪجهه ڪيان وڏيرو منهنجو اهو طنز ٻڌي گل وانگي ٽڙي پيو ۽ چيائين بَڪُ!!! توهان عجيب مخلوق آهيو. ڪوڙي تعريف تي ڀهڪي پئو ٿا ۽ سچي تنقيد تي ٿهڪي. ايئن پيو لڳي ڄڻ ڪنهن توهانجي ڪپڙن کي باهه ڏني هجي. وڏيري پنهنجي پرسان ٻيٺل ڪتي کي پوچڪارو ڏئي پٽ وانگر پيار ڪندي چيائين ها پُٽ مان پنهنجي ڳالهه رکڻ وارو هيس ته ايتري ۾ ڪجهه ماڻهو هڪ اڌڙوت عمر جي

شخص کي ماريندا ۽ گهليندا اوطاق ۾ داخل ٿا. بس يار ڇڏ ان ڳالهه کي مون کي بس ايترو ئي ٻڌائڻو هيو تون کي.

نه يار توکي ٻڌائڻ کپي ته وڏيري کان تو ڇا پڇيو؟

اڌ ۾ ڳالهه ڇڏڻ انصاف نه آهي. مون کي پوري ڳالهه ٻڌاءِ.

اجنبي: مان ڇا ٻڌايان. رت ٿو ٿهکي. مان تو کي پنهنجي بي وسي ۽ کنهن جي مظلوميت جو ڇو ٻڌايا؟

تون اهو غلط پيو کرين؟ ٻڌاءِ ڇا ٿيو اڳتي؟

اجنبي: ڇڱو ٻڌ. ان کان اڳ جو مان پوتار اڳيان پنهنجو سوال رکان، اهي ماڻهو ان پورهي کي وڏيري جي پيرن آڏو اڇلائيندي چيو پوتار هي وٺو توهانجو شکار.

وڏيري جو ڌيان مون تان هٽي ويو ۽ هڪ ٽلهي لٺ سان ان پورهي هاري کي ڪٽڻ شروع ڪيو. اوطاق ۾ ٻيا به هاري ويٺا هئا. انهن سيني پنهنجا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا. مان بي وسي مان ان مظلوم هاري کي ڪتجندي ڏسندو رهيس ڪٿي آهين هر ڌڪ کائڻ کانپوءِ اهو چئي رهيو هيو ته اي الله سائين تون اهو؟ هي ڏس، هي مون کي بيگناهه ماري رهيا آهن؟ اي الله جي آهين ته پوءِ هيٺ اچ. مون کي هنن ظالمن کان بچاءُ؟ بيگناهه آهيان. اي الله تون ڪٿي آهين؟ اي الله تو آهين ڪٿي؟ مان اهيو سڀ ڪجهه برداشت نه ڪري سگهيم. منهنجي جسم ۾ ساهه هجي ها ته مان پوڙهي لاءِ ڪجهه ڪيان هان پر ڪوڙ سارن هاري مون کان بهتر صحت هوندي به خاموش ويٺا هئا. مردار ڪنهن جاءِ جا! بس مان اتان ڪسڪي آيس. وڏيري کان بغير اهو سوال پڇڻ جي نه انهن جي اندرِ جو انسان ڪڏهن جاڳندو؟ پوءِ ٿورو اڳتي آيم ته هڪ گولي جي آواز سان گڏ ان اڌڙوٽ هاري جي خوف سان ڀريل رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. ويچارو هاري

بي موت ماريو ويو ۽ هن سماج جا فرد، ٽاٽا، ڪورٽون ۽ جج ان هاري لاءِ ڪجهه به ڪري نه سگهيا. سچ پڇين ته ڊاڪٽر جي پٽر ۽ منشي جي مار مون کي ايتري تڪليف ڪونه ڏني جيتري تڪليف ان بي وس هاريءَ جي واقعي ڏني. ڳوٺ جي اندر آيس ته هڪ عورت پنهنجي معصوم ٻارن کي آٿت ڏيندي اهيو سمجهائي رهي هئي ته پٽ روئڻ بس ڪيو، توهانجو نانا جلدي وڏيري جي اوطاق تان واپس ايندو پوءِ توهان کي ٻني تي گهمائڻ وٺي ويندو. اها عورت ان اڌڙوٽ هاري جي ڌي هئي. هوءَ صفا ڪومايل هئي؟ صرف مٿين دل سان پنهنجن ٻارن کي آٿت ڏئي رهي هئي. بس پوءِ جيترو جلدي مون کان ٿيو ان ڳوٺ مان ٻاهر نڪرڻ لڳس. ڪجهه پنڌ ڪري آيس ته پنهنجي پٺيان گارين ۽ هڪلن جو آواز ٻڌو وڏيري جا ماڻهو مون طرف اچي رهيا هئا. ايستائين جو انهن مون تي سڌيون گوليون هلايون شايد انهن کي قتل جي شاهد کي مارڻو هيو. مان زبردستي انهن کان پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيم. ان ڪوشش دوران ڌڪو به آيو. هڪ جوتو لهي ويو ۽ ٻانهه ۾ زخم به اچي ويو. بس هر زرو زرو ۽ سَنڌ سَنڌ ڏکي رهيو هو سوچيم جتان آيو آهيان، اوڏانهن واپس هليو وڃان. هتي سماج ۾ اجان وڏيڪ ٻوساٽجندو رهندس. پوءِ رستي ۾ تون ملي وئين ۽ تون کي اهو سڀ ٻڌائڻ لاءِ هتي وٺي آيس.

مان ان همراهه جا لفظ ٻُڌي سن ٿي ويم. ڪجهه گهڙيون پهرين جنهن همراهه جو ڳالهيون بيوقوفي ۽ ڪل جهڙيون لڳي رهيون هيون انهن مون کي گهري سوچ ۾ وجهي ڇڏيو. مون ان کي آٿت ڏيندي چيو ته يار پريشان نه ٿي. اسان جنهن سماج ۾ رهون ٿا اُتي مظلومن سان ظلم ٿيڻ ڪا نئين ڳالهه نه آهي. پِلا تون ان ڳالهه تي ڇا چوندي ته اسان وٽ ظالم جي حفاظت لاءِ بندوقون مظلومن جي هٿن ۾

هونديون آهن. هاڻي جنهن سماج ۾ ظالمن جي حفاظت خود مظلوم ڪن ان سماج ۾ مظلومن تي ٿيندڙ ظلم تي پڇجي ۽ ماتم ڪجي يا انهن جي غلامي طرف پنهنجي رويي تي؟ مان ايتري ڳالهه سمجهان ٿو جنهن ڏينهن مظلومن هٿن ۾ بندوقون پنهنجي حفاظت لاءِ ڪنيون ان ڏينهن اهڙا مسڪين هاري بي موت ۽ ڪسمپرستي ۾ نه مرندا. ظالم جي حڪم تي هڪ مظلوم جڏهن ٻئي مظلوم تي گولي هلائي اهو جبر ۽ قهر اٿئي ۽ جڏهن مظلوم پنهنجي بي وسي ۽ پاڻ تي ٿيندر ظلم کي سمجهي وٺي ۽ اها بندوق ظالم جي طرف موڙي اِها اٿئي بغاوت يا انقلاب.

هونءَ به ظلم ڪرڻ کان صرف هڪ طريقي سان ئي رڪجي سگهي ٿو ۽ اهو آهي جڏهن مظلوم ظلم سهڻ کان انڪار ڪري ڇڏي. جرمن فلاسافر هيگل چواڻي ته "بگهيڙ بگهيڙ تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن اوهان رڍون ٿيو ٿا....!!!"

اجنبي: ها، ادا بلڪل سچ پيو چئين. مون کان وڌيڪ اها ڳالهه ٻيو ڪير ڄاڻيندو هوندو.

ها ٿي سگهي ٿو!! تو پنهنجي درد ڪٿا ته ٻڌائي. پر هاڻي ٻڌاءِ ته سهي تون ڪير آهين؟

اجنبي: مان ڪير به هجان. توکي مون کي سڃاڻڻ جي ايتري پريشاني ڇو آهي؟ ڏس مان تنهنجي سماج مان چڪر هڻي آيو آهيان. ماڻهن جي مٽي جو سور جا سبب يا انهن جي بحث جا موضوع ڏاڍا سطحي آهن. مون محسوس ڪيو ته ماڻهون شهرن ۾ ان ڪري رهندا آهن جو اهي وڌ کان وڌ ملڪيت ناهڻ جي چڪر ۾ پيل آهن. ٻيو ته انهن جو مقصد عزت ڪمائڻ آهي سمجهن ٿا ته پئسن جي بغير عزت ملڻي نه آهي. ڳوٺن ۾ ويم ته انهن جي بحث جا پسنديده موضوع ڳائيٺا ۽ ڳائٽيون هيون. ڏاڍا گهٽ ماڻهو مليا جيڪي سنجيدگيءَ سان سنڌ جي معاشي ۽ سماجي حالت تي ويهي بحث ڪن.

سچ ٻڌايانءِ ته انهن کي پنهنجي غلام هجڻ جو احساس نه اٿئي حقيقت هي به آهي ته رياست اسان واري مظلوم قوم کي گمراهه رکڻ لاءِ پنهنجا رياستي اوزار جهڙوڪ جاگيرداري، ميڊيا، مذهبي انتهاپسندي کي ايترو ته بهترين طريقي سان استعمال ڪرڻ ڄاڻي ٿي جو اسان جي قوم کي ڏکن، سورن، بي روزگاري، جهالت، ۽ مهانگائي هيٺ جيئڻ جو ته غم آهي پر انهن کي گمراهه هجڻ جو غم بلڪل به نه اٿئي ۽ شايد ته غلام هجڻ جو به نه! پوءِ جيڪڏهن ايترا سارا ماڻهو حقيقتن کي ڄاڻڻ لاءِ پريشان نه آهن ته توکي منهنجي حقيقت ڄاڻڻ جي ڳڻتي ڇو آهي؟

ڳڻتيءَ ۾ وجهي پڇين ٿو ته ڳڻتي ۾ ڇو آهي؟

اجنبي: مون توکي ٻڌايو ته پاڻ سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لائبرري واري دروازي تي مليا هئاسين. وڌيڪ ڄاڻڻ چاهين ٿو ته مان تو وانگر هن سماج بلڪه پوري دنيا جو حصو آهيان. مان اڪثر پنهجو وقت لائبرين ۾ گذاريندو آهيان. سينٽرل لائبرري ۾ اچي ڏاڍو مزو آيو ۽ خوشي به ٿي جڏهن مون ڏٺو نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون صحتمند ذهنن ۽ جسمن سان ڪتابن سان ڀريل ڪمرن ۾ ڪرسين تي اچي ويهندا آهن پر منهنجي اها خوشي ڏاڍي عارضي ثابت ٿي. مون ڏٺو ته شاگردن جي اڪثريت ڪتاب پڙهڻ، علم حاصل ڪرڻ، ۽ مثبت انداز ۾ سوچڻ جا عادي نه آهن. سچ پڇي ته اهي سچ کي ڄاڻڻ لاءِ ايترو پريشان نظر نه آيا جيترو پريشان اهي ڪنهن کي پنهنجو جيون ساٿي بنائڻ لاءِ نظر آيا.

بلڪل صحيح ٿو چوي پر اهي سچ جي تلاش ڇو ڪن؟

اجنبي: ڇو ته اوڏاري سچ تي جيئڻ فريب ۾ جيئڻ اٿئي. ان فريب مان انهن کي

ٽڪرڻ جي جستجو ڪرڻ ڪپي. هتان جي رياست ان اُڏاري سچ جي ڄار ڪي ڏاڍي سهڻي نموني پوري سماج ۾ ڦهلائي رکيو آهي. ايئن ڪٽي سمجهه ته نوجوانن ڪي ڪيئن سوچڻ سيکارجي ان شيءِ جو ڪو بندوبست نه ڪيو ويو آهي باقي ان ڳالهه جو بهترين بندوبست ٿيل آهي ته نوجوانن کي پنهنجو عقل استعمال ڪرڻ ۽ سوچڻ کان ڪيئن روڪجي؟

يقين ڪر ته رياست جي ان پلي ڪم ۾ پائيوار ٿيڻ لاءِ معاشري جا ڪافي فرد، خاندان ايتري تائين ته اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جا استاد، ليڪچرر ۽ پروفيسر به پريشان اٿئي. ۽ ڏاڍي بهترين طريقي سان سچ جي واٽ کي روڪيو ويئا اٿئي. ان ڪان وڌيڪ ڪنهن قوم جو الميو ڇا هوندو جنهن قوم جا استاد جن جو ڪم هوندو ئي شاگردن کي مختلف علمن تي سوچرائڻ آهي اهي شاگردن جي سوچ بند ڪرائڻ جو سندرو ٻڌيون بيٺا هجن اهي استاد سچو ڏينهن ان ڳالهه تي پريشان اٿئي ته ٻارن کي سوچڻ کان ڪيئن روڪجي. ۽ پوءِ ٻارن کي نه سوچرائڻ جي پگهار وٺي پيٽ پريو سُتا پيا اٿئي.

تنهنجي ڳالهه قابل غور آهي. اسان وٽ ڪوڙ سارا علم ڏيندڙ فرد بي علم آهن انهن کي پنهنجي بي علم هجڻ جو ڪوئي غم نه آهي، اڳتي ٻڌاءِ!

اجنبي: لائبرري ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو مون طرف رويو ڏاڍو ڏرائتو رهندو آهي. ڪتابن جي ڇوڌاري رهڻ باوجود انهن جا موضوع پنهنجا ذاتي مسئلا هوندا آهن يا سيميسٽر کي پاس ڪرڻ وارن سوالن جوابن تي ۽ ڪبڻن ۾ پيل ڪتابن کي شاگرد اڪثر ڏسڻ ايندا آهن، پڙهڻ نه. پلا ميوزم ۽ لائبرري ۾ ڪجهه ته فرق ڪن. لائبررين ۾ ڪوڙ سارا ڪتاب ڏسڻ لاءِ آهن يا پڙهڻ لاءِ؟

شاگرد مونسان يا مون تي گهٽ ڳالهائيندا آهن.

يار اهي تو سان ڪئين ڳالهائيندا. تون انهن لاءِ اوپرو ۽ اجنبي فرد هوندين. اهي توکي نه سڃاڻندا هوندا؟

اجنبي: اهي مون کي نه ٿا سڃاڻن ٺيڪ آهي پر مان انهن لاءِ اجنبي يا اوپرو بلڪل به نه آهيان. مان انهن منجهان آهيان. انهن ۾ آهيان. بس پوءِ جڏهن لائبرري ۾ پاڻ سان اهرو برتاءُ ٿيندي ڏٺم ته ٻاهر سماج ۾ ماڻهن سان سان ملڻ آيم. سماج ۾ ڪهڙي عزت ٿي تو کي سپ ٻڌايم. آخر ۾ تو سان هڪ ڳالهه ونڊڻ چاهيان ٿو.

ها، بلڪل ٻڌاءُ.

اجنبي: توکي خبر آهي اڄ دنيا ۾ هر انين ماڻهن مان هڪ بک تي اٿئي. دنيا ۾ 25 هزار ماڻهو روزانو بک ۾ مرندا آهن. انهن مان 22 هزار صرف ٻار آهن جن جي عمر 5 سالن کان گهٽ هوندي آهي. ماڻهو سمجهندا آهن ته انسان صرف جنگين جي حالتن ۾ مرندا آهن. بمن ۽ گولين ۾ مرندا آهن. اڄ به غزا ۾ شهيد ٿيندڙ معصوم ٻارن تي ٻين وانگر ڏکايل مان به آهيان. پر جيڪي 22 هزار ٻار روزانو بک جي بمن ۾ مرن ٿا. ان تي ايتري خاموشي ڇو؟ دنيا وارا ان ڳالهه تي بحث ڪندي نظر اچن ٿا ته ٽين مهاڀاري لڙائي لڳندي يا ڪونه لڳندي؟ انهن کي خبر ئي نه آهي ته سرمائيداري ڏاڍي منظم انداز ۽ خاموشيءَ سان ٽين مهاڀاري لڙائي مظلوم قومن ۽ پرتن تي ٿاڦي چڪي آهي. ڏس هڪ ڏينهن ۾ 25 هزار ماڻهو مرن ٿا هفتي کن ۾ 2 لک ٿي وڃن ٿا.

جنگين جي حالتن ۾ بي موت مرندڙ ماڻهن تي حيراني بلڪل جائز پرامن جي حالتن ۾ بي موت مرندڙن تي خاموشي اسان جي انسان هجڻ تي سواليه نشان ڇڏي ٿي!!(؟)

بس تونسان ايترو ئي ڳالهائڻو هو.

ٺيڪ آهي پر تو مون کي اڃا تائين نه ٻڌايو ته تون ڪير آهين؟

اجنبي: بس اجنبي سمجهه، اوپرو سمجهه. ايترو ئي ڪافي آهي. ڪيترا ماڻهو جيئرا آهن سواءِ اهو ڄاڻڻ جي ته اهي ڇو زنده آهن؟ تون به مون کي ڄاڻڻ کانسواءِ زنده رهي سگهين ٿو.

ڇا تون مون کي لائبرري تائين ڇڏي ايندين؟

ها ڇڏي اچي سگهان ٿو. پر هن حالت ۾ بلڪل به نه! پهرين اسان ڊاڪٽر ڏي هلنداسين ته جيئن تنهنجي زخمن لاءِ دوا وٺجي ۽ ان ڪانپوءِ ٿاڻي تي. ان ڊاڪٽر جي خلاف رپورٽ داخل ڪرائڻ جنهن تنهنجي اک زخمي ڪئي آهي.

اجنبي: نه مان انهن پوسٽ وارين جاين ڏانهن وري نه هلندس.

مون کي ياد پيو اچي جڏهن مان ان کي لائبرري ۾ ڇڏي گهر واپس اچي رهيو هئس. ان جو ڪومائيل چهرو مون کي هر هنڌ نظر اچي رهيو هو. مان جيڏانهن نظر ڪيان پيو اهو سامهون هو ۽ مان اکيون هيٺ ڪري گهر هليو آيو هئس. پر ان کي لائبرري ڇڏي اچڻ کان پهرين ان کي پنهنجي گهر وٺي آيو هئس. هن جي ٿوري ملم پٽي به ڪئي هئي. مون ان کي پائڻ لاءِ بوٽ ۽ ڪپڙا به ڏنا هئا. ڏاڍو خوبصورت ٿي پيو هو. گهر کان وٺي لائبرري تائين جي سفر ۾ پوءِ هن ڪجهه به نه ڳالهايو. خاموش ۽ اداس هو. هڪ تڪليف ۽ پيڙاءُ مان گذري رهيو هو. ۽ شايد ته ان کان وڌيڪ تڪليف ۽ پيڙاءُ مان پاڻ به هئس. مون کي اهو بيگناهه هاري ۽ ايتري تعداد ۾ بک مرندڙ ماڻهن ۽ ٻارن جا اجنبي چهرا دماغ ۾ اچي رهيا هئا. اهڙي حالت ۾ اسان ٻنهي تي خاموشي طاري ٿئي هئي. تلخ حقيقتون انسان کي ڪيئن نه خاموس ڪرائي ڇڏن ٿيون. ان ڏينهن سمجهه ۾ آيو هو.

مون ان کي سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لائبرري جي دروازي تي لاٿو ۽ بغير ڪجهه چوڻ ۽ موڪلائڻ جي اتان نڪرڻ لڳس. مون ڏٺو هو ته خاموشي سان اندر وڃي رهيو هو. مان پنهنجي منزل طرف وڌڻ لڳس ته هن سڏ ڪيو ۽ چيائين.

اجنبي: ڇا تون مون کي ڄاڻڻ نه چاهيندي؟

مون هيترا دفعا توکان پڇيو تو ٻڌائڻ نه چاهيو ته سوچيم هاڻي توکي وڌيڪ تنگ نه ڪيان.

اجنبي: ايڏو جلدي ٿڪجي پئي؟ مون کي ڄاڻڻ لاءِ ڪيتريون منزلون طئي ڪرڻيون پونديون آهن. الائي ڇا ڇا سهڻو پوندو آهي. الائي ڪيترو ڪجهه وڃائڻو پوندو آهي تون ايترو جلدي ٿڪجي پئي؟

مان هن جا اهي لفظ ٻڌي حيران ۽ ششدر ٿي ويم ۽ اکيون ڦاڙي ڦاڙي هن کي ڏسڻ لڳم ۽ هن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳم. ڏٺل هو، سڃاتل هو پر اڃا به اجنبي ئي هو، مهنجي اهڙي حالت ڏسي هوءَ مسڪرائڻ لڳو ۽ چيائين مان سچ آهيان ۽ پوءِ غائب ٿي ويو.

بقايا --------- هوچي منهه

1922ع ۾ سوويت يونين ۾ سڄي دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي فرانس طرفان هوچيءَ کي نمائندو ڪري موڪليو ويو. پر لينن جي وفات ڪري اها ڪانفرنس 1924ع تائين پوئتي ڪئي وئي. 1923ع ۾ KUTV يا اسٽالن اسڪول نالي يونيورسٽيءَ ۾ سياسي تعليمي تربيت ورتي. هيءَ يونيورسٽي ڪومنٽرن يعني ٽين ڪميونسٽ انٽرنيشنل اوپر جي غلام قومن جي اڳواڻن ۽ سياسي ڪارڪنن جي سياسي تربيت لاءِ کولي وئي هئي. هوچيءَ 1924ع ۾ ٽين انٽرنيشنل جي ميمبر طور چين ويو. اتان جي ڪامريڊن سان گڏ ڪم ڪندو رهيو ۽ اتان ويهي ”ويٽنامي نوجوانن جي انقلابي ليگ“ جوڙيائين. ان ليگ کي هوچيءَ جو لکيل ڪتاب ”انقلابي رستو“ پڙهايو ويندو هو.

1926-27ع ۾ چين اندر ”چيانگ ڪائي شيڪ“ ڪميونسٽن خلاف مار ڌاڙ شروع ڪئي تنهن لاءِ هوچي اتان ڪسڪي ٿائيلينڊ هليو ويو. تن ڏينهن ۾ ٿائيلينڊ جو شهر ”اوڊن“ ويٽنام جي آزادي پسندن جو ڳڙهه هيو. اتي وڃي هوچيءَ ويٽنامين جو ”ڪو آپريٽو سوسائٽيون“ جوڙايون. انهن سوسائٽين جو

ڪم ٿائيلينڊ ۾ رهندڙ ويٽنامين کي منظم ڪرڻ، تعليمي اسڪول جوڙائڻ، غريب ويٽنامين لاءِ ڪاڌي ۽ رهائش جو بندوبست ڪرڻ ۽ انهن کي هڪ حد تائين سيڪيولر ڪرڻ به هيو. هوچي ان ڪم ۾ ڪامياب رهيو، پر هڪ ڳالهه جنهن هوچيءَ کي تنگ پئي ڪيو سا هيءَ هئي ته اتي رهندڙ ويٽنامي پنهنجو پاڻ کي پناهگير سمجهندا هيا ۽ ٿائي ٻولي سکڻ ۾ ڪباهت سمجهندا هيا، ڇو ته هنن لاءِ ويٽنام جي آزاديءَ جو سوال رڳو ويٽنام تائين محدود هيو پر هوچي انهن کي تحريڪ جا عالمي پاسا سمجهائيندي چيو ته جيستائين اوهان ٻين ملڪن جي پيڙهيل طبقن ۽ غلام قومن سان سهڪاري رويو نه رکندؤ تيستائين اسين عالمي تحريڪ جو حصو نه بڻجي سگهنداسون. جيئن ته سامراجي به عالمي ڄار وڇيو ويٺا آهن تيئن اسان کي به عالمي ڏڪُ هڻڻو پوندو ته ڪا وڏي حاصلات ٿيندي. هوچي ڪامريڊن تي اڪثر زور ڀريندو هيو ته ٻين ٻولين جي سياسي نظرياتي مواد کي پنهنجي ٻولي ترجمو ڪريو ۽ ٻولي عام فهم بڻايو. تن ڏينهن ۾ هوچي ڪڏهن ڪڏهن دوستن سان ڪچهريءَ ۾ گهڻو وقت گذاري ويندو هيو ته پوءِ رات جو دير تائين جاڳي اها ڪثر ڪڍندو هيو پر مقرر ڪيل پڙهائيءَ لکائيءَ جو ڪم ضرور پورو ڪندو هيو. 1929ع ڌاران هوچي ٿائيلينڊ کان سائيگان ويو ات اڳ ئي سوسائٽيون جڙيل هيون. هوچي اتي ماڻهن ۾ قومي جذبو جاڳائڻ لاءِ اسٽيج ڊراما ڪرائيندو هيو ۽ انهن ۾ پنهنجا لکيل گيت ڳارائيندو هو، جنهن سان نوجوانن ۾ جوش جي لهر ڊوڙي ويندي هئي. ان دوران هڪ اهم ڪم اهو ٿيو ته ويٽنام جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٽن ڌڙن جو پاڻ ۾ الحاق ٿيو جنهن جي مرڪزي ڪميٽي سڏي طرح هوچيءَ جي ضابطي هيٺ هئي. 31-1930ع ڌاران هوچي چين واپس آيو پر هانگ ڪانگ جي پوليس هٿان گرفتار ٿي ويو ۽ پوءِ اها افواهه هلائي وئي ته هوچي جيل اندر فوت ٿي ويو آهي جنهن تي سڄي دنيا اندر هوچي کي ڀيٽا ڏني وئي ۽ هن تي ڪوڙ سارا روس اندر به ليک لکيا ويا جن ۾ هوچي جي ڪم جي طريقه ڪار تي روشني وڌي وئي. نيٺ 1933ع ۾ ماڻ ميٺ ۾ هوچيءَ کي جيل مان آزاد ڪيو ويو. آزاد ٿيڻ کانپوءِ هوچي روس هليو آيو ۽ اتي لينن اسڪول ۾ 6 مهينن جو تربيتي ڪورس مڪمل ڪيو. ان دوران هو روس اندر موجود ويٽنامي ڪامريڊن کي ليڪچر ڏيندو رهيو هو. روس ۾ تمام گهڻي ٿڌ سبب هوچي منهه ٽي بي ۾ ورتجي ويو پر مناسب علاج سبب ورڪي ڇاڪ ٿي ويو. نئين حاصل ڪيل علم تحت هوچيءَ ڪوڙ سارا ليک روسي ۽ ٻين ٻولين مان ويٽناميءَ ۾ ترجمو ڪيا.

1938ع ۾ هوچي واپس چين آيو ۽ اتي چين ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ويڙهاڪن جي تربيت ڪندو رهيو. ٻئي طرف چيانگ ڪائي شيڪ ڪميونسٽن خلاف باهه ٻاري ڏني هئي. مٿان وري فرانسيسي، آمريڪي ۽ جپاني جاسوس هن جي پويان هٿ ڌوئي پئجي ويا ۽ ٻئي طرف ويٽنام جا قومپرست جيڪي گهڻا تڻا سرمائيدار، جاگيردار يا وچين طبقي منجهان هيا انهن ڪميونسٽن سان دوستاڻا لاڳاپا ختم ڪري سندن خلاف ٿي بيهي رهيا. ان حالت ۾ اها طبقاتي ٻيهڪ ۽ نظرياتي پختگيءَ جو ئي ڪرشمو هيو جو ڪارڪن انهن بلائن کان بچندا ۽ پنهنجو ڪم ڪندا رهيا ۽ حوصلو نه هاريائون.

1941ع ۾ جڏهن جپان ويٽنام تي چڙهائي ڪئي ته هوچي ICP (انڊو- چائنيز ڪميونسٽ پارٽي) جي اڳواڻن سان گڏجي ”ويٽ منهه“ نالي آزادي جي گوريلا تحريڪ شروع ڪئي. 1945ع ۾ جپان ويٽ منهه آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا ته هوچي منهه ويٽنام کي DRV (ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ آف ويٽنام) جو نالو ڏنو ۽ هوچي منهه آزاد ويٽنام جو پهريون صدر ۽ پهريون وزيراعظم بڻيو. هاڻ هوچي منهه تي هن جو آخري فرضي نالو ”هوچي منهه“ معنيٰ روشن بڻائڻ وارو پيو (ياد رهي ته هوچيءَ جو نالو هوچي منهه فرضي آهي سندس اصل نالو ”نگوين سنگهه ڪنگ“ آهي) فرانس ويٽنام کي آزادي ڏيڻ لاءِ تيار نه هيو سو وري جنگ ڇڙي پئي. پر ويٽنام جيڪو هڪ دفعو جنگ کي سائنسي بنيادن تي ٻيهاري چڪو هيو ۽ ننڍين وڏين لڙاين ۾ اعتماد حاصل ڪري ۽ نيٺ ورڪنگ ڪري چڪو هيو هاڻ ان کي روڪڻ فرانسيسين جي وَس جي ڳالهه نه رهي هئي. نيٺ ويٽڪانگ گوريلن هوچيءَ منهه جي رهبريءَ ۽ جنرل گياپ جي ڪمانڊ هيٺ فرانس کي 1954ع ۾ ”ڊين بين ڦو“ جي ميدان تي شڪست ڏني. فرانس شڪست ته مڃي پر حرفت مان ڪم وٺندي جنيوا ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪرائي ويٽنام کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪ اتر ويٽنام جنهن تي هوچي منهه جي حڪومت قائم ٿي ۽ ٻيو ڏکڻ ويٽنام جنهن تي سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جو قبضو رهيو. عجب منظر اهو هيو جو اتر کان ڪئٿولڪ (عيسائي) ڪميونسٽ مخالف

اڳوڻا نوڪر شاهي وارا ۽ امير ماڻهو ڏکڻ ڏانهن ويا ۽ ڏکڻ کان هاري ۽ غريب اتر طرف ويا. ائين طبقاتي بيهڪ ۽ عالمي سامراج قومي وحدت کي ٻه ٽڪر ڪري ڇڏيو پر 1960ع ۾ ويٽڪانگ گوريلا ڏکڻ ويٽنام جي پهاڙن تي چڙهي آيا ۽ جنرل گياپ جي ڪمانڊ هيٺ جنگ جاري رهي پر هوچي ڪمزور ۽ بيمار رهڻ لڳو ۽ نيٺ 3 سيپٽمبر 1969ع ۾ دل بيهي رهڻ ڪري 79 سالن جي عمر ۾ فوت ٿي ويو ۽ هن جي جسم کي "هنوئي" شهر ۾ "باڊنهه اسڪوائر" نالي ميوزيم ۾ رکيو ويو آهي. هي اها ئي جڳهه آهي جتي هوچي 1945ع ۾ ويٽنام جي آزادي جو اعلان ڪيو هيو.

اڳتي هلي جڏهن 1975ع ۾ ڏکڻ ويٽنام به فتح ٿيو ته اتان جي شهر سائيگون جو نالو "هوچي منهه شهر" رکيو ويو.

هوچي منهه

اديب رتڙ



”هوچي منهه“ جيڪو ويٽنامي قومي آزاديءَ جو جڳ مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ آهي، ان جو اصل نالو ”نگوين سنهه ڪَنگ“ آهي جيڪو 19 مئي 1890ع ۾ ويٽنام جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ”هئنگ ترو“ ۾ هڪ صوفي مَنش شخص ”نگوين سنهه سيڪ“ جي گهر پيدا ٿيو. هوچي منهه جي پيءُ پنهنجو ننڍپڻ پهرين پنهنجي چاچي جي گهر نوڪرن وانگر سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪندي ۽ بي عزتو ٿيندي ۽ پوءِ پنهنجي هڪ استاد (جيڪو ڪنفيوشيس جي خيالن وارو اسڪالر هو) جي گهر پڙهائي ۽ ڪم ڪار ڪندي گذاريو ۽ جڏهن وڏو ٿيو ته سندس استاد جي منشا تحت هن جي وڏي ڌيءَ سان شادي ڪئي. هوچيءَ جو هڪ وڏو ڀاءُ ۽ هڪ ڀيڻ هئي (جيڪي بئي ويٽنام جي قومي تحريڪ جا اڳواڻ رهيا). هوچيءَ جي شروعاتي تعليم غير رسمي طور سندس پيءُ ۽ هڪ استاد ”يونگ ٿوڪ ڊو“ وٽ ٿي. هن اتي ڪچي پڪي چيني ٻولي به سِکي ورتي ۽ ڪنفيوشس جون ڪجهه لڪٿيون به پڙهي ورتيون. بعد ۾ هن رسمي تعليم به باضابطه ورتي. ننڍپڻ ۾ هي لغڙ اڏائڻ ۽ مڇين پڪڙڻ جو ڪوڏيو هيو.

هوچيءَ جو ٻالڪپڻو غلام ويٽنام ۾ گذريو. جتي ڌرتي ڌٽي ننڌڪا، بکن ۾ پاهه جهڙوڪر هڏاهان پڃرا ۽ لڪرڻ ۽ وٽن جي پنن مان ٺهيل جهوپڙين ۽ چنن ۾ رهندا هيا ته ٻئي پاسي فرانسيسي قبضي گير ڪوٺن ۽ محلاتن جهڙن گهرن ۾ رهندا هيا ۽ سڄو ڏينهن نشي ۾ ڌت، خچرن جيڏا پليل وحشي بڻيا پيا گهمندا هئا. بندري قد وارو ڪمزور نبل هوچي انهن سامراجن کي ڏسي مٺيون پڪوڙي دل ئي دل ۾ چوندو هيو ته ڪاش آءُ به سگهو هجان ها ته هنن سوئرن کي ماري مڃايان ها. هوچيءَ ننڍي هوندي کان ئي حد درجي جو جذباتي هوندو هيو پر ان هوندي به هن کي ان ڳالهه جي پرواهه ضرور هوندي هئي ته جذبات ۾ اهڙو ڪجهه به ناهي ڪرڻو جنهن سان ملڪ ۽ قوم بجاءِ دشمن کي فائدو رسي. چو ته هن کي ننڍپڻ کان ئي هي جملا ورثي ۾ مليا ته ”تنهنجو علم ۽ عقل هن جي قوم جي امانت آهي. ان کي ڌاريي آڌو نوڪر ٿيڻ بجاءِ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڪتب آڻج.“ (هي هڪ عام ويٽنامي چوٽي آهي)

جڏهن هوچي 13 سالن جو هيو تن ڏينهن ۾ فرانسي سامراج ويٽنامي وسيلن جي ڦرلٽ تيز ڪرڻ لاءِ روڊ رستن، پلين ٺاهڻ ۽ ريل جون پٽڙيون وڇائڻ لاءِ ماڻهن کي زبردستيءَ مارَڪُٽَ ڪري بيگر ۾ ڪم وٺندا هيا، ضرورت پوڻ تي سڌيون گوليون به هلائيندا هيا. هڪ دفعي ڪنهن پُل تي هلندڙ ڪم دوران ڪنهن ڳالهه تان سپاهين ويٽنامين تي سڌيون گوليون هلايون جواب ۾ ڪجهه ويٽنامين سپاهين کي ٻَڪُ هڻي ڪٽي درياءَ ۾ ٽپو ڏنو ته اسين ته مرون ئي پيا چو نه هي مردود به مرن. ان دور ۾ حڪومتي ڪارندا هوچيءَ جي ڳوٺ جي چڱي مڙس کي گرفتار ڪرڻ آيا ته هوچيءَ پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو. ان چڱي مڙس جو ڏوهه چڙو اهو هيو ته هن جي ڳوٺ جا ماڻهو صلح سانت سان رهيا پئي ۽ پاڻ ۾ جهيڙو جهٽو نه هيس. اهڙو ڪَلور هوچيءَ کان سَٺو ڪونه ٿيو. 1903ع ۾ ويٽنام جي هڪ محبِ وطن گوريلا اڳواڻ ”ڦان لوئي چائو“ هڪ ڪائونسل ٺهرائي جنهن جو ڪم چونڊ ويٽنامي نوجوانن کي جاپان پڙهائي لاءِ موڪلڻ هيو. ان ڪائونسل ان ڪم لاءِ هوچيءَ کي به چونڊيو پر هوچيءَ ٻن سببن جي ڪري وڃڻ کان انڪار ڪيو هڪ ته ان ڪائونسل جو سربراهه هڪ شهزادي کي ڪيو ويو هو (هوچيءَ مطابق ته ڪنهن شهزادي جو ڇا وڃي عوام جي سورن سان) ٻيو ته اها ڪائونسل جپان جي سهاري هلي رهي هئي، جيڪو پاڻ هڪ سامرج هيو. ”ڦان لوئي چائو“ بعد ۾ پاڻ جاپان هليو ويو ۽ اتي ويهي قومي شعور وڌائڻ لاءِ ڪتابچا لکندو رهيو.


هوچي جي پيءُ پڙهائي جاري رکندي ڊاڪٽريءَ جي ڊگري ڪري ورتي ان زماني ۾ ويٽنام ۾ ڊاڪٽر جي عزت ڪنهن شهزادي کان گهٽ نه هئي. مٿان وري فرانسيسي سامراج کي اهو ڊپ پيو رهندو هو ته پڙهيا لکيا نوجوان قومي تحريڪ جو حصو نه بڻجن ان ڪري کين نوڪريون ۽ عهدا ڏئي هنن کي پنهنجي ضابطي ۾ رکندو هيو. ان لاءِ هنن هوچي جي پيءُ کي به هڪ وزير جو سيڪريٽري بڻايو ۽ بعد ۾ ميجسٽريٽ پڻ بڻيو، پر سامراجين جي منشائن جي ابتڙ، هوچيءَ جو پيءُ ڪورٽن ۾ ڪيس هلائڻ بجاءِ ڪورٽن کان ٻاهر ئي ماڻهن جا پاڻ ۾ ٺاهه ڪرائي ڇڏيندو هو. ان ڳالهه تان سرڪار بگڙجي پئي ۽ هوچيءَ جي پيءُ کي سندس عهدي کان هٽايو ويو، جنهن تي هن صوفي منش ماڻهوءَ ڪٽي ڏکڻ ويتنام جو منهن ڪيو ۽ ڪڏهن به گهر واپس نه آيو. ان دوران هوچيءَ جي رسمي پڙهائي رڪجي وئي ۽ هن پڙهڻ بجاءِ هڪ بورڊنگ اسڪول ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو پر مهينن کان پوءِ اها نوڪري به ڇڏي ڏني ۽ بيچيني ۽ عدم اطمينان واري حالت ۾ رهيو.

1911ع ڌاران جن ڏينهن ۾ چين ۾ ”ڊاڪٽر ”سن يات سِن“ وارو قومي انقلاب ڪامياب ٿيو تن ڏينهن ۾ هوچي ڏکڻ ويٽنام جي شهر سائيگان هليو ويو ۽ اتي وڃي هن هڪ ٽيڪنيڪل اسڪول ۾ داخلا ورتي ۽ هڪ جهاز ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو. جهاز ڪمپنيءَ مان هن کي اهو فائدو پهتو جو هو وڃي آمريڪا پهتو اتي هڪ وڏي دڪان تي بورچي بڻيو ۽ پوءِ نيويارڪ ۾ به هڪ بيڪريءَ تي مزدوري ڪيائين. 1913-17ع ۾ هو لندن ۾ مختلف

مزدوريون ڪندو رهيو ۽ پوءِ اتان فرانس پهتو. فرانس ۾ هن جي ڏيٺ ويٺ ڪجهه ترقي پسند نوجوانن سان ٿي جن وٽان هن روس جي سوشلسٽ انقلاب ۽ ڪميونزم بابت ڪجهه ان ڳالهه جهڙوڪر هِن جي اندر ۾ چٽنگ ٻاري وڌي ته محنت ڪشن جو به ڪو ڏيهه ٿي سگهي ٿو جتي پورهيت راڄ هجي. ائين فرانس ۾ هوچيءَ واسطو نظرياتي پڙهائيءَ لڪائيءَ سان ٿيو. تن ڏينهن ۾ هوچيءَ جي علمي ۽ عملي طور تمام گهڻي اوثر ٿي. هن پاڻ تي هڪ فرضي نالو "نگوين آئي ڪئوڪ" رکيو ۽ پاڻ هڪ طرف فوٽو گرافي ڪندو هيو ته ٻئي طرف "لي پيرا" نالي اخبار ۾ فرانسيسي سامراجيت ۽ ويٽنامي مزاحمتي تحريڪ جي حق ۾ ليک لکندو هيو. "لي پيرا" اخبار هڪ پروگريسو اخبار هئي. هي کليو ڪلايو فرانس جي خلاف لکندي هئي هن ۾ آفريڪي غلام به ڪم ڪندا هيا ۽ هن اخبار جي پٺڀرائي فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي ڪندي هئي. ان دورِ ۾ هڪ اڌ دفعو فرانس جي حڪومت هوچيءَ کي اخبارن ۾ نه لکڻ واري شرط تي سٺيي نوڪرين جي آڇ به ڪئي ته دڙڪن دهمانن مان به ڪم ورتو پر هوچي ان ڳالهه کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندو هو.

هوچيءَ جي هڪ خاص عادت هوندي هئي ته هو عام ميڙاڪن وارين جڳهين جهڙوڪ هوٽلن ۽ ڪلبن وغيره تي وڃي پنهنجي رلٽي ملٽي طبيعت جي ڪري نوَن نوَن ماڻهن سان ڪچهريءَ جي ڪري انهن تائين پنهنجا خيال پچائيندو رهندو هيو. هوچيءَ سدائين غربت ڏٺي تن ڏينهن ۾ هوچيءَ وٽ سمهڻ لاءِ کٽ به نه هوندي هئي، پٽ تي تڏو وڇائي به ٿي ڪتاب وهاڻي طور مٿي هيٺان رکي سمهندو رهيو. سيءَ کان بچڻ لاءِ هن وٽ ڪا گرم شيءِ مٿان وجهڻ لاءِ به نه هئي، صبح جو ڪم تي وڃڻ مهل به ٿي سرون گهر جي مالڪياڻيءَ جي چلهه ۾ رکي ويندو هيو ۽ رات جو واپسيءَ تي اهي گرم سرون هڪ ڳوڻ ۾ وجهي سڄي رات ان مان گرمي وٺندو هيو. جمعي جمعي رات ڪميونسٽ پارٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ ويندو هيو. اتي هو ڪامريڊن جا سياسي ڪم ڪار جا طريقا ڏسندو رهيو پنهنجي خسته حال باوجود به ڪامريڊن ۾ اميد ۽ جوش پيدا ڪندو رهيو هو. انهيءَ دور ۾ هوچيءَ جو پهريون ناول به فرانس ۾ ڇپيو. تَن ڏينهن ۾ فرانس ۾ پهرين، ٻين ۽ ٽين انٽرنيشنل تي بحث هلندڙ هوندو هيو. جنهن تي هو چي ڪامريڊن کان پڇيو ته ڪهڙي انٽرنيشنل قومن جي آزاديءَ جي حمايت ٿي ڪري ته دوستن جواب ڏنس ته ٽين انٽرنيشنل، جنهن تي هوچيءَ چيو ته پوءِ آءٌ به ٽين انٽرنيشنل جو حمايتي آهيان. ان عرصي دوران جڏهن فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي پارليامينٽ لاءِ اليڪشن وڙهڻ جو فيصلو ڪيو ته هوچي کي به هڪ سيٽ تي بيهاريو ويو پر غير فرانسيسي هجڻ ڪري هوچي اها سيٽ هارائي ويو. تنهن هوندي به فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي ويٽنام سان يڪجهتيءَ طور اهم ڪم ڪيو.

(ڏسو صفحو 57)


باندی
کامریڈ شفیق احمد شفیق
میں صدیاں دی باندی اڑیو میں صدیاں دی باندی
مرداں دے انیائے پاروں اپنا آپ گواندی
میں صدیاں دی باندی اڑیو میں صدیاں دی باندی
بُت نوں راضی رکھن دے لئی مینوں بھیٹ چڑھایا
جُھوٹھی غیرت اُتے مینوں جیوندی نوں دفنایا
جادو گرنی آکھ کے مینوں اگ دے وچ سٹوایا
حُت کک وڈھ کے مینوں ننگا وچ بازار گھمایا
ٹھکا مار کے رزق دے خاطر چکلے وچ بٹھایا
رشوت دے لئی دوجیاں اگے مینوں پیش کرایا
داج بنا گھمار ہے میرے روپ دا پُھل کملایا
جنگاں دے وچ مرداں دے میں لُٹ دے مال وچ آندی
میں صدیاں دی باندی اڑیو میں صدیاں دی باندی
مرداں دے انیائے پاروں اپنا آپ گواندی
میں صدیاں دی باندی اڑیو میں صدیاں دی باندی
نفع کماون دے لئی مینوں ایہہ تشہیر بناندے
مینوں وکدی چیز سمجھ کے جوئے دے وچ لاندے
مینوں توڑن دے لئی میتے ایہہ تیزاب سٹاندے
مرضی دا بر چُنن دے پاروں مینوں قتل کراندے
جن کڈھن دے بہانے شاہ جی میرے کپڑے لہندے
دولت دے لئی میرے ماپے باپے نال دیاندے
جے میں پڑھ لکھ جاواں مینوں ان پڑھ دے وس پاندے
محنت کردی جتھوں لنگھاں مہنے طعنے کھاندی
میں صدیاں دی باندی اڑیو میں صدیاں دی باندی
مرداں دے انیائے پاروں اپنا آپ گواندی
میں صدیاں دی باندی اڑیو میں صدیاں دی باندی
اپنا دشمن مارن دے لئی مینوں کاری کر دے
اپنی ذات بچاون دے لئی ونی ونی کر دے
اُتوں آئے صحیفے دے نال میری شادی کر دے
مُلاں کر دے میرا حلالہ، پنڈت ستی کر دے
ماپیاں اُتے بھار، چٹی دے گھار وچ جتی کر دے
بڈھی عمرے ٹکرے لا کے مینوں رڈی کر دے
حق انصاف دی تکڑی دے وچ مینوں ادھی کر دے
نا مرضی نال کھا سکنی آں نا مرضی نال پاندی
میں صدیاں دی باندی اڑیو میں صدیاں دی باندی
مرداں دے انیائے پاروں اپنا آپ گواندی
میں صدیاں دی باندی اڑیو میں صدیاں دی باندی
انیائے نوں اکھاں میٹ کے اڑیو ہُن نہیں سہنا!
مل ماراں دی وستوں دے وچ بھُکھ سی کے نہیں بہنا!
جاگیراں دے راج سنگھاسن دے نال رل کے کھہنا!
جد تک ایہہ دُنیا نا بدلے اڑیو لڑ دیاں رہنا!
لال پھریرا دوہنے ساڈا، واتری ہتھوڑا کہنا!
دلیس دے چپے چپے اُتے ایہہ اعلان کراندی!
ہُن نہیں رہنا باندی اڑیو ہُن نہیں رہنا باندی!
ہُن نہیں رہنا باندی اڑیو ہُن نہیں رہنا باندی!
ہُن نہیں رہنا باندی اڑیو ہُن نہیں رہنا باندی!